ڪنج
سنڌ کان سنڌونگر تائين ڪهاڻي
ڪوڙو سچ
هري موٽواڻي 'سنڌي

International Ltd.

- Travel
- Marine
- Medical
- Burglary
- Household
- Personal Accident
- Provident Fund
- Workman Compensation

ارپيان ٿو :

دل ۽ دماغ سان
مڪمل سنڌي شخصيت
دادا مورجمل منگھناڻيءَ کي .....

- هري سنڌي.

With Best Compliments from

Lal's International Ltd.

Your Reliable Insurance Connection For :

- **Life**
- **Fire**
- **Motor**
- **Travel**
- **Marine**
- **Medical**
- **Burglary**
- **Household**
- **Personal Accident**
- **Provident Fund**
- **Workman Compensation**

Unit B, 18/F, Wing Hang Insurance Bldg
9-17 Wing Kut Street, Central
G.P.O. Box 9991
Hong Kong

Tel Nos.: 2850 5666
2850 6555
2850 4333
Fax No.: 2851 7061

Koonj

The Lord seems to prefer common people.
That is the reason he made so many of them

With Best Compliments of:

RAM MOORJANI

RAMA EXPORTS

For Exports Contact:
LAXMAN MOORJANI
DEEPAK MOORJANI

RAMA EXPORTS
Mumbai-400 021.
#: 204 28 00 - 204 28 01
Fax: (22) 202 35 31, (22) 287 36 10.

E-mail: rama@bom2.vsnl.net.in

With Best Compliments from

HARGOBIND TRUST

(Medical Fellowship) Awards/Scholarship

to Indian Doctors Male or Female
for higher education in
Universities/Colleges/Medical Institutions
of the United States of America,
Europe, U.K. and Australia.

Five Scholarships
are awarded every year
(January to December)

FORMS are available
from the following address:

**Post Box No. 16593,
Worli, Mumbai-400 018.**

With Best Compliments From :

DESIGNER

KNITWEAR

ASHMINA

- NEW STYLES
- NEW TRENDS
- NEW DESIGNS
- NEW COLORS
- LATEST LADIES' WESTERN STYLES

IN

COTTON & LYCRA STRETCH KNITS

AND

COLOURS TO MATCH YOURS MOODS

CHOOSE FROM A WIDE RANGE OF

T-SHIRTS, SHORT & LONG TOPS

PANTS, PALAZOS, STIRRUPS, MINI

MIDI, MAXI, SKIRTS, DRESSES

BODY SUITS, LEOTARDS, TIGHTS

Crossroads - C/225, 2nd Floor, Haji Ali,
MUMBAI - 400 034. ✆ 4955109 - 4955114.

●

99/H, Khatau Mansion, Opp. St. Stephen's Church,
Warden Road, MUMBAI - 400 036. ✆ 367 51 69

Wtih Best Compliments From :

ગોલ્ડન GOLDEN

કલર પ્રિન્ટ Color Prints

QSS 1 DAY

1 هڪ ڪلاڪ ۾ رول جي ڊيولپنگ ۽ پرنٽنگ
HOUR SERVICE AVAILABLE AT OUR LAB.

گولڊن ڪلر پرنٽ

PRAKASH COLOR LAB PVT. LTD.

پرڪاش ڪلر ليب پرائيويٽ لميٽيڊ

٧ - جي، چينوپائي سينٽر، آشرم روڊ، احمد آباد - ١

Tel. : 6578397, 6578523

PRAKASH COLOR LAB PVT. LTD.

٥٧١، پادشاه پول، پرگتي بئنڪ جي سامهون، احمد آباد - ١

Tel. : 5359574

Suman Ramesh Tulsiani Charitable Trust

We are dedicated to serving the needs of our less fortunate brethren in the fields of

EDUCATION - nurturing the MIND

MEDICINE - nurturing the BODY

CULTURE - nurturing the SOUL

Ramesh Tulsiani

Suman Ramesh Tulsiani Charitable Trust

1103/1104, Tulsiani Chambers, 212, Nariman Point, Mumbai-400 021 Tel.: 285 1505, Fax: 285 5856
Tel.: ® 288 3288, 285 0646

دنيا جي سيني سنڌين کي

رام جوهراڻي

چيئرمن

جون شپ ڪامنائون

سهيوگ فائونڊيشن

سماجڪ، سانسڪرتڪ ۽ تعليمي سنستا

١٤-١٨، وٺوبا لين، فرسٽ فلور، ڪالباديوي، بمبئي-٤٠٠ ٠٠٢

SAHYOG FOUNDATION

A SOCIO-CULTURAL EDUCATIONAL ORGANISATION

Registered Under the Public Trust & Societies Reg. Act.

14 - 18, Vithoba Lane, Ist Floor, Kalbadevi, Bombay-400 002

Tel: 201 6860, 648 1826.

ڪوڙو سچ

سنڌي ناول

سنڌي ڳالهائيندس سنڌي لڳندس

هر سنڌيءَ ۾ سرهو لڳندس

گهر گهر ۾ سنڌي ڳالهايو

سنڌيت جو مان وڌايو

With Best Wishes From

Notan Tolani

Hong Kong

Reflex X-98

کوڙو سچ

(دستاويزي ناول)

ليکڪ:

هري موٽواڻي سنڌي

کونج پبليڪيشن

۴، گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، شهيد ڀڳت سنگھ مارگ،

ممبئي - ۴۰۰۰۲۳. فون : ۲۸۷۲۸۷۸

ڇايادار ۽ ڦلدار درخت ڏسي پڪي پنهنجا آکيرا اڇي اڏيندا آهن. اُلهاسنگر به اُن درخت مثل ئي آهي جنهن ۾ الڳ الڳ جاتين ۽ ورگن جي لوڪن پنهنجا اجها اچي اڏيا آهن. ليڪن اهو وسارڻ نه گهرجي ته هن پٽرائين پٽ ۾ اهڙي ڦلهاري درخت جو ٻوٽو لڳائڻ پنيان سنڌين ڪيترو خون پسينو وهايو آهي، جن هن نگر سان، جنهن کي هنن سنڌونگر ڪوٺڻ شروع ڪيو آهي، پنهنجي قسمت ٻڌي، ڪيس پنهنجو 'هوم ٽائون' تسليم ڪيو آهي!...

ناول بابت ليکڪ طرفان:

هڪ برک اِنقلابيءَ ابو ۽ اجهو ناول پڙهي لکيو تہ مان سنڌونگر [اُلهاسنگر] جي پسمنظر ۾ هڪ آهڙو ناول لکان جنهن ۾ سنڌين جي پرشارٿ ۽ سورهيائيءَ کي ڏيکاريو ويو هجي.

مان ١٩٤٩ع ۾ پهريون دفعو اُلهاسنگر آيس جڏهن اُهو اجا ڪلياڻ ڪئمپ هو. ١٩٥٠ع کان مان هميشہ لاءِ هردوار چڏي ڪئمپ ۾ اچي رهيس. ١٩٦٠ع تائين لڳاتار ڏهہ سال اُتي رهيس ۽ پوءِ بمبئيءَ لڏي ويس. ليڪن منهنجو ناتو ڪئمپ سان لڳاتار جڙيو رهيو، اڄ تائين جڙيل آهي، ڇوتہ ڪونج مخزن اُن نگر مان ئي ڇپبي آهي ۽ مان هر هفتي اوڏانهن ويندو رهندو آهيان!...

ايترن سالن جي عرصي ۾ مون ڪئمپ کي ٻار جيان ٻانبڙا پائڻ کان وٺي، ڪشور اوسٿا جون ٻوڙون ۽ نوجوانيءَ واريون ٻرانگهون پائيندو ڏٺو آهي. ڪئمپ کان شهر جي روپ ۾ وڪاس پائيندو ڏٺو آهي.

اُهو سمورو پسمنظر منهنجي ذهن ۾ محفوظ هو...

مون ناول جو بنياد هڪ اهڙي ڪٽنب تي رکيو جيڪو ١٩٤٨ع ۾ ٻين نرواسين جيان سنڌ مان لڏي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي ٽائيڪو ٿيو ۽ پنهنجي قسمت ڪئمپ سان جوڙي، ڪيس پنهنجو 'هوم ٽائون' مڃي، ڪرم ڪيتر ۾ ٽپي پيو. پر پوءِ بہ اُن ڪٽنب جو وڏڙو پنهنجي جنم ڀومي سنڌ کي وساري نہ سگهيو...

تنهنڪري ناول جي تاڃي پيٽي ۾ سنڌ جون يادگيريون بہ شامل آهن. ورهاڱي کان اڳ جون، ورهاڱي جي وقت جون ۽ اُتان لڏي، ڪئمپ ۾ اچي وسڻ جون!

ناول ۾ ڪيترا ڪردار پنهنجن اصلوڪن نالن سان آيا آهن. ليڪن اُنهن ڪردارن جي اوسر ۽ سوچ چاهي وَرتڻ، منهنجي ذهني سوچ آهي، ڪاوش آهي، حقيقت ۽ ڪلپنا جو ميلاپ آهي.

مون ڪوشش ڪري ڪردارن کي ڏوتل لباس يعني شفي روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اگر ڪٿي، ڪنهن ڪردار جو نفي روپ چٽجي ويو آهي، لٽا ميرانجهڙا آهن تہ اُهو اُن ڪردار جي ڪيل ڪارگذاريءَ بدولت هوندو.

ناول بابت مونکي ايترو ئي چوڻو هو... وڌيڪ جيڪي ڪجهہ چوڻو آهي، اُهو اسان جي برک ليکڪ ۽ ناول سمراٽ شري گوبند مالهيءَ کي چوڻو آهي، جنهن لاءِ مون ڪين وينتي ڪئي تہ 'مهاڳ' توهين لکو ۽ هنن فراخدلي ڏيکاريندي منهنجي هن ناول 'ڪوڙو سچ' جو مهاڳ لکڻ قبول ڪيو.

هري موٽواڻي سنڌي

Kaudo Sach
A Sindhi Novel
by: Hari Motwani Sindhi
Dec:-2000
First Edition
Rs. 80.00

ڪونج
ڊسمبر ٢٠٠٠
سال: ٤١ - پرچو ١٢
ساليانو چندو: ١٠٠ رپيا ٻن سالن جو -/١٥٠ رپيا
لائيف ميمبرشپ: ٥٠٠ رپيا
هيءُ پرچو: ٨٠ رپيا

ڪئليگرافي ۽ سڪيچ: لڇمڻ مسافر
ايڊيٽر: **ڊاڪٽر ارجن شاد - هري موٽواڻي سنڌي**

ڇپيندڙ ۽ ڇپائيندڙ: **پرڪاش ايڇ موٽواڻي**
٤، گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، شهيد ڀڳت سنگھ مارگ، ممبئي ٢٣

ڇپيندڙ: **آرٽ سپاٽ**
٢١٢، الائيڊ انڊسٽريل اسٽيٽ،
ماهيم، ممبئي-١٦ فون: ٤٤٦٤١٣٤ - ٤٤٦٥٩٧٢

چيف پيٽرنس: پروفيسر رام پنجواڻي، شري ناري گرسهاڻي، شري رام دادلاڻي، شري موهن ڪيسواڻي، شري نند ڇڳاڻي

قائم ڪيل هوندو. ۽ ان ۾ هري موٽواڻيءَ وڏيڪ آزمودگار ۽ وڏيڪ رچناتمڪ ۽ وڏيڪ ڪلڪراليءَ ڪري ڪو شاهڪار رچيو هوندو، گهٽ ۾ گهٽ پنهنجن اڳين ناولن کي شهه ڏني هوندي. مگر دستاويز دستاويز رهجي ويو آهي ۽ دستاويز جي سلسلي ۽ رٿا ۾ ترتيب جي ڪوتاهي رهجي ويئي آهي. جيڪي ته هريءَ بس مس ڪئي آهي. اهڙي بس هن کي ٻيهر ڀاڳن سان نصيب ٿيندي ۽ مان ميڃان ٿو ته اهڙي اپر چوڻي، جيڪا هريءَ کي هن ناول ۾ ملي هئي، اسان کي به نصيب نه ٿي هئي!

پوءِ به هريءَ جو هيءُ ناول ڪافي محنت وارو ۽ پڙهڻ لائق آهي. الهاسنگر جي وڪاس، ڪن جاتل سڃاتل ڪردارن، گڏيل ڪٽنب جي گهٽي حد تائين صحيح تصوير چٽڻ ۽ ڪي ڪي حقيقتون اڻ وسهڻ لائق به وسهڻ لائق بنائڻ ۽ ڪلا وسٽ کي ٿلي پٺي سلسلو ڏيڻ سان 'ڪوڙو سچ' کي ڪوڙو گهٽ مگر پڙهڻ لائق وڌيڪ بڻايو آهي ۽ اِها ٿوري حاصلات نه آهي. ان لاءِ هريءَ داد لهڻو. هن جا ٻه وڌيڪ مقبول ناول ابو ۽ اجهو محدود جيون کي وڌيڪ باريڪ بينيءَ ۽ واقعن ۽ ڪردارن تي وڌيڪ پڪڙ ڪري بازي ماري ويا ۽ هريءَ کي هڪ پڪو پختو ڪامياب ناول نويس بڻائي ويا. جاڻ، پڪڙ ۽ سلسلي بيان ڄاڻائڻ ته ابو ۾ وڌيڪ آهي، منهنجي سمجهه ۾ هري موٽواڻي ابو ڪري سنڌي ساهتيه جڳت ۾ مانيتا حاصل ڪئي ۽ جيئن ڪيترن ٻين ساهتڪارن جي حالت ۾ ٿيو آهي، بهترين رچنا ساهتيه اڪادمي انعام لاءِ نظرانداز ٿي ويندي آهي پر اُن پهرين رچنا جي اثر هيٺ ٻين ڪامياب رچنا انعام جو اعزاز پائيندي آهي.

انهن ٻن ڪتابن جيتري ڄاڻ، انيوتي ۽ بيان جي قوت، 'ڪوڙو سچ' ۾ هري ڪتب آڻي ها ته ڪوڙو سچ نه صرف هريءَ جو بلڪ سنڌي ساهتيه جو شاهڪار ناول بڻجي پوي ها. ٻه وشيون، ورهاڱي ڪانپوءِ جي جيون ۾ آيل، عاليشان ناول پيدا نه ڪري سگهيون آهن جو سنڌين لاءِ وڌيڪ همدردي ۽ عزت جو باعث ٿي سگهن. هڪ ورهاڱي جو درد ۽ ٻي الهاسنگر جي جيون جي عڪاسي. هريءَ ڪهاڻيءَ ۽ اُن جي رٿا تي پورو ۽ گهربل ڌيان ڏنو آهي ليڪن الهاسنگر جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل بابت گهڻو ڪي نه چيو آهي. ڪي جاتل سڃاتل به صرف نالا آهن. سنڌونگر جي وڌڻ ۽ آرٽڪ، سماجڪ پهلوئن ۾ جن چڱو رول ادا ڪيو آهي. اُنهن ۾ به ڪجهه نالا غائب آهن. خاص طور سيتلداس ڪيماڻي ۽ سخاوت چوٿواڻي، سيتل ۾ سلامت جي يوگدان جو به گهڻو ورڻن ڪونهي. پرچي ۽ پيپوءَ جو وڌيڪ ذڪر آهي پر پرچي جي الهاسنگر جي راڄنيتيءَ ۾ يوگدان جو به صرف مختصر احوال آهي ۽ پيپوءَ جو ڏاڪو برابر ڏيکاريل آهي. خود الهاسنگر مليٽري ٻئرڪن مان ماڊرن شهر ڪيئن بڻيو، اُن جو تفصيلوار ورڻن ڪونهي.

پوءِ به گوبندرام جي ڪردار ۽ هن جي زندگيءَ کي ڪافي اثردار نموني چٽيو ويو آهي. الهاسنگر اتفاقي آهي پر گوبندرام ۽ پريوار جو نرواسي جيون ڪافي تفصيلوار، چٽو ۽ اثردار آهي. وڻشائن لاءِ هن جي عزت به ڪافي وزندار آهي پر موهنيءَ کي ننهن بڻائي اهڙي آسانيءَ سان سماج کي درگذر ڪرڻ

مهاڳ

اڄ هري موٽواڻي ’سنڌي‘ ساهتيڪ کيتر ۾ پبلشر طور تہ ڪامياب ويڪتي مڃيو وڃي ٿو پر رچناتمڪ کيتر ۾ جتي هن جي جڳهہ پهاڙيءَ جي قطار ۾ محفوظ رکي ويئي، اُها محفوظ جڳهہ هن جي لڳن ۽ محنت سان اڳتي سرندي سرندي پهرين صف جي پوئين اڌ ۾ وڌيڪ محفوظ بہ ٿي آهي، نمايان بہ ٿي آهي ۽ عزت لائق بہ ٿي آهي. پندرهن سالن جي لڳين سر اڀياس، زندگيءَ جي وشالتا ۽ نجتا کي باريڪ بينيءَ سان ڏسندي ۽ کيترين حالتن ۾ ڪردارن سان لهہ وچڙ ڪان وڌ هڪ هڪ سان ويجهو ناتو جوڙي هن اُنهن ڪردارن ۽ اُنهن جي الڳ الڳ حالتن کي آهڙي نظر سان ڏٺو، سوچيو ۽ محسوس ڪيو آهي جو رچنا پڙهڻ لائق پنهنجي جڳهہ تي، گڏوگڏ اُها زندگيءَ جي جدا جدا پهلن ۽ ڪردارن کي پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ۽ معياري بڻجي پوي ٿي.

اِن اڀياس ۾ اجا ٿوري وڌيڪ گهرائي ۽ وسعت اچي وڃي ۽ هن جي ويچارن کي وڌيڪ سلسلو ۽ ظاهر ڪرڻ جو ادبي ۽ ڪلاڪاري ڏانءُ ملي وڃي تہ هري موٽواڻيءَ کي پهرين صف ۾ اجا بہ بهتر مرتبي ۽ مانيتا واري وڌيڪ جڳهہ ملي سگهي ٿي. هن کي خلقڻ ۾ قوت ۽ ڪردارن کي آدم قد ڏيڻ ۽ مواد کي وڌيڪ روچڪ ۽ اثردار بنائڻ جي ترتيب ملڻ باقي آهي. هن جي تڪڙي ۽ معياري ترقي اِن باقيت ۾ جدت آڻي سگهي ٿي.

هيءَ سڀ ڳالهيون مان نہ لکان ها جي هڪ طرف هريءَ ۾ ذڪر ڪيل قوتن جي اڻاٺ هجي ها ۽ هن جي لکڻ جي صلاحيت ۾ وڌيڪ رچنائن جي توفيق نہ هجي ها، هن ناول جهڙي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندڙ اهم شاخ تي قلم آزمائي ڪرڻ جي مشق نہ پچائي هجي ها ۽ ڪنهن حد تائين ڪاميابي نہ پاتي هجي ها. ۽ سڀ کان وڌيڪ هيءَ ناول بهترين ماحول، وڌيڪ گوناگون، زندگيءَ مان ورتل ڪردارن ۽ هيڏي ساري پئنورما جي باوجود ناول گهٽ ۽ دستاويز وڌيڪ نہ هجي ها. هر ناول زندگيءَ جو هڪ دستاويز آهي پر هر دستاويز ناول ٿي يا ڪوٺي نہ ٿو سگهجي.

دستاويز ۾ حقيقتون گهڻيون هونديون آهن پر اُنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪلاتمڪ طرز بيان جي درڪار نہ هوندي آهي. دستاويز ۾ صرف حقيقتن جو ذڪر هوندو آهي، گهڻو تڻو پيرائتو. ناول ۾ دستاويز بدران ڪٿا وستو هوندي آهي جنهن کي اثردار بنائڻ لاءِ واقع ڪاري ۽ ڪردارنگاري گهربل هوندي آهي ۽ واقع ڪاري ۽ ڪردارنگاري ڪٿا وستوءَ جي اوڄ جو باعث آهن. تنهن ڪري ناول رچناتمڪ آهي ۽ دستاويز صرف حقيقت جي بيانبازي. قابل ناول نگار دستاويز ۽ ناول وچ ۾ سهڻو ميل ڪري ناول کي اجا بہ وڌيڪ اعتبار جوڳو ۽ اثردار بنائيندو آهي.

’ڪوڙو سچ‘ مان مون اها اُميد رکي هئي تہ حقيقتن جي بيان ۽ ناول جي ضروري عناصرن، ڪردارنگاري ۽ واقع ڪاريءَ ۾ وڻندڙ ۽ وڌيڪ ڪشش ڪندڙ ميل

ڪُوڙو سچ

باب پهريون

وڏيءِ مشڪلات سان ڪَٽُ لڳل ڪلف ڪليو. ليڪن چابيءَ کي ڪٽ ڪانہ لڳي هئي. اُها ٻين چابين سان گڏ ڇلي ۾ محفوظ هئي، تنهن ڪري اُن کي ڪٽ ڪانہ لڳي هئي.

پٽس لڇمڻ ڇيو هوس ٻئرڪ وڪڻو تہ پئسو بزنيس ۾ لڳايون. آلائي ڇو هن جڏهن بہ ٻئرڪ وڪڻڻ جو سوچيو تہ کيس پنهنجي سرڳي پتا جون ڳالهيون ياد آيون. پٽس ٻڌايو هوس تہ جڏهن هنن وطن ڇڏيو تہ کين جاءِ جا خريدار مليا پئي. پر هن اِئين چئي جاءِ ڪانہ وڪي هئي تہ هيءَ ورهاڱو عارضي هو ۽ هو جلدئي پنهنجي وطن واپس ورندا. اِهو سوچي هن جي پتا، هتي، اُن جاءِ جو ڪليم بہ نہ وڌو هو. هن تہ ٻين کي بہ سمجهايو هو تہ جاين جا ڪليم نہ وجهو، پر ڪيس ڪنهن نہ ٻڌو هو. هو پاڻ مٽس چٽرون ڪندا هئا تہ هو سنڌ واپس هلڻ جا آجايا سپنا لهي رهيو هو.

اِهو سچ هو. پٽس سنڌ واپس ورڻ جا سپنا لهندو هو. هو سمجهندو هو تہ سنڌين جو وجود سنڌ ڌرتيءَ سان جڙيل هو جيئن مرهٽن جو مهاراشٽرا سان جڙيل آهي. اِهو غلط بہ نہ هو. هر جاتيءَ جو پنهنجي ڀوميءَ سان ئي لاڳاپو هجي ٿو، پوءِ بلاشڪ تہ اُها جاتي ڪٿي بہ رهندي هجي، اِئين جيئن مرهٽا سنڌ ۾ رهندي بہ مهاراشٽرا سان لاڳاپيل هئا.

پٽس ٻڌائيندو هو تہ سنڌ ۾ مرهٽا، گجراتي، مدراسي، مارواڙي، بينگالي ۽ ٻين جاتين جا ماڻهو رهندا هئا. اُنهن مان گهڻا سرڪاري نوڪرين ۾ هئا ۽ ڪي واپاري هئا، خاص طور مارواڙي ۽ گجراتي. آهي، جيڪي غير سنڌي هئا، پنهنجي پنهنجي وطن ويندا هئا جيئن سنڌ ورڪي سنڌي، ڏيساور تان سنڌ ورندا هئا.

جيئن مرهٽو، مدراسي، گجراتي ۽ بينگالي پنهنجي پنهنجي پرانت ۾ جنم وٺڻ سبب، اُن پرانت جو سڏبو آهي، تيئن

۽ هيڏي ساري انقلابي قدم کي بلڪل دستوري بڻائڻ ڪافي کٽڪي ٿو. موهنيءَ جو سنڌي بڻجڻ سلو پر اُهو ڦيرو ڪيئن آيو. اهو هڪ وسهڻ جهڙو ڪارنامو نٿو لڳي. اهي سڀ ڳالهيون سهج سڀاويڪ ٿيون ٿين. درحقيقت هن ناول جو ڪمزور ۾ ڪمزور پاسو اِهو آهي جو هر واقعو، هر اوسر سهج سڀاويڪ ٿي ٿئي. متڀيد، چڪتاڻ ۽ ڇو ۽ ڪيئن جهڙن سوالن جي گويا گنجائش ئي ڪانهي. هريءَ پنهنجي ايمانداري ڏيکاري آهي، پالڪ کي ان ايمانداريءَ سان پڙهڻو ۽ داد ڏيڻو آهي. مڇڻ مراد آهي ته هريءَ جيڪي لکيو آهي، اُهو دلچسپ ضرور آهي ۽ پالڪ جي رچي سلامت رکي ٿو.

هن ناول ۾ ڀل آرٿڪ ترقي، سماجڪ جيون ۽ راڄنيتي پهلو جو بيان اڻپورو هجي پر گهٽي ۾ گهٽو کٽڪندڙ پهلو اهو آهي ته ٻوليءَ، ساهتيه ۽ سکيا يعني سنسڪرتڪ جيون جو نه جهڙو ورنن آهي جيتوڻيڪ حقيقت اِها آهي ته سنڌونگر ۽ بمبئيءَ جي ساهتڪارن ٻنهي هنڌ سنسڪرتڪ جيون کي هيڏي ساري اُڃ ڏني. خود اُن وقت جي سنڌين ٻوليءَ کي ڀارتي وڌان جي اٺين شيڊول ۾ جڳهه ڏيارڻ لاءِ هڪ ڪامن پليٽ فارم جوڙيو ۽ هڪ ٻئي سان پورن سهڪار ڪيو هو. هنن ثابت ڪيو ته جئن سرير کي کاڌو کپي تيئن آتما کي به غذا کپي. ٻئي ضروري مگر آتما وڌيڪ لازمي آهي.

ساهتڪارن جا نالا ڳڻهڻ سلو پر سلو ٿئي ها ته هنن سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سان نڀايو، خوب نڀايو، ان جو ذڪر به ناول ۾ هجڻ ضروري هو.

سڀ کان وڌيڪ سنڌونگر سنڌ جو، سنڌين جي گڻن اوگڻن جو، خوبين خامين جو، چئجي ته سنڌيت جو عيوضي نگر آهي. آشائن نراشائن ۽ ڀاونائن جو آئينو آهي.

۽ اِهو سنڌين وسايو ۽ پوءِ سنڌين اُهو ڇڏڻ جي غلطي ڪئي. سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت سواه ٿيندي رهي ۽ سنڌين جو اثر گهٽجندو ٿو وڃي. اِهي خطرا صحيح معنيٰ ۾ 'ڪؤڙا سچ' آهن.

انفرادي جيون ۽ مجموعي جيون ۾ فرق به هن ناول مان جهلڪڻ کپندو هو. پوءِ به لٿي پٿي هريءَ کي اُلهاسنگر جي جيون چٽڻ، ان طرح پالڪن کي چکڻ ۽ کين سنڌن جيون جون جهلڪون ڏيڻ به هڪ وقتائتو ۽ مبارڪ قدم آهي.

مان ته اُميد ٿو رکان ته ڪؤڙو سچ پڙهڻ بعد، اُن بابت نقادن ۽ پالڪن جا ايماندارنا رايا پڙهڻ بعد، هڪ دفعو وري هري موٽواٽي اُلهاسنگر جي جيون کي کڻي هڪ ٻيون يا اڃا ٽيون ناول لکندو جن ۾ باريڪ بينيءَ ۽ تفصيلن سان وڌيڪ جاندار ۽ اثردار ڪردار خلقيندو، ماحول جي نقاشي ڪندو ۽ مان هريءَ مان اهڙي اُميد رکي سگهان ٿو، ۽ جي زندگيءَ نڀايو ته اُنهن جا مهاڳ به مان ئي لکندس ۽ بس.

— گوبند مالهي

پٽس ٻڌائيندو هو تہ سنڌ ۾ هندن ۽ مسلمانن جو پاڻ ۾ ايترو ميل ميلاپ هو جو ڏياريون ۽ عيدون گڏجي ملهائيندا هئا. هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيندا هئا. مٺايون ۽ کيرڻيون موڪليندا هئا. وڏي ڳالهہ تہ هڪ ٻئي جو خير ۽ دعائون گهرندا هئا!

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ٻارهن سؤ سال اڳ عربن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، راڄ ڪيائون ۽ اِسلام مذهب کي پکيڙيائون. تاريخ ۾ اِهو بہ مثال موجود آهي تہ جيترا بہ عرب سنڌ ۾ رهيا، اُهي سمورا سنڌي ٿي ويا، توڙي جو اُهي مسلمان هئا. پوءِ بہ هنن پنهنجي اصل وطن عربستان کي ڪين وساريو ۽ حج ڪرڻ اوڏانهن ويندا رهندا آهن. اِها هنن جي پنهنجيءَ ڌرتيءَ طرف عقيدت آهي جيڪا هو زيارت جي روپ ۾ ادا ڪندا آهن.

هن کي ياد آيو بمبئيءَ ۾ رهندڙ هڪ يهوديِ سندس دوست ٻڻجي ويو هو. هو ماءُ سان گڏ ڪولابا ۾ رهندو هو. ٻنهي کي سرڪاري نوڪريون هيون. ٻنهي خوشحال زندگي پئي گذاري. هڪ ڏينهن اُن يهودي دوست ڊيوڊ کيس ٻڌايو تہ هو ۽ سندس ماءُ هميشہ لاءِ هندستان مان لڏي، پنهنجي اصلوڪي وطن اسرائيل وڃي رهيا هئا!

هن عجب وچان پنهنجي اُن دوست طرف نهاريو هو. کيس خبر هئي تہ هتي هنن کي سمورا سک ۽ سهنج حاصل هئا. پوءِ بہ هو اُنهن جو تياڳ ڪري، پنهنجي اُن اڻ ڏٺل اباڻي وطن وڃي رهيا هئا!

هن اُوشواسي نگاهن سان ڊيوڊ طرف نهاريو هو ۽ پڇي ويٺو هو، 'اوهين يهودي صدين کان هتي آباد آهيو. هتي ئي ڄاوا، هتي ئي وڏا ٿيا ۽ هن ئي ڌرتيءَ سان ملي هڪ ٿي ويا. پوءِ بہ توهين هيءُ ملڪ ڇڏي، پنهنجي اُن ديش ڏانهن وڃي رهيا آهيو جتي اوهان جو پنهنجو گهر، پنهنجو شهر ۽ پنهنجو ڪو مٽ مائٽ ڪونهي!'

ڊيوڊ مشڪيو هو. آتم وشواس سان وراڻيو هئائين، 'شيام،

هن جو جنم پڻ سنڌ ۾ ٿيو هو جنهن سبب هو سنڌي هو. ڪيترا ماڻهو پڇندا آهن ته جيڪي هتي ڀارت ۾ ڄاوا، اُهي سنڌي ڪيئن ٿيا؟ هو جواب ڏيندو آهي ته جيئن انگريز جو ٻار هندستان ۾ ڄمڻ ڪانپوءِ به انگريز آهي، تيئن سنڌي ٻار ڪٿي به ڄمڻ ڪانپوءِ به سنڌي ئي آهي. هن جي سڃاڻپ اِها ئي آهي ته هو سنڌي آهي. اُهو سنڌي مرهٽو يا گجراتي نه آهي. مدراسي يا بينگالي نه آهي. بلاشڪ ته اُهو سنڌي اُنهن پرانتن ۾ ڄائو ۽ نپنو هجي، اُنهن جي ٻولي پڙهندو ۽ ڳالهائيندو هجي، بنيادي طور هو سنڌي ئي آهي.

ڄاتي ڀيد تڏهن ٿو پيدا ٿئي جڏهن سنڌي ڇوڪري غير سنڌي ڇوڪري سان لائون ٿي لهي، سندس ٻار پنهنجي پيءُ جي سرنيم پٺيان سڃاتو ٿو وڃي. ساڳيءَ طرح جڏهن ڪو سنڌي جوان غير سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ٿو ڪري ته سندس ٻار سنڌيءَ جو اولاد ٿو سڏجي، پيءُ جي سر نيم سان سڃاتو ٿو وڃي.

ڀارت جون ٻيون ڄاتيون سنڌين کي جتي ڪٿي سائين ٿيون ڪولين. اِها گهٽتائي ڪانهي. ترسڪار به نه آهي. اِها سنڌين جي عزت آهي، سنمان آهي. مرهٽا سنڌو نديءَ کي پوتر ندي سمجهي اوتروئي سنمان ڏيندا آهن جيترو گنگا، جمنا ۽ گوداوريءَ کي ڏيندا آهن. سنسڪرتيون هميشه ندين جي ڪنارن تي وسنديون ۽ اُسرنديون آهن. سنڌو سنسڪرتي، جيڪا هندو سنسڪرتيءَ جو مول انگ آهي، جيڪا سنڌوءَ جي ڪنڌي تي اُسري، وڌي ۽ جڳ جهان ۾ مشهور ٿي، اُها اِن سبب پرسڌ ٿي، جو سنڌوءَ ڪناري ئي مکيه گرنٿن، ويدن جي رچنا ٿي آهي. اِن ڪارڻ ئي سنڌين جي عزت ڪئي وڃي ٿي ۽ کين سائين ڪوليو وڃي ٿو، عزت لائق سمجهيو وڃي ٿو.

سنڌين کي صلاح ڏنائون ته هاڻي سنڌ کي وساريو! صلاح ڏيڻ وارن تي آچرج لڳو. هندو هئڻ سبب سنڌين جو سنڌ سان ناتو ٽٽو؟ سندن سنڌ سان ڪو لاڳاپو نه رهيو؟ هڪ ماءُ جا ٻه پٽ هجن، ٻنهي جا مٽا الڳ هجن، ته ڇا اُنهن جو پنهنجيءَ ماءُ سان رشتو نه رهيو؟ ڪير قبول ڪندو آهڙي صلاح؟

پرگهور بہ تہ اُن نموني تيٽي آهي. اُن وڏي ڪتنب جي ڪن پاتين کي وڏو پاءُ گهر مان ڪيڏي تہ ڪين چڏيندو؟ ڪو اڙٻنگائي ڪندو تہ اُن جي ڪن مهٽ بہ تيندي. هر ڪتنب ۾ اِئين ئي تئي پيو، تيندو آهي!

هن ڪٽي پڙهيو هو تہ مغل راجگدي اورنگزيب بجاءِ، داراشڪوه کي ملي ها تہ هن اُپکند جي تصوير ئي ٻي هجي ها. داراصوفي مت جو پوئلڳ هو. هو گديءَ تي ويهي ها تہ هندستان ۾ هندو ۽ مومن پائرن وانگر گڏجي رهن ٿا. اورنگزيب تعصبي هو. ڪٽر فرقيپرست هو. هن پنهنجي وڏي پاءُ دارا کي قتل ڪرائي، راج تي قبضو ڪري، هندن متان ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. سندس ظلمن کان تنگ آچي، گرو گوبند سنگھ کي تلوار هٿ ۾ ڪٽٽي پيئي ۽ پنهنجي خالصا فوج ٺاهي، اورنگزيب سان لڙائي ڪرٽي پيئي.

تاريخ ۾ آهڙا ڪيترائي خوني داستان درج تيل آهن، ليڪن اسان اُنهن مان سبق نہ پرايو آهي!...

چوندا آهن: يٿا راجا ٿٿا پرجا! جهڙو حاڪم، تهڙي رعيت. صديون گڏ رهيا، هاٽي نٿا رهي سگهن. رهي تہ سگهن ٿا اگر ڪين گڏ رهڻ ڏنو وڃي. هر ليڊر جي پنهنجي ٻولي. ٻلين جي ويڙه ۾ پولڙي جو پلو. پولڙي کي هرڪو سڃاٽي تو، پر ڪچي ڪير بہ ڪين تو. پولڙو چاهي تو پل تہ ٻليون پاڻ ۾ وڙهنديون رهن. هڪ ٻئي کي رانيوٽا پائينديون رهن. گهر ڏاهينديون رهن. باهيون ڏينديون رهن. ماڻهو ٻي گهر بڻجندا رهن ۽ هو سچو لولو کائيندو رهي!...

ڪلف تي ڪٽ چڙهي ويئي آهي. ڪٽ لهي تہ ڪلف کلي. ڪڙو لهي تہ گهرن ۾ اچي وڃي سگهجي. ليڪن حاڪم ۽ حاڪمن جا بہ حاڪم، اُهي پولڙا، ڪين اِئين ڪرڻ کان روڪين ٿا، اچ وڃ جي راهن ۾ ڪڏون ڪوتين ٿا. رستا بند-دليون بند! محبت بجاءِ نفرت جو درس! گل بجاءِ، بندوق

منهنجا دوست، سڀ کان وڏو ۽ مقدس رشتو تہ ڌرتيءَ سان آهي. اُها ڌرتي ماءُ، جنهن تان اسانجن ڀُرکن کي پڄايو ويو هو، جلاوطن ڪيو ويو هو، محض ان ڪري جو آسانجو مذهب ٻيو هو! اسان جا اُهي ڀرکا سڄيءَ دنيا ۾ داڻو داڻو ٿي ڦهلجي ويا، جيئن آوهين سنڌي ورهاڱي بعد ٽڙي پکڙجي ويا آهيو. چاڪاڻ جو اوهان جو ڌرم پڻ الڳ هو! ليڪن اسان جا وڏا جتي بہ ويا ۽ رهيا، اُن ملڪ سان وفادار رهندي، پنهنجي اصلوڪي وطن ۽ ٻوليءَ کي نہ وساريائون؛ اُن کي پنهنجي وجود جو انگ سمجهائون ۽ حفاظت ڪيائون! اڄ اُن ئي ڌرتيءَ تان، ماءُ وٽان، اسان کي سڏ ٿيو آهي تہ يهودي جتي بہ هجن، جهڙيءَ بہ پوزيشن ۾ هجن، اُتان لڏي، پنهنجي اصلوڪي وطن، واپس اچن. تنهن ڪري آسين ماءُ پٽ ۽ ٻيا پڻ ڪيترا يهودي، اِهو سڏ اونائي، پنهنجي وطن واپس ورون پيا.'

اِهو سڀ ٻڌائيندي، ڊيوڊ جي چهري تي هڪ اَنوکي آيا اُڀري آئي هئي، جلاوطنيءَ کان نجات جي آيا!...

شاعر اقبال جو هڪ شعر آهي: مذهب نهين سکاتا آپس مين بئر رکنا... ڇا اِن دستور آسين سنڌي- هندو ۽ مومن، سنڌ ڌرتيءَ تي گڏ نٿي رهي سگهياسين جيئن صدين کان رهندا آيا هئاسين؟

'ساري جهان سي اَڇا هندوستان همارا!'

اِها سٽ بہ اِقبال جي ئي لکيل آهي. اِن تي عمل ڪندي، هڪ هندستان جا ٽي حصا، ڀارت، پاڪستان ۽ بنگلا ديش، ٽيئي الڳ ٿي ويل ڀائرن وانگر، صلح ۽ شانتيءَ سان نٿا رهي سگهن؟ عضون جي صحتمند هئڻ سان، جسم تندرست ۽ توانو رهي ٿو، اِها ڳالهہ ڇو ڪين ٿي سوچي وڃي؟

هڪ جائداد جا ٽي حصا! ٺيڪ آهي. ڀائرن کي الڳ ڪيو ويو آهي. ٿنهي کي جائداد ورهائي ڏني ويئي آهي. پوءِ جهيڙو ڇاتي آهي؟ ٽنهي مان وڏي ڀاءُ کي اگرچ ٿوري وڌيڪ جائداد ملي آهي تہ اُن جو ڪٽنب بہ تہ وڏو آهي. اُن ڪٽنب جي

ڪوڙو سچ

باب پهريون

هن جا پنهنجي ئي گهر مان پير پٽجي ويا هئا. هو پنهنجي ئي گهر مان بي دخل ٿي ويو هو. شايد سندس ئي غلطي هئي. هن پنهنجي پٽ تي حد کان وڌيڪ وشواس ڪيو هو. هو پلجي ويو هو ته لڇمڻ نالو هجڻ سان ئي ڪو لڇڻن وارو نٿو بڻجي پوي. ليڪن اِها ڳالهه هن تمام دير سان سمجهي هئي، جنهن وقت هو سڀ ڪجهه پٽ جي حوالي ڪري چڪو هو.

سندس سڪيلڌي پٽ لڇمڻ ڪيس ريهي ريبي، ڪانئس سمورو ڪاروبار ۽ ملڪيت پنهنجي نالي لکائي ورتي هئي، اِهو چئي ته هينئر سندس عمر وڏي ٿي ويئي هئي تنهن ڪري هو ڪاروباري جهنجهٽ کان فارغ ٿي، آرام جي زندگي گذاري ته بهتر هو. هن پٽ تي وشواس ڪيو هو ۽ سندس تيار ڪرايل دستاويزن تي صحي پاتي هئي.

ڪجهه ڏينهن مس گذريا ته لڇمڻ، سندس پٽ، پنهنجو اصلي روپ ڏيکارڻ شروع ڪيو...

ماڻهو اڪثر پنهنجين نهرن تي الزام مڙهين ته هنن پنهنجي مڙسن کي برغلائي، پيءُ ماءُ جي خلاف ڪيو هو. سندن ليکي پٽن جي مت ايتري قدر مارجي ٿي وڃي جو هو پنهنجن وڏڙن جي عزت ڪرڻ به ڀلجو وڃن. جيڪڏهن اِهو سچ هو ته پوءِ اِهو به مڃڻو پوندو ته جهڙو ٻج تهڙو اَنُ! جيڪي پوکبو اُهو ئي لڻبو! اُن ۾ دوش ڪنهنجو؟ ٻج جو يا زمين جو؟ چوڻي آهي ته جهڙو اَنُ تهڙو من!

چا هن ۾ ڪوئي کوٽ هو؟

موهنيءَ ۾ ڪو دوش هو؟

ڳالهه بلڪل خصيص هئي. هن روپيا ڏيءُ کي به سونا چوڙا وٺي ڏنا هئا. ننهن تيليءَ مان ٽنپ ٻڻائي مڙس جا ڪن ڀريا.

هٿ ۾ ٿمائين ٿا...

ورهاڱي جو ڳهٽي ۾ ڳهٽو اثر سنڌي هندن تي پيو. ڀارت ۾ هڪ اِنچ بہ زمين ڪين پنهنجي ڪانهي. جسم جي ڪنهن حصي مٿان جيئن ڪو ايڪسٽرا انگ اُڀري ايندو آهي، جيئن پنجن آڱرين سان ڇهين آڱر، جنهن کي وڏ سمجهبو آهي، تيئن ڀارت ڀوميءَ تي سنڌين کي سمجهيو ويندو آهي.

ڏوراپو ڏيئي چوندا: ڇو آيا آهيو هتي؟ واپس وڃو! جڻ تہ سنڌي پنهنجي مرضيءَ سان هتي آيا آهن. هنن تہ هن ڌرتيءَ سان پنهنجو نصيب جوڙي ڇڏيو آهي. ڪيس پنهنجو ٻٽائي ڇڏيو آهي!...

هو. تنهن ڪري جڏهن هن ٻڌو ته سندس پيءُ ٻه نوان چوڙا ڏيءُ کي وٺي ڏنا آهن ته هو اِها ڳالھ برداشت ڪري نه سگھيو ۽ ان لاءِ پيءُ کي ڇاجو ڇا چئي ويٺو.

’پر ٻه توهان کي حق ڪهڙو هو مون کان پڇڻ يا مون کي ٻڌائڻ بنا روپا کي ٻه نوان چوڙا وٺي ڏيڻ جو؟‘

هن کي برو لڳو. پٽ جو هن نموني ڳالهائڻ کيس نه وڻيو. ٺٺوليءَ واري لهجي ۾ چيائين، ’اڇا! ته هينئر مون کي ايترو به حق ڪونهي ته مان پنهنجي مرضيءَ سان ڏيءُ کي ڪا شيءِ شڪل وٺي ڏيئي سگهان؟‘

’سونيون چوڙيون شيءِ شڪل ناهن. مٺائي ۽ ميوي کان اُهي مهانگيون شيون آهن!‘

’پر اُهي ماڻهين جون هيون. هن اُهي نئين سر گهڙائي ڏيءُ کي ڏنيون. اُنهن مٿان تنهنجو ٽڪو به خرچ نه ٿيو هو.‘

اِها سچي ڳالھ هئي. ڏسجي ته بلڪل رواجي ڳالھ هئي. پر الائي ڇو پٽ کي نه وڻي. اُنلو بخيلي وٺي ويس ۽ اهڙي ڳالھ چئي ويٺو جيڪا هن کان ته ڇا، ڪنهن به پيءُ کان جيڪر سهن ٿي نه سگهي ها.

پيءُ طرف سڌو نه نهاري، هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، منهن ڪؤڙو ڪندي، لڇمڻ چوڻ لڳو، ’اوهان کي جيب خرچ جا پئسا مان ڏيندو آهيان. مميءَ کي به مان ئي ڏيندو آهيان. تنهن ڪري چوڙين جي گهڙائيءَ تي ڏنل پئسا منهنجا ئي هئا. اُهي پئسا اِئين اُڏائڻ جو اوهان کي ڪو حق ڪونهي!‘

اِهو ڇا هو؟ اِهو تيرهو يا طعنو هو؟ اِهو تير سڌو هن جي ڇاتيءَ ۾ کپي ويو. اُن طعني کيس جيڪا پيڙا پهچائي، تنهن سندس پيرن هيٺان واري زمين ڪسڪائي ورتي. هو ڪٽيل وڻ جيان ڦان ٿي وڃي ڪريو. ليڪن هن جو ائين ڦان ٿي ڪرڻ من ئي من ۾ هو. هن جا پير جلڻ لڳا. ذرتيءَ کيس پائي ڪنيو. هو جلد ازجلد اُتان نڪري وڃڻ جي، گهر ڇڏي وڃڻ جي سوچ تي گامزن ٿي ويو...

سندس مڙس، هن جو پٽ لڇمڻ، زال جي ڳالھ تي لڳي، وڦلڻ لڳو، 'ائين نہ هلندو. هو پنھنجي ڪمائي اِئين لٽائڻ نہ ڏيندو!' آپي مان نڪري، چوڻ لڳو، 'هن بعد، هو ماءُ پيءُ جي سنڀال لھي نہ سگھندو. پنھنجي سڪي گرھستي برباد ٿيڻ نہ ڏيندو!'

سروڻ ڪمار نابين ماءُ پيءُ کي ڪلھن تي کڻي، چار ڌام تيرٿ ڪرائڻ نڪتو هو. جڏھن ناسڪ ۾ پنچوٽي پھتو تہ ماءُ پيءُ کي چيائين: مان توھان جو بار وڌيڪ ڍوئي نہ سگھندس.

هنن پڇيس: پٽ، اسين ڪٿي پھتا آھيون؟

پٽ وراڻيو: پنچوٽي.

سورداس پتا ٿڌو شوڪارو ڀري چيو: تنھنجو ڏوھ ناهي پٽ! اِهو هن ڌرتيءَ جو پرتاپ آهي!

هن پنھنجي پٽ لڇمڻ تي اصل ڪاوڙ ڪانہ ڪئي. بلڪل ڌيرج سان چيائين، 'ليڪن پٽ، ڳالھ ۾ اهڙو ڪجھ تہ آهي ئي ڪين جنھن تي تون ايترو وھلور ويو آهين. ڀيڻين روپا جون ٻانھون ٻٽيون هيون. ماڻھين کان اِهو ڏٺو نہ ويو. ڀڳل ٽٽل جھونا مٽيا ڏيئي، ڌيءُ لاءِ ٻہ نيون چوڙيون ورتائين. ان ۾ تنھنجي پائي بہ خرچ ڪانہ ٿي. ڌنڌي واپار ۾ نفعو نقصان پوندو ئي آهي. تنھنجي پيٽوپي کي بہ نقصان پيو جنھن ۾ روپا جي سڄي ڏيلي وڪٽي پيس. اِئين ڪارپٽ رهجي ايندي آهي پٽ! اهي ڳھ ڳنا اهڙن موقعن لاءِ ئي هوندا آهن. اُهي زالون سگھڙ ليکبيون آهن جي وقت اچڻ تي پنھنجا مٽيا لاهي مڙسن جي حوالي ڪنديون آهن.'

ناتجربيڪار ۽ ايماني پٽ، پيءُ جي تجربي ۽ سمجھداريءَ جي اِن گفتي کي سمجھي ڪين سگھيو. هن سمجھيو هن جي زال سونوءَ وٽ جيڪا زيورن جي ڏيلي هئي، اُها هن جي گھڙايل هئي، هن جي ڪمائيءَ مان ورتل هئي، جنھن تي هن جو ۽ هن جي زال سونوءَ جو حق هو. هو تہ اِهو بہ سوچي ويٺو هو تہ جيئن پيءُ جي ٻي سموري ملڪيت هن جي نالي هئي، تيئن سندس ماءُ جو سمورو سون پڻ هن جي ملڪيت

ته اسين هينئر ٻني ڪيڙهه لائق ڪين رهيا آهيون، تنهن ڪري ڪنهن ڪم جا نه هئاسين!

دل کي چوٽ رسيس. چپ رهي نه سگهيو. ڪمزور تي ويل خودداري، نئين سر توانائي پائي، اُڀري آيس. پٽ کي نشانو ٻڌائيندي، گهائل ڪرڻ واري انداز ۾ چيائينس، 'پليل آهين تون. جيڪڏهين تون سمجهين ٿو ته اسين ڪمزور ٿي ويا آهيون، نٻل ٿي ويا آهيون، هر ڪيڙهه لائق نه رهيا آهيون، نه تو اِهو غلط سوچيو آهي....!'

اِهو ڏينهن، اِها گهڙي، اُن وقت آئي، جنهن وقت هن ڪنوار کي سمجهائيندي چيو هو، ’ڪنوار، ڏيءُ، اسانکي سوڙ آهر ئي پير ڊگهيرڻ گهرجن.‘

اِها ڳالهه هن غلط ڪانه چئي هئي. پر هن جي ڳالهه کي غلط سمجهيو ويو. اُن جو غلط مطلب ڪڍيو ويو. ڳالهه ٻڌي ڪنوار آپي مان نڪري ويئي. ڪاوڙ ۾ ڇاجو ڇا چئي ويئي. جيڪي لقب لڳائڻا هئس بنا سوچڻ سمجهڻ جي لڳائيندي ويئي. موٽ ۾ هن ڪنوار کي ڪجهه به نه چيو. چوڻ سان ڪجهه ورڻو نه هو. تنهن ڪري چپ رهڻ ۾ ئي ڀلو هو. ڇوته زال ذات جڏهن شرم کي تلانجلي ڏيئي وات کوليندي آهي ته اُهو سڙو بند نه ٿيندو آهي. اُن وقت سياڻپ اِن ۾ آهي ته مرد ماڻهو چپ رهي. اِهو سوچي هو به اُن وقت چپ رهيو هو.

سوچي ڏسجي ته هن ڪنوار کي غلط ڳالهه ڪانه چئي هئي. اُها ته پاڻ دل سان هنڌائڻ جهڙي ڳالهه هئي. هن صرف ايترو چيو هو ته قرض کڻي ڪار وٺڻ عقلمندي نه هئي. وياج کان علاوه ڪار جو ٻيو خرچ به گهڻو هو. ڊرائيور رکبو ته اُن جي پگهار به ڏبي. تڏهن ئي هن چيو هو ته اسان کي سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ گهرجن! هن جو اِهو سمجهائڻ ڪنوار کي ڪين آئڙيو هو. تنهن ڪري به مهنا اڳ روپيا کي ڏنل ٻن چوڙين جي ڳالهه کي وڏائي، وڻ ڪري، مڙس کي وچي پڙڪايو هئائين. وڏي ڳالهه ته انهن چوڙين جي ڊزائين به پاڻ ئي پسند ڪئي هئائين.

هن صبر ۽ ڌيرج سان پٽ کي سمجهائيندي چيو هو، ’لڇو پٽ، تون به زال جو پاسو ٿو کڻين.‘

لڇمڻ بي شرمو ٿي چيو هو، ’سياڻو ماڻهو زال جو ئي پاسو کڻندو. زال ۽ مڙس، گاڏيءَ جا به ڦيٿا ٿيندا آهن. هڪ ڦيٿي سان گاڏي هرگز ڪانه هلندي. توهان ئي ٻڌايو، زمين کي هر ڏيڻ لاءِ ٻن ڏاندن جي ضرورت آهي يا نه؟‘

مارِ! هيءُ سندس پٽ هو؟ هن ڇا اِهو ٿي جتائڻ چاهيو

جهلي، اُن کي هلڪو زور ڏيئي چيو، ’اوهين همٿ وارا آهيو، مون کي اِها سڌ آهي. اڄ اوهان ٻي همٿ ڏيکاري، پنهنجو محلات جهڙو گهر ڇڏي، هن پراڻي ٻنگلي ۾ موٽي آيا آهيو. هتي اچڻ سان اوهان کي اُهي سهاڳ رات واريون ڳالهيون ياد پيئون آهن جنهن کي ياد ڪندي، مون کي ٻه پاڻ سان گڏ وچ سير ۾ گهلي وٺي ويا آهيو.‘

هن ڪان هلڪو ٺهڪ نڪري ويو. موهنيءَ جي ڳل تي هٿ گهمائيندي چيائين، ’ڇري، هينئر اُنهن يادن جي سهاري ئي ته باقي حياتي گذارڻي آهي.‘

’بس، ٻيو ڪجهه نه ڪندا؟‘ موهنيءَ گهوٽ جي منهن ۾ نهاريندي چيو.

’هينئر مان خوب پڙهندس، خوب لکندس. تنهن سان گڏ هڪ نئون شغل ٻه ڪندس. پاڻ واري پلاٽ ۾، جنهن ۾ ڀاڄيون پوکائيندا آهيون، باغباني ڪندس. ميون جا وڻ پوکائيندس.‘

موهنيءَ مرڪندي چيو، ’يعني ٻجاجيءَ مان مالهي ٻڻجندا؟‘

موهنيءَ جي ڳالهه تي هن ٺهڪ ڏيڻ چاهيو پر هن ائين نه ڪيو. اُتلندو گنڀير ٿي چيائين، ’ڪنهن لهي پاتي هئي ته اسان جو پٽ اهڙو نڪرندو!‘

موهنيءَ جي چهري تي دک جي پرڇائين پئجي ويئي. ڪنڌ هيٺ جهڪائي، ڏکاري لهجي ۾ چيائين، ’مونکي ڏک اِن ڳالهه جو آهي ته مون توهان کي پٽ جي روپ ۾ ڪونه سکو ڏنو!‘

’ليڪن موهني تون اِهو ڇو ٿي ڀلجي وڃين ته اُن ڪوٺي سکي سان گڏ تو مونکي ڌيءُ جي روپ ۾ هڪ قيمتي موتي ٻه ڏنو آهي.‘

موهنيءَ ڪان ٿڌو شوڪارو نڪري ويو. جهريل لهجي ۾ چيائين، ’اُن موتيءَ مثل ڌيءُ جو نصيب ٻه ته ڪونه نڪتو. مان ته هن جو ڏک ڏسي ئي نٿي سگهان. هندورن ۾ پليل ڌيءُ، پٽ، تي پيئي سمهي. باسڻ ٻهاري ڪندي ڪومل هٿ کهڙا نه سخت ٿي پيا اٿس!‘

ڪوڙو سچ
باب ٽيون

ڪٽ لڳل ڪلف کولي هن بئرڪ جو دروازو کوليو. هلڪو چيڪاٽ ٿيو. اِهو چيڪاٽ هن جي هنياءَ اندر به ٿيو هو جڏهن پٽ، پوٽي ۽ ننهن کي ڇڏي هو ۽ موهني گهر کان ٻاهر نڪتا هئا. ليڪن سندس هنياءَ جي اُن چيڪاٽ کي ڪنهن به نه ٻڌو هو. اهڙو ساڳيو چيڪاٽ سندس پيءُ جي هنياءَ اندر به ٿيو هو جڏهن هن پنهنجو وطن، پنهنجو گهر ۽ پنهنجو شهر ڇڏيو هو. ٿورو ضروري سامان آٽو رڪشا ۾ رکائي، ٻئي زال مڙس، پنهنجي هن پراڻي گهر، بئرڪ نمبر ۷۲۲ ۾ اچي پهتا هئا.

موهني، مڙس جي پنيان پنيان، بئرڪ اندر داخل ٿي ته اُمالڪ چند ٻوڙها سندس اکين جو لنگهه لتاڙي، ٻاهر نڪري آيا. هن جڏهن اُهي ٻوڙها اُگهيا تڏهن وچي مڙس کي ڄاڻ پيئي ته موهنيءَ هنجون هاريا هئا.

هٿ واري بئگ هيٺ رکي، هن زال کي ڀاڪر پائي چيو، ’هيءُ ڇا، موهني، تون روئين پيئي؟ هن ئي بئرڪ ۾ تون نووَرني ٻڻجي آئي هئينءَ. هن ئي گهر ۾ اسان پنهنجي سهاڳ رات ملهائي هئي. اُن رات تو امان کي پيرڙون ڏيندي ۽ راماڻ ٻڌائيندي اچڻ ۾ دير ڪئي هئي. مون اکيون ٻوٽي تنهنجو انتظار پئي ڪيو. تون جڏهن ڪمري اندر داخل ٿي هئينءَ ته سنڪوچ وچان دروازي سان لڳي بيهي رهي هئينءَ. مونکي تنهنجو اُهو سنڪوچ وڻيو هو. سنڪوچ جي اِن مريادا تنهنجي سونهن ۾ اِضافو آڻي ڇڏيو هو. جيئن ٻيا ڳهڻا اِستريءَ جي سونهن ۾ اضافو آڻيندا آهن تيئن لڄ ۽ حياءُ به اهڙا ڳهڻا آهن جنهن سان عورت جو زيب وڌي ويندو آهي!‘

موهنيءَ آليون پلڪون مٿي ڪڻي پتيءَ طرف نهاريو. مڙس جون ڳالهيون ٻڌي آٿت ٿيس نه هو هتي اچي گهڻو دکي نه ٿيو هو. سندس ڳالهين مان کيس اهڙو ئي آڀاس ٿيو هو. اِهو سوچي هن هٿ واري ٿيلهي هيٺ رکي، مڙس جو هٿ

ڪوڙو سچ

باب چوٿون

ٽن ياٽين جو ننڍڙو ڪٽنب جنهن ۾ مڙس گوبندرام، زال لڇمي ۽ پٽ شيام هو، اُهو ڪٽنب ورهاڱي سبب ٻين جيان، سنڌ مان لڏي، پاڻيءَ جي جهاز رستي، هندستان روانو ٿيو ۽ ١٦ جون ١٩٤٨ع تي ٻين شرڻارٿين سان گڏ، بمبئيءَ جي ڌڪي تي اچي لٿو. ڌڪي تي ڪيترا سوشل ورڪر هنن جي آجيان لاءِ بيٺا هئا. ڪجهه ڏينهن ڪين اُتي ڌڪي تي ٿي رهايو ويو، جيئن جهاز مان لاٿل ٻيو سامان ڪوڪا ۽ ڳوٺيون رکيون هيون. کائڻ لاءِ ڪين پوريون پٽاٽا يا دال روٽي ڏني پئي وئي - مفت!

هڪ ڏينهن اُنهن شرڻارٿين کي ريل جون ٽڪيٽون ڏئي چيو ويو ته اوهان لاءِ ڪلياڻ واري فوجي ڪئمپ کولي وئي آهي جتي توهان کي وڃي رهڻو آهي. شرڻارٿين کي چيو ويو ته اُها ڪئمپ هيڻئر اوهان جو لڱون هوم ٿائون هوا

لوڪل ٽرين ڏسي سڀ عجب ۾ پئجي ويا هئا. ريل هلي پئي ۽ بنا انجڻ جي! جيمس سائيڊنگ اسٽيشن تي لاهي، شرڻارٿين کي چيو ويو ته توهان مان جنهنکي جيڪا بئرڪ وڻي، اُها والاريندا وڃو. اُن بعد دفتر جي رجسٽر ۾ توهان جي نالي اُهي بئرڪون داخل ڪيون وينديون.

شرڻارٿين پنهنجو پنهنجو سامان ڪلهن تي کڻيو ۽ ٽپر ساڻ ولي، بئرڪون والاريندا ويا. اُنهن ۾ ڪي اهڙيون بئرڪون به هيون جن کي دروازا ئي ڪين هئا. اُنهن بئرڪن کي ڳوٺين جا پردا ڏيئي، ماڻهن دروازا لاهيا. ڪاڪوسن کي به اِئين پردا ڏنا ويا.

گوبندرام به هڪ بئرڪ وڃي والاري. اُها بئرڪ هاسپيٽل ايريا ۾ هئي ۽ شايد فوجين جي ميس هئي. بئرڪ اندر ڪافي ميزون ۽ ڪرسيون پيئون هيون جي هنن ولدي ورهائي کنيون. سندن بئرڪ جو نمبر ٧٤٤ هو...

’موهني، تو شايد ٻڌو نہ آهي تہ ڏک سکن جي سونهن ٿيندا آهن. اسان جي روپا زندگيءَ جو اهو ڏکيو امتحان پاس ڪندي تہ پوءِ هوءَ سکن جي سيجا ماڻيندي. ڪشور کي واپار ۾ نقصان پيو. اهڙا لاها چاڙها ايندا رهندا آهن. حوصلو سلامت هجي تہ اهڙا لک لٽايل اچبا آهن. شاباس آهي هن نوجوان کي جنهن ٻين جيان هٿ مٿي ڪڍڻ بجاءِ، زال جا زيور وڪڻي، جاءِ گروي رکي، قرض موٽايو ۽ پنهنجي عزت بچائي ورتي. تون ڏسج ويٺي، هڪ دفعو وري هو آب تاب سان آڪاش ۾ چمڪندو ۽ تنهنجي لاڏلي روپا هندورن ۾ لڏندي.....!‘

هئي ۽ هنسڪ ڪاروايون ڪندي هئي. تنهن ڪري ڪيس ڪانگريس جي نيتي وڏيڪ وڻي جنهن ۾ به مهاتما گانڌيءَ جي آهنسڪ نيتي ڪيس وڌيڪ راس آئي.

ڪئمپ ۾ رهندڙ نرواسين کي مفت جو راشن پئي مليو. گوبندرام اُهو راشن وٺڻ پسند نه ڪيو. نرواسين ڪئمپ ۾ ڪاٽ جون گمٽيون ناهي، ضرورت جون جنسون پئي وڪيون. اهڙيءَ طرح هنن اُدرپورٽا جو جڳاڙ پئي ڪيو.

گوبندرام ڪپڙي جي ڦيري ڪرڻ شروع ڪئي. ڪپڙي جي تاڪين جي بچڪي ڪلهي ۾ لڙڪائي، وال ۽ ڪئنچي هٿ ۾ ڪٽي، ڪئمپ ۾ ڦيري ڪرڻ لڳو. ڪيترا ماڻهو ڪئمپ مان مٿاين جا نوڪرا پرائي، بمبئيءَ وڃي وڪڻڻ لڳا. بمبئيءَ ۾ اِهي شيون مهانگيون هيون تنهن ڪري ڪئمپ واسين جو گهٽ اَگهه وارو مال جلد وڪامي تي ويو. هڪڙو سنڌي اهڙو سياڻو نڪتو جو مسجد بندر جي ڀات بزار مان ڪنڊ جي ڳوڻ وٺي، اسٽيشن جي ٻاهران ويهي، ٻين کان گهٽ اگهه ۾ ڪنڊ وڪڻڻ لڳو. دڪاندار حيران ته هيءُ سنڌي ته نقصان جو سؤدو ويٺو ڪري! ليڪن شام جو پنج ڳوٽيون ڪنڊ جون خلاص ڪري، خالي ڳوٽين جا ويهه رپيا ڪمائي، اُهو سنڌي گهر موٽيو تڏهن وڃي اُنهن دڪاندارن جا چپ ڏندن سان لڳا ته مار! ڪنڊ مورڳي اگهه ۾ وڪڻي، خالي ڳوٽين جو نفعو ڪيسي ۾ وجهي هيءُ سنڌي شرڻارٿي سائين، گهر وڃي سُکي به ٿيو! اِهو ڏسي هو سنڌين جي عقل کي داد ڏيڻ لڳا.

گوبندرام کي ڪئمپ جي ڦيريءَ مان مزو نه پئي آيو. وطن مان ڏتڙجي آيل سنڌي شرڻارٿين وٽ هئو ئي ڇا جنهن جي پروسي هو ڪو نئون ڪپڙو وٺي وڳو سبائي پائي سگهن. مرهٽا سيڪشن ۾ رهندڙ مرهٽا به اهڙا سکيا ستابا ڪونه هئا جو گوبندرام کان ساڙهيون وغيره خريد ڪري سگهن. ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ وارن مرهٽن کي هتي نوڪريون نه مليون

گوبندرام کي هڪ ئي پٽ هو شيام جيڪو ۱۹۳۲ع ۾ ڄائو هو. جنهن وقت هو سنڌ ڇڏي هند ۾ آيا تنهن وقت شيام جي عمر سورهن ورهيه هئي. پر عمر جي لحاظ کان هو ننڍو لڳندو هو. ننڍپڻ ۾ اڪثر بيمار رهندو هو جنهن سبب هاڻيءَ ڪانيءَ جو هيڻو هو. ڊاڪٽر گوبندرام کي صلاح ڏني ته قمبر جو ٻاڙو پاڻي شيام جي هنيانچي کي راس نٿي آيو تنهن ڪري هو هن شهر مان لڏي وڃي ته بهتر. گوبندرام ڊاڪٽر جي صلاح مڃي، قمبر مان لڏي، لاڙڪاڻو وڃي وسايو. اُتي ڪرما باغ ۾ هڪ جاءِ مسواڙ تي وٺي رهڻ لڳو ۽ ساڳيو قمبر وارو ڪپڙي جو ڌنڌو ڪرڻ لڳو.

آزاديءَ جو تحرڪ سنڌ ۾ به زور هو. لاڙڪاڻي ۾ جتي اڳ هندو مهاسڀا زور هئي، اُتي هينئر ڪانگريس جو چرخو پئي هليو. هندو ۽ مسلمان ٻنهي گڏجي اِهو چرخو پئي چوريو. ڪانگريس تحرڪ جو اِهو به اثر پيو جو اڳ پنجواڻين ۽ تولاڻين ۾ جيڪو متڀيد هو اُهو دور ٿي ويو. ٻئي ڌريون ڪير ڪنڌ تي ويئون ۽ ليڊريءَ جي پڳه پرڀداس تولاڻيءَ کي پهرائي ويئي. پنجواڻين مان پرتاپ راءِ پنجواڻي هميشه چونڊن ۾ بيهندو هو ۽ سوڀارو ٿيندو هو. سندس ٽن پٽن رام، ڌني ۽ آنند مان، پهريون پٽ رام وڌيڪ سنجيدو هو. هو ڪلاڪار هو ۽ ڏاڍو سنو راڳه ڳائيندو هو. جڏهن به ڪانگريس پارٽيءَ وارا ميٽنگ ڪوٺائيندا هئا ته رام پنجواڻي اُن ميٽنگ ۾ قومي راڳ ڳائيندو هو. ٻيو ڳائڪ هوندراج دکايل هو. جڏهن ڪنجري وڄائي ڳائيندو هو ته سندس چوڌاري هندن ۽ مسلمانن جو ميڙاڪو مڙي ويندو هو. ٻئي ڳائڻا سهڻا ۽ موهڻا هئا. رام جي پيٽ ۾ سندس ٻيا ٻه ڀائر ويڙهاڪ سڀاوَ جا هئا. انهن مان رام ۽ آنند جي جوڙي مشهور هئي. ليڪن ڌني جي دوستي مسلم نوجوانن سان وڌيڪ هئي.

سنڌ ۾ پرچي وديارٿيءَ جي گرم ڌر به هئي. گوبندرام چاهي ها ته پرچي وديارٿيءَ جي گرم ڌر ۾ شامل ٿي سگهي ها. پر اُن ڌر ۾ جوکم وڌيڪ هو جو اُها ڌر ڏاڙا هڻندي

لڳو. حقيقت شناس شخص هو. هن محسوس ڪيو ته اسان سنڌين کي هينئر هتي ئي رهڻو هو، هتي ئي جيئڻو مرڻو هو، هتان جي مڪاني لوڪن سان ئي لهه وچڙ ۾ وهنوار ۾ اچڻو هو، ته هن پهريندي ئي اِن تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو. اِهو ئي رستو ڪيس ڪارگر نظر آيو.

هن ڦيريءَ لاءِ بمبئيءَ جا الڳ الڳ علائقا ۾ پاڙا چونڊي ڇڏيا. اُهي گهڻو تڻو پورهيت طبقي جا محلا هئا جن ۾ اڏ لنگا ۾ گدلا ٻار رستن تي راند روند پيا ڪندا هئا ۾ زالون گهر جي ڪم ڪاج ۾ رڌل هونديون هيون. اُنهن گهرن جا مرد هڪڙا وڃن نوڪرين تي، ٻيا وڃن ملين ۾ ڪارخانن ۾. ڪارخانن ۾ ملين ۾ ٻه شفٽ موجب وڃن. ڪي صبح جو، ڪي ٻنپهرن جو ته ڪي رات پاليءَ ۾.

گوبندرام گهڻو ڪري شفٽ وارن گهرن جا در وڃي کڙڪائيندو هو. پوريءَ ساريءَ پگهار ۾ آمدنيءَ وارن اُنهن گهرن جون زالون گهٽ اگهه واريون ساڙهيون ۾ سستو ڪپڙو خريد ڪنديون هيون. اُنهن کي اوڌر جي سهوليت هئي تنهن ڪري اُهي زالون گوبندرام کان ضرورت موجب خريداري ڪنديون هيون. جن زالن کي ٻارن جو انالو هو ۾ سندن مڙس پگهار جو گهڻو حصو داروءَ ۾ دف ڪندا هئا، اُنهن جو منهن لٿل هوندو هو. ليون ساڙهيون ۾ ڪپڙن جا نوان نمونا ڏسي سندن دل ليندي هئي ته جيڪر هو اُهي خريد ڪن. پر پوءِ اِهو سوچي من ماري ڇڏينديون هيون ته هو ڪهڙي منهن سان اوڌر گهرن جڏهن ته هنن اڳيئن اوڌر ئي ڪانه موٽائي هئي.

گوبندرام اهڙن ڪٽنبن سان وڌيڪ همدردي ڏيکاريندو هو. هو سندن مجبوريون سمجهندو هو تنهن ڪري ساڻن وڌيڪ سهاليوتي ڏيکاريندو هو.

’ڏيءُ، پنهنجي لاءِ نه ته پنهنجن ٻارن لاءِ ته وٺ. ڏس ته ٻار ڪيئن نه اُگهاڙا پيا گهمن. ۽ هوءَ تنهنجي ڏيءَ ڪيتري نه سهاڻي آهي. سندو فراڪ ليڙون ليڙون ٿيو پيو اٿس. تون ٻارن لاءِ ڪپڙو وٺ، پئسن جي ڳڻتي نه ڪر، مهني سر مهني

هيون ليڪن پگهارون ايتريون ٿوريون هيون جو گهر گرهستيءَ جو گاڏو ئي ڏکيو پئي هلايائون.

گوبندرام ڏلو نہ شرڻارٿين جا ڪيترا ٻار ڏٺن ۾ ڪٽملڙا ۽ بسڪيٽ کڻي لوڪل گاڏين ۾ وڪڻڻ پئي ويا. هن سوچيو اُنهن ٻارن جيان شيام بہ رومال ۽ فڻوڻا کڻي لوڪل گاڏين ۾ وڪڻڻ وڃي تہ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪمائي آڻيندو. پر هڪ ڏينهن جڏهن ٻڌائين تہ سندن سامهون رهندڙ ڪملا جو ڏهن سالن جو پٽ ريل مان ڪري مري ويو تہ پنهنجي پٽ کان اهڙو جوکائتو ڌنڌو ڪرائڻ جو خيال لاهي ڇڏيائين. شيام سندن سڪيلڌو پٽ هو جنهن لاءِ هنن پنهنجو ڳوٺ بہ ڇڏيو هو.

شيام وڏيڪ پڙهڻ لاءِ جيمس سائيڊنگ واري سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو جتي سندس ڳوٺ وارو سنگتي نارائڻ بہ پڙهندو هو. نارائڻ جا دوست موهن، گنو ۽ راجو هن جا بہ دوست ٿي ويا.

ڪئمپ ۾ سنڌين جي حالت سچ پچ قياس جوڳي هئي. ماحول اهڙو هو گويا هو ڪنهن پڙپانگ کنڊهرن ۾ رهيا پيا هئا. رستا ربون، آمدرفت ندارد، پاڻيءَ جي نافت، روشني آڻ پوري ۽ صفائي نہ جي برابر. جن شهر جي صفائي پئي ڪئي آهي مهتر نہ، سوئر هئا جن گند ڪچرو کائي پئي ڇڏيو. سرڪاري سينٽرل هاسپيٽل هئي پر اُها شفاياٻيءَ لاءِ نہ، موت جو پروانو ڏيڻ لاءِ هئي. نوڪرين ۽ ڌنڌي واپار لاءِ ماڻهن کي روزانو بمبئيءَ وڃڻو ٿي پيو جنهن لاءِ ڪيترا ڪلاڪ ريل جو سفر ڪرڻو ٿي پين. ڪيترن سنڌي نوجوانن ملين ۽ گودين ۾ مزوري ۽ ٻيو پورهيو ڪرڻ شروع ڪيو. جن کان پورهيو نہ پڳو، اُهي غلط ڪم ڪرڻ لڳا. جوئا، شراب جا اڏا ۽ چوريون ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح شرڻارٿي سنڌي ٻي پاڙا وڻ ٻڻجي، ڏولندا ۽ ڦلجندا ويا...

گوبندرام ڪئمپ بجاءِ، بمبئي وچي ڪپڙي جي ڦيري ڪرڻ

هئا. هڪ مهاتما گانڌيءَ جو ۽ ٻيو جارج پنجين جو. ماڻهن ڏنو ته جارج پنجين جي پتلي تي ڪانون ۽ ڪبوترن جون ونيون پيل هيون جڏهن ته مهاتما گانڌيءَ جي پتلي مٿان هڪ به وٺ ڪانه هئي! ماڻهن اِن تي سوچيو ۽ هو اِن نتيجي تي پهتا ته جيئن ته مهاتما جي هٿ ۾ لٺ هئي جنهن ڪان ڪانو ۽ ڪبوتر ڊڄي پاسو ڪري ويا!

انگريز سياڻا هئا. هو سمجهي ويا ته اِن لٺ ۾ آئٽم بم ڪان وڌيڪ طاقت هئي. ساڳئي وقت هو مڪار به هئا. هنن اِئين ئي آسانيءَ سان آزادي ڪانه ڏني هئي. اُها آهنسڪ لٺ هنن ڦيرائي هندستاني لوڪن کي ويڙهائڻ ۾ ڪم آندي. هڪ طرف مسلمانن کي پڙڪائي پاڪستان جو نعرو هڻايائون ته ٻئي طرف پنڊت جواهرلال نهروءَ کي ريهي ريبي راتو رات ڪانگس ورهاڱي جي دستاويز تي صحي ڪرايائون!

هڪ آفسوس ناڪ حقيقت اِها به آهي ته پاڪستان جي قيام جي وڏي غلطي جي-ايم-سيد کان به ٿي ويئي جو هن سنڌ اسيمبليءَ اندر پاڪستان جو نهراءُ بحال ڪرايو. در اصل سيد طرفان هندن طرف اِها سندس عداوت هئي جنهن جا به مثال پيا به آهن. هڪ ته هن مسلم قوم کي پڙڪايو ته هندن جي مال جو بائيڪاٽ ڪريو جنهن ۾ هو ڪامياب نه ٿيو. اُن بعد هن ۽ سندس ڪن ساٿين منزل گاه وارو رڳڙو پيدا ڪيو جنهن ۾ ڪيترا بي گناه هندو شهيد ڪيا ويا!

پاڪستان وارو نهراءُ بحال ڪرائڻ کان پوءِ جي.ايم. سيد محمد علي جناح کي لکي موڪليو ته ورهاڱي جي صورت ۾ جيڪي مسلمان پاڪستان ۾ اچڻ چاهيندا تن کي سنڌ ۾ وسايو ويندو ۽ کين ڪراچيءَ ۾ روزگار ميسر ڪري ڏنو ويندو. ليڪن اڳتي هلي جي ايم سيد کي پرون پئجي ويا ته پاڪستان وارو نهراءُ پاس ڪرائي ڪانگس وڏي غلطي ٿي ويئي هئي، جنهن لاءِ هو بار بار معافي وٺندو ۽ غلطيءَ جو اعتراف ڪندو رهيو.

ٿورا ٿورا ڪري ڏج.‘

’پر ڪاڪا، اُهي ٿورا ٿورا بہ ڪٿان ڏيندس؟ ڪپڙن کان سواءِ رهي سگهجي ٿو، روٽيءَ کان سواءِ تہ رهي نٿو سگهجي نہ. ٻارن لاءِ دال چانور تہ کپن ئي کپن!‘

گوبندرام جو هنيون جُهري پوندو هو. ورهاڱي بعد پنهنجو گهر تڙ ڇڏي، هن ملڪ ۾ اچي پناهہ ورتي هئائون، ليڪن جيڪي اڄ ئي هتي آهن، اُنهن لاءِ ئي پورو اٽو لٽو ۽ اجهو ميسر نہ آهي!

انگريز ڪيترا نہ چالاڪ هئا. سنڌ ۾ مسلمانن کي اڻ پڙهيل رکي ’جٽ‘ چيائون. هتان جي غريب مرهٽن کي مزور بڻائي ’گهاٽي‘ ڪوٺيائون. ٻنهي حالتن ۾ سندن مراد ساڳي هئي. هڪ جٽ ۽ ٻيو گهاٽي! مڪاني لوڪ جٽ هجن چاهي گهاٽي، اُنهن کي پنهنجائي مٿن راڄ ڪرڻ سؤلو آهي، پوءِ ڀل تہ اُها سنڌ هجي چاهي هند! انگريزن ان طريقي ئي هندستان تي راڄ ڪيو. هنن هڪ ٻيو بہ نسخو آزمايو جنهن ۾ پڻ ڪامياب ويا. هنن جنهن جنهن ملڪ تي راڄ ڪيو، اُتان جي لوڪن کي نشي جي علت وڌائون. چين وارن کي آفيم کارايائون ۽ هند وارن کي چانهہ ۽ تماڪ!

انگريزن سان پڄو هڪ گانڌي! نہ بندوق، نہ تلوار، صرف لٺ! اُها لٺ ڏيکاري، گانڌيءَ انگريزن کي هندستان مان ڀڄائي ڪڍيو! مهاتما گانڌي جڏهن گول ميز ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لنڊن ويو تہ اُتان جي انگريزن ٽولي ڪندي چيو: هندستان مان هڪ ننگو فقير آيو آهي آزادي وٺڻ!

هنن جون مٽيون تڏهن منجهيون جڏهن ڏٺائون تہ وزيرن کان ويندي مهاراڻيءَ تائين، اُن فقير جي ڪيڪار ڪري رهيا هئا! ايتري قدر جو مهاراڻيءَ کيس ڊنر پارٽيءَ تي بہ گهرايو. تڏهن وڃي اُنهن مهاتما گانڌيءَ جي اهميت کي سڃاتو. هندستان جي هڪ ميوزم ۾، ٻاهر لان ۾، بہ پتلا کڙا ڪيل

ڪوڙو سچ
باب پنجون

لارڊ مائونٽبيٽن پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته سنڌي هندن کي ڀارت ۾ وسائڻ جو ذمو پنڊت جواهر نهروءَ جو هو. هو چاهي ها ته سنڌي هندن کي ڀارت ۾ زمين ٽڪر ڏئي سگهي ها...

ليڪن سنڌي نرواسين کي جواهرلال نهروءَ ڪليم وجهڻ به نٿي ڏنو. ڇي اِها اسان جي جوابداري ڪانهي. سنڌين کي پنهنجي سنڀال پاڻ لهڻ گهرجي. ڊاڪٽر چوئٿرام گدوانيءَ کي نهروءَ جي اِها پڌرائي ڪانه وڻي. هو پنهنجي ساٿي پروفيسر گهنشيام شوداسانيءَ سان گڏجي مهاتما گانڌيءَ وٽ دانهن کڻي ويو. ڪيس ٻڌايو ويو ته سنڌين سان هھڙو ناحق ٿي رهيو هو. نهروءَ کي هٽ جي گهوڙي تان هيٺ لاهڻ وارو صرف مهاتما گانڌي هو. هن سنڌي نرواسين جا آهنج ٻڌي هڪدم نهروءَ کي لکي موڪليو ته هنن نرواسين جي سنڀال لهڻ تنهنجو فرض آهي. هنن لاءِ نوڪريون پيدا ڪر ۽ ڇڏي آيل ملڪيتن جا ڪليم به ڀرائي وٺ.

مهاتما گانڌيءَ جو خط پڙهي پرڌان منتري پنڊت جواهرلال نهروءَ گره منتري سردار ولڀ ڀائي پٽيل کي اهڙو آرڊر ڏياري موڪليو جنهن کان پوءِ سنڌين ڪليم وڌا.

ليڪن گوبندرام ڪليم نه وڌو. نوڪري به ڪانه گهريائين. هن پنهنجو اصلوڪو ڌنڌو، ٻجاجڪو شروع ڪيو..

ڦيريءَ لاءِ بمبئيءَ وڃڻ کان اڳ، نيرن ڪرڻ کان پوءِ، گوبندرام اخبار ضرور پڙهندو هو. ٽڪاٽي مان موٽڻ وقت، سيئو بزار مان، سنسار سماچار اخبار وٺندو ايندو هو. مکيه مکيه خبرون نظر مان ڪڍي، باقي خبرون رات جو اچي پڙهندو هو. وڃڻ وقت اخبار ويڙهي، گاديلي هينان رکي ويندو هو.

مهاتما گانڌيءَ جو موت سچ پچ تہ اُن ڏينهن تي ٿيو هو جنهن ڏينهن پنڊت جواهرلعل نهروءَ ورهاڱو قبول ڪيو هو. نہ تہ گانڌيءَ پبلڪ ميڙ ۾ چيو هو تہ هندستان جو ورهاڱو سندس سيني تي ٿيندو. ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع تي هندستان آزاد ٿيو ورهاڱي جي صورت ۾، ۽ ٣٠ جنوري ١٩٤٨ع تي مهاتما شهيد ٿيو گوڊسي جي گوليءَ سان!

مهاتما گانڌيءَ جي پوئلڳ گوبندرام، مهاتما جي شهادت بعد، سنڌ ۾ رهڻ چاهيو هو ليڪن سنڌ اندر اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويئون جنهن سبب سنڌي هندن کي مجبورن پنهنجي وطن مان لڏڻو پيو...

گوبندرام جي ڪئمپ ۾ هڪ ماڻهوءَ سان ڳهري سنگت هئي. اهو ماڻهو هو ماستر ماڌوَ داس جيڪو اصل شڪارپور جو هو. ماستر پڻ لڳ ڀڳ اُن ئي ڪئمپ ۾ آيو هو جنهن وقت گوبندرام آيو هو. مشڪلاتون سهڻي نرواسين لاءِ ساڳيون هيون. اُنهن سان منهن مقابل سڀ هئا. ماستر جيئن تہ چست ۽ ڦڙت هو، لکپڙهہ ڪرڻ ۾ ماهر هو، تہ نرواسين کي جيڪي درخواستون ڪرڻيون هونديون هيون، اُهي ماستر ئي لکي ڏيندو هو. هڪ درخواست لکائڻ جا چار آنہ وٺندو هو. سڄي ڏينهن ۾ ڏهہ ٻارهن درخواستون لکي وٺندو هو. ٿوري اسٽيشنري بہ رکندو هو. پوسٽ ڪارڊ، لفافہ ۽ ٽڪليون بہ وٽائڻس ملنديون هيون. نہ ڪا اِهو بہ سئو. ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪمائي وٺندو هو. اُن بعد دفتر ۾ نوڪري ڪيائين. هڪ پريس ۾ ڪمپازيٽر بہ بڻيو. پوءِ پنهنجي پريس وڌائين- شواجي پرنٽنگ پريس! ماستر جي پريس اِن ڪري جلد مشهور ٿي ويئي جو ڪئمپ ۾ رهندڙ ليکڪ ۽ شاعر پنهنجا ڪتاب، مخزنون ۽ اخبارون وٽائڻس ڇپائيندا هئا. ماستر جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هئو تنهن ڪري ڪتابن، مخزن ۽ اخبارن جا پروف پاڻ پڙهندو هو ۽ ڪوشش ڪري چڪون ٿيڻ نہ ڏيندو هو. اِهو وڏو سهنج هو.

ٻنهي دوستن گوبندرام ۽ ماڌوَ داس مان ڪوبہ اخبار ۾ ڪا نئين ڳالهہ پڙهندو هو تہ اُن تي بحث مباحثو ڪندا هئا. گهڻو ڪري هر آرتوار تي ٻئي دوست پاڻ ۾ گڏبا هئا ۽ اوڀاريون لهواريون ڪندا هئا.

ڪنهن وقت سنڌين جي آهنجن جو چنو ئاهي، سنسار سماچار اخبار کي موڪليندا هئا. ڪڏهن تہ وري سنڌ جون ڳالهيون ڪيدي، ڪٿي جو ڪٿي وڃي دنگ ڪندا هئا. ماستر شڪارپور جي شان جي ڳالهہ ڪندو تہ گوبندرام لاڙڪاڻي جي ساراهہ جون سرڪيون پريندو.

’شڪارپور سهڻي جو آستان هو!‘ ماستر شڪارپور پهچي ويندو هو.

اُن رات رسوئي ڪائي ڳڙ ڏري وات ۾ وجهي، اخبار ڪڍي پڙهڻ وينو. اخبار جي هڪ ڪنڊ ۾، ڪئمپ ۾ ئي رهندڙ شاعر پرسرام ضيا جو هڪ شعر پڙهي مشڪڻ لڳو. زال کي سڏ ڪري چيائين، 'لڇمي، هيڏانهن اچ، ٻڌ ته اسان جو ڪئمپ واسي شاعر ضيا ڇا ٿو لکي: جبلن تي ٿا جتيون گسايون، لوهه جا بوٽ پيرن ۾ ڪي پايون. سچ پچ ته هتي، ڪئمپ جي هنن جابلو رستن تي، چمڙي جي بوٽن ۽ چمپلن جي ته جاءِ ئي ڪانهي. هتي ته لوهه جا بوٽ ۽ چمپلون پائجن ته ڪو جهلين!'

'برابر ته چوي ٿو،' لڇميءَ مڙس جي سامهون اچي چيو، 'توهان منهنجي لاءِ بمبئيءَ مان جيڪا ڪاري چمپل وٺي آيا هئا، اُها ٻه مهنا ٻه ڪانه هلي. تروئي گسي ويس. هوءَ سامهون واري ساوتري جيڪا نئي چمپل وٺي آئي آهي، تنهن کي ٽائر جو ترو لڳل آهي. چوي ٿي ٽائر جو ترو گهٽ گسندو.'

'هائو، اسان کي ٻه اهڙيون ئي ٽائر لڳل جتيون پائڻيون پونديون.'

'ليڪن توهان جو هو لاڏلو پٽ شيام نٿو مڃي. چوي ٿو مون کي چمڙي جو ڪارو شو بوٽ گهرجي.'

'ڀلي وٺي. ٽائر لڳل جتي پائيندو ته اسڪول وارا سنگتي ٺٺس ڪلندا. پنهنجو هڪ ئي ته اولاد آهي. ڀل ته پنهنجو شونق پورو ڪري!'

'پر ٻه توهان ڪمايو ڪيترو ٿا جو پٽ جا سمورا انگل پورا ڪندا؟'

'لڇمي، پنهنجو ڳوٺ قمبر ڪنهنجي خاطر ڇڏيوسين، پنهنجي اِن سڪيلڌي پٽ شيام خاطر ئي ته ڇڏيوسون. لاڙڪاڻي ۾ ڪيڏو نه خوش پئي رهيو. بدن ۾ ڀريو هو ۽ منهن ۾ ٻه سرهو ٿيو هو. هو خوش ته اسين ٻه خوش. هيءُ ته ملڪ جي هوا ڦري ويئي، ڀن ڀن ڌار ٿي ويو ۽ اسين ٻه سڪل ڇٽيل ڀن جيان هتي اچي ڀهتاسين، نه ته هيل توڻي پنهنجو پٽ گهوٽ ٻڻجي گهوڙيءَ تي چڙهي چڪو هجي ها!'

۾ هوندو، هتي چاهي ڏيساور ۾، سندس اُٿڻي ويهڻي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، کائڻ پيئڻ ۽ پهراءُ بلڪل علحدو هوندو. ٺيٺ شڪارپوري هوندو. ان ڪري شڪارپوري ٻيءَ جات سان مکس ٿي نہ سگهندو. ڳالهائڻ جو لهجو بدلائي نہ سگهندو. لفظ کي ڇڪي، لنبو ڪري 'ني' ضرور چوندو. اِها 'ني' شڪارپوريءَ جي خاص نشاني آهي جنهن ۾ چاشني مليل هوندي آهي!'

'اٿين تہ ماستر، لاڙڪاڻو بہ ڪيترين ڳالهين کان مشهور آهي. پر هاڻي اِنهن ڳالهين کي ياد ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟'

'گوبند، منهنجا يار، وطن ۽ اُن جي ياد کي وسارڻ بہ نہ ايترو سؤلو ڪونهي. ڪجھ وقت تہ ضرور لڳندو. پوءِ بہ ڪهڙو پروسو تہ سنڌي پنهنجي وطن سنڌ کي وساري ڇڏيندا!'

'تون سچ ٿو چوين، ماستر. مان بہ ڪڏهن ڪڏهن لاڙڪاڻي کان ٿيندو قمبر وڃي پهچندو آهيان، پنهنجي اباڻي ڳوٺ...!'

اٿين برابر هو، سنڌ سنڌين کان اصل ڪانہ وسري هئي. اُها سندن ساهہ سان جڙيل هئي...

’۽ لاڙڪاڻو عاشقن جو نڪاڻو!‘ گوبندرام لاڙڪاڻي جي عاشقي ٻڌائيندو هو.

’شڪارپور جا شوقين شام جو رابيل جون ڪنڊيون ٻانهن ۾ ويڙهي ٽلندا، ٽهلندا، سنڌوءَ جي ڪناري وچي ديدار بازي ڪندا هئا!‘

۽ جي تون شام جو گهاڙواه ٽپي، گيان باغ جو سئر وڃي ڪرين ته پنهنجيءَ ان شڪارپور کي پلجي وڃين! باغ جو وڏو شاهي پکو اِئين هلي جڻ هوائي جهاز گهو گهو ڪندو پيو وڃي. اُن پکي جي هوا کائڻ سان سڄي ڏينهن جو ٿڪ لهيو وڃي!‘

’پوءِ به لاڙڪاڻو شڪارپور سان ڪلهو هڻي نه سگهندو.‘

’هڪجهڙي ناٺو نه گهم لاڙڪاڻو، اِهو ائين ئي نه چيو ويو آهي!‘

’موتيءَ جي ڪلفي صرف شڪارپور ۾ ئي ملندي!‘

’جمنوءَ جا ڪوفتا کائين ته آڱريون چٽين!‘

’اهوئي جمنون نه جنهن ڪئمپ ۾ اچي هوٽل کولي آهي؟‘

’هائو، اُهوئي جمنون ۽ هو رائل قلودي وارو به، جنهن وٽ شام جو رش هوندي آهي!‘

’منايون ته شڪارپور جون! هڪڙي جٽي ته بمبئيءَ ۾ دڪان به کوليو آهي. تنهن ڏينهن هڪ دوست پٽ جي شاديءَ جي مٺائي موڪلي هئي. حلوي مان ساڳيو شڪارپور وارو سواد پئي آيو.‘

’ڪهڙيءَ جات مان شادي ڪيائين؟‘

’شڪارپور جي ٻجاجن مان. شڪارپوري ٻين سان سڱ ڳنڍين ئي ڪين.‘

’۽ اسين لاڙڪاڻي وارا هر ڪنهن سان ڳنڍيون. ماستر، وطن جا وڻ ڇڏڻ بعد ڪهڙيون جاتيون؟ اِهي ويچا هاڻ مٽائڻ گهرجن.‘

’گوبند، مان توسان اِن ۾ شاملراءِ نه آهيان. هرڪنهن جاتيءَ جي پنهنجي خصوصيت آهي، خاصيت آهي. شڪارپوري جتي

هڻندي رهي.

شري راج گوپال آچاريہ تقرير ڪندي چيو، ’ياد درد جو درياهہ بڻجي پوندي آهي. سنڌ جي ياد اوهان سنڌين کي هميشه دک پهچائيندي رهندي. اُلهاس نگر معنيٰ خوشي. اوهان هينئر آزاد ملڪ ۾ آيا آهيو. اوهان هتي خوش رهو ۽ اُنهن خوشين لاءِ مان اُلهاسنگر اوهان کي ارپڻ ٿو ڪريان!‘

سرڪاري ڪامورن جي ٽاڙين وڄائڻ بعد گورنر جنرل بنيادي پٿر رکيو جنهن تي ’اُلهاسنگر‘ نالو اُڪريل هو.

سنڌين سخت مظاهرا ڪيا. هو سڀ ڏوڪ ڏوڪان ڪندا اڳتي وڌيا. ليڪن پوليس جو انالو وڏو هو. اُنهن جي هٿن ۾ لٺيون هيون. اُنهن سنڌين مٿان لٺيبازي ڪئي جنهن ۾ ڪيترائي سنڌي زخمي ٿيا.

ڪن مشهور ويڪتين کي گرفتار ڪري ٿاڻي جي لاڪپ ۾ بند ڪيو ويو.

ٿاڻي لاڪپ ۾ بند ڪيل سنڌي اڳوانن تي جڏهن ڪيس هليو تہ ڪئمپ جا سوين نرواسي اُن ڪيس جي شنوائيءَ تي حاضر رهڻ لڳا. اُهو پهريون ڪيس هو جيڪو نڊر رام جيٺملاڻي سنڌين جي بچاءَ لاءِ لڙيو جنهن لاءِ سنڌين ڪيس داد ڏنو.

سن ٥٠-١٩٥١ع ڌاري ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ڪانگريس پارٽي ڇڏي آيو. هن کي ناراضپو ان ڳالهہ تي هو تہ ڪانگريس، جنهن ملڪ تي حڪومت پئي ڪئي، اُها نرواسين طرف بي رخي ڏيکاري رهي هئي. سندس پيروي ڪندي رفيع احمد قدوائي، آچاريہ ڪرپالاڻي، پرفل چندر گهوش، سچتا ڪرپالاڻي ۽ گووند سهاءِ جهڙا برک اڳوان بہ ڪانگريس پارٽيءَ کان الڳ ٿي ويا.

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ ديش جو رتن ڪندي ڏٺو تہ جنتا ۾ ڪيڏي نہ بي آرامي هئي. جنتا پيڙا پوڳي رهي هئي ۽ سرڪاري ڪامورا الغرض ٿي ويا هئا. هو عهدن لاءِ هڪ ٻئي مٿان چڙهت ڪري رهيا هئا. آفي باقي ڪئمپن اندر نرواسين

ڪُوڙو سچ

باب ڇهون

ڪئمپ واسين کي جيئن ئي ڄاڻ پيئي تہ ڀارت جو گورنر جنرل شري راج گوپال آچاريہ ڪئمپ ۾ اچي، ’اُلهاسنگر‘ نالي جو پٿر رکڻ وارو آهي تہ سنڌين يڪمشت تي آواز اُٿاريو: ڪئمپ جو نالو اُلهاسنگر بجاءِ سنڌو نگر رکيو وڃي. آگسٽ ١٩٤٩ع جو اُهو ڏينهن ڪئمپ واسين کان مور ڪين وسرندو. اُن ڏينهن سنڌين جيڪا ايڪتا ۽ همت ڏيکاري اُها بي مثل هئي. هزارن جي تعداد ۾ سنڌين گڏ تي نعرا هنيا:

’سنڌونگر...! سنڌونگر...!!! اسان کي ’سنڌونگر‘ نالو گهرجي!‘...

ڪئمپ جا ڪجهہ نوجوان، جن اِن تحرڪ جي اڳواڻي ڪئي، سويراج ٻڌواڻي، لڇمڻ داس ماٽڪاڻي، نارايڻ شرما ۽ پرسرام وليچا. پرسرام وليچا بس ڪنڊڪٽر ۽ انقلابي ليکڪ هو.

وليچا گرجنا ڪندي چيو،’اسان سنڌين آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو پنهنجو پيارو وطن بہ پيٺ ڪري ڇڏيوسون. اڄ اسين اُن ’سنڌ‘ بجاءِ صرف سنڌونگر نالو ٿا گهرون تہ بہ ڏيڻ کان ڪيٻايو ٿو وڃي. اسين پڇون ٿا اگر هن نگر جو نالو ’سنڌو نگر‘ رکيو ويندو تہ ڇا هيءُ نگر هن صوبي کان الڳ ٿي ويندو؟ اسان جيان ٻيا ڀارتواسي بہ فراخدل ڇو نٿا ٿين؟ قرباني صرف اسان سنڌين کان ئي ڇو ٿي طلبي وڃي؟‘

سويراج ٻڌواڻيءَ پنهنجي هفتيوار اخبار قرباني جو خاص سنڌو نگر پرچو ڪڍيو جنهن ۾ سنڌونگر نالي جي حمايت ۾ ڪيترا ليک ڇپيا ويا. ضيا جا شعر ڇپيا ويا.

پوليس جي زبردستي بندوبست هوندي بہ سنڌي جنتا نعرا

ڪوڙو سچ
باب ستون

وئڪيشن واري عرصي ۾ شيام به پيءُ سان گڏجي بمبئيءَ وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن هو هڪ اهڙي محلي ۾ ويو جتي جو ماحول ۽ رنگ ڍنگ ڏسي ڪيس ڪراهت اچي ويئي. اُهو وئشاليه هو. اُتي هروقت ماڻهن جي پيڙ هئي. رات ته رات ماڻهو ڏينهن جو به اُتي تفريح لاءِ آيا ويا پئي.

شيام کي اُتي پنهنجي پيءُ جو نئون روپ نظر آيو. هو اُنهن وئشائن سان اهڙي نموني پيش پئي آيو ڄڻ گويا اُهي مانَ شانَ واريون گهرڏياڻيون هيون. هو پڻ ساڻس عزت ۽ فضيلت پريو وهنوار ڪري رهيون هيون. ڪيس ڪاڪو چئي مخاطب پئي ٿيون.

گهڻو ڪري هو ٻنپهرن جي وقت فرصت ۾ هونديون هيون. هڪ ٻئي کي سيرون ويڻيون ڏينديون هيون. ڪي ٻارن کي پيئون وهنجاريندي هيون. اُنهن مان ننڍيون نينڍيون رات لاءِ هينئر کان ئي هار سينگار ۾ مشغول هونديون هيون.

هڪ ڏينهن گوبندرام اُنهن مان هڪ کان پڇيو، ’تون پنهنجي جنهن پٽ کي هيتري لاڏ ڪوڏ سان وهنجاري، سنواري، مانيءَ جون گرهيون ويڻي ڪارائين، اُن جو پيءُ ڪير آهي، توکي خود اُن جي خبر آهي؟‘

اُن هڪ کلندي وراڻي ڏني، ’مان ڪيئن ٿي ٻڌائي سگهان ته هن پونگڙي جو پيءُ ڪير آهي؟ ليڪن مان هن جي ماءُ آهيان، اِها مون کي سڌ آهي! مون هن کي نوَ مهنا پنهنجي گرڀ ۾ رکيو ۽ ڪيس پنهنجو رت پيئاريو آهي. ويهه جا سور سٺم ۽ هينئر سندس پروش ڪريان پيئي. تنهن ڪري هيءُ منهنجو پٽ آهي. هن تي صرف منهنجو حق آهي. مون ماءُ جو اڌڪار آهي!‘

’ليڪن سماج ۾ هيءُ ناجائز ليکبو. تون هن ناجائز ٻار کي ڪيرائي به نه سگهينءَ پئي. تو ائين ڇو نه ڪيو؟‘

سان ٽيندڙ اتياچار ڪيس مچرائي ڇڏيو. اِهوئي ڪارڻ هو جو هو ڪانگريس پارٽيءَ مان الڳ ٿي ويو.

ٿاڻي ضلعي جو برجستو اڳوان ڳووندراءُ ورتڪ هو. هو بمبئي سرڪار ۾ وزير هو. ١٩٥٢ع وارين لوڪ سڀا جي چونڊن ۾ ڪانگريس پاران کيس ٽڪيٽ ملي هئي. هن جي مقابلي لاءِ ٿاڻي ضلعي ۾، سماجوادي پارٽيءَ کي ڪو به اُميدوار ڪونه مليو. آخر هنن جي نظر ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ تي پيئي. ڊاڪٽر چوئٿرام ڪانگريس پارٽي ڇڏي چڪو هو. تنهن ڪري هن سماجوادي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊ لڙڻ قبول ڪيو.

ٿاڻي ضلعي ۾ اٽڪل اٺ لک ووٽر هئا. ڊاڪٽر گدواڻيءَ کي ڪلياڻ ڪئمپ جي سنڌي ووٽرن تي ڪُلي اعتماد هو. ضلعي اندر جيتريون سنڌي ڪئمپون هيون-اُلهاسنگر، ملند ۽ اڪبر ڪئمپ، تن گڏجي ڊاڪٽر صاحب لاءِ ڪم ڪيو ۽ آخر کيس سوڀارو ڪيو.

ڊاڪٽر چوئٿرام جي سوڀ سنڌين جي سوڀ هئي. هنن خوب جشن ڪيا. اُلهاسنگر جي پئنچائتن ۽ ٻين سنستائن پاران ڊاڪٽر صاحب کي پيراماؤنٽ سئنيما جي هال اندر ڀيڪيدار مرحبا ڏني ويئي.

ساڳيءَ طرح ١٩٥٣ع جي اسيمبلي چونڊ ۾، اُلهاسنگر مان شري کانچند گوپالداس سنڌ پئنچائت فيڊريشن جي ٽڪيٽ تي اُميدوار بيٺو جنهنکي سنڌين ووٽ ڏيئي کٽايو.

کانچند گوپالداس وڏو ديش ڀڳت هو. سنڌ ۾ آر-ايس-ايس جو اڳوان هوندو هو. بمبئيءَ جي ڪشنچند چيلارام ڪاليج ۾ لا ڪاليج جو پرنسيپال هو. هو پنجن سالن لاءِ بمبئي اسيمبليءَ جو چونڊيل عيوضي هو جتي هن سنڌي نرواسي ڪئمپن جي مسئلن تي خاص ڌيان ڏنو. اُن وقت بمبئيءَ جو چيف منسٽر شري مرارجي ڊيسائي هو.

ڳهر ڇڏي هتي آيا آهيون، نئين سري سان هن ڌرتيءَ ۾ پنهنجو بوٽو لڳائڻ. اُهو بوٽو اڃا ڪچڙو آهي. جيستائين اُهو بوٽو پاڙون پختيون ڪري، تيستائين اسان کي اُن جي سنڀال ڪرڻي آهي. اسان کي هر وقت ساوڌان رهڻو آهي جيئن توريءَ ئي غفلت سبب اُهو بوٽو ڪچيءَ ۾ ئي اُکڙجي نه وڃي. هڪ ٻي به چيز آهي، جنهنجي پڻ سنڀال ڪرڻي آهي. اُها چيز آهي عزت ۽ آبرو! اُن آبروءَ خاطر ئي ته اسان پنهنجو وطن ڇڏيو. عزت کان سواءِ ماڻهوءَ جو ملهه ئي ڪهڙو؟ ڪوڏي به نه! تنهن ڪري اسان جو هنن ڳالهين سان ڪو واسطو، ڪو پريوجن ڪونهي. اِهي عياشيون پيٽ ڀرائي ڪرائينديون آهن. اسان جا پيٽ خالي آهن. اسان کي ايمانداريءَ ۽ ديانتداريءَ سان پيٽ گذر ڪمائڻو آهي!'

مهاتما گانڌيءَ جي اثر هيٺ گوبندرام ڇوت ڇات ۽ اوچ نيچ جي ڀيد ڀاوَ کان آجو هو. ورهاڱو ڪانگريس جي هار ۽ مهاتما گانڌيءَ کي بي تاج بادشاه سمجهندو هو. هن جي سکيائن جو مٿس گهرو اثر هو. اِهو ئي ڪارڻ هو جو وڌيائن طرف سندس رخ همدرداڻو هو. هو ڪين سماج جون ستايل ۽ مجبور ناريون سمجهندو هو. جيئن ورهاڱي وقت ڪيتريون ابلائون حوس جو شڪار ٿيون هيون، هنن کي به شڪار ٿيل عورتون سمجهندو هو!

هڪ ڏينهن گوبندرام پنهنجي پٽ شيام جي روبرو هڪ وڏشيا کي چيو، 'جيئن اسين پنهنجي ملڪ کان ڌڪاڻجي، ڪٽو ڪٽو ٿي هتي ٽڙي پکڙجي ويا آهيون، تيئن اوهين پڻ الڳ الڳ صوبن ۽ شهرن مان ڀڄي يا ڀڄائي هتي آنديون ويئون آهيو. نه اوهين پنهنجي مرضيءَ سان هتي آيون آهيو ۽ نه ئي اسين آيا آهيون. اوهان کي هنن ڪوٺن ۾ پناه ملي آهي ۽ اسان کي فوجي بئرڪن ۾. ليڪن اسان ۾ ۽ اوهان ۾ اِهو فرق آهي ته اوهان کي روزگار گهر ويٺي مليو وڃي ۽ اسان کي گهر گهر وڃي سئن هٽڻي ٿي پوي. اسين پنهنجون

هوءَ ڪا گهڙي سوچ ۾ پئجي وئي. پوءِ چيائين، 'ڪاڪا، مون کي هڪ ڊاڪٽر ٻڌايو هو ته جڏهن عورت ۽ مرد جي ويريه پاڻ ۾ ملندي آهي تڏهن بالڪ جي اُتپتي ٿيندي آهي. ٻنهي جا جوڙا پاڻ ۾ ملي انساني روپ ڌارڻ ڪندا آهن. تنهن ڪري اُهي بالڪ ناجائز نه آهن. اخبارن ۾ پڙهيو اٿم ته مرداني ويريه جي بئنڪ مان ويريه وٺي زال جي گرڀ اندر داخل ڪري، ٻار کي جنم ڏنو ويندو آهي. پوءِ ته اُهي ٻار به ناجائز ليکبا جو ته اُن ويريه پرش جو پتو نه هوندو آهي. اگر هوندو به آهي ته اُهو ڳجهو رکيو ويندو آهي!'

گوبندرام اچرج ۾ پئجي ويو هو. ايتري ڄاڻ هئي هن وئشيا کي! پڇڻ لڳس، 'ڪهڙي ڊاڪٽر مان توکي اِها خبر پيئي؟'

سوال ٻڌي هن کليو. چپن کي گول ڦيرائيندي چيائين، 'مان جڏهن نئي هئس، جوان هئس، تڏهن هڪ ڊاڪٽر مون وٽ ايندو هو. مون کي ڏاڍو پيائيندو هو. اُن ڊاڪٽر ئي هيءَ سموريون ڳالهيون ٻڌايون.' اکيون چنڀيندي چوڻ لڳي، 'ٿي سگهي ٿو منهنجو هيءُ پٽ اُن ڊاڪٽر مان هجي!'

ٻنپهرن وارو وقت هو اِئين ئي گپ شپ هڻي ڪاٽينديون هيون. گوبندرام جي ڌنڌي جو به اُهوئي مناسب وقت هوندو هو. هو کين سازهيون ڏيکاري هرکائيندي چوندو هو، 'هيءَ سازهي توکي ڏاڍي سونهندي. هن ريشمي ڪپڙي جي وڳي ۾ تون حور لڳنديئن!' گوبندرام جون اهڙيون هرکائيندڙ ڳالهيون ٻڌي هو ٽهه ٽهه ڪري کلڻ لڳنديون هيون. اُنهن مان ڪي ته اهڙيون شرارتي هيون جو گوبندرام کي کجائيندي چونديون هيون، 'اوهان به ته اسان مان ڪنهن حور کي پسند ڪريو. توهان اڃا ته اهڙا ٻڍا ڪين ٿيا آهيو!'

گوبندرام سمجهي ويندو هو ته هو ساڻس چرچا ڪري رهيون هيون. تنهن ڪري هو برو نه مڃيندو هو. ڪاوڙ ته اصل نه ڪندو هو. هو سندس گراهڪ هيون، هو پاڻ هنن جو گراهڪ نه هو. سنجيدو بڻجي چوندو هو،'اسين پنهنجو وطن ۽ پريو پاڳيو

ورهاڱي جي فسادن ۾ ڪامني مائٽن کان وڇڙي ويئي هئي. هوءَ پنهنجي لڄ بچائي نہ سگهي هئي. پوءِ ڪنهن لوفر جي ور چڙهي ويئي. اُن ڪيس ڪجھ ڏينهن پاڻ وٽ رکي، بمبئيءَ آڻي، هن بزار ۾ وڪڻي ڇڏيو هو!

ڪامنيءَ جي آپ بيتي ٻڌي شيام تڏو ساھ پريو هو.

ليڪن هن کان سڏڪو نہ نڪتو هو. تنهن ڏينهن کان هن جي ڪامنيءَ سان همدردي ٿي ويئي هئي. شيام کي پنهنجي ڀيڻ ڪانہ هئي. اُن ڏينهن هن ڪامنيءَ کي پنهنجي ڀيڻ ڪوٺيو ۽ جڏهن بہ بمبئيءَ اڪيلو آيو، ڪامني ڀيڻ وٽ ضرور ويو!...

ڪامنيءَ سان شيام جي همدرديءَ جو هڪ ٻيو بہ ڪارڻ هو. اُلهاسنگر ۾ سنڌي ليڪڪن سان اُٿندي ويهندي هو بہ سنڌي ساهت پڙهڻ لڳو هو. اردو ليکڪ منٽو جي ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپيو هو جنهن جون ڪهاڻيون پڙهي سندس لڱ ڪانڊارجي ويا هئا. خاص طور 'دري' ڪهاڻي پڙهي هو جنسي روئي ويٺو هو.
ڪامنيءَ سان سندس همدرديءَ جو وڏو سبب سعادت حسن منٽو جي اُها ڪهاڻي هئي!...

جنسون ڏيکاري، گراهڪن کي هرڪائي، روزگار ڪمايون ٿا ۽ اوهين پنهنجي جسم کي ڍڪي ڇڪي، اُن جي نمائش ڪري، پنهنجو وکر وڪڻو ٿيون! مول چيز پيٽ آهي. ’پيٽ گذر‘ لاءِ اسين ۽ اوهين ٻيئي يڪسان آهيون. ٻنهي جي روزگار ۾ فرق هيءُ آهي ته اسين سماج ۾ آبرودار ۽ اوهين بدنام ليکجو ٿيون. واپار ٻئي ڪريون ٿا ليڪن هڪڙا نيڪ ۽ ٻيا بد ليکيا وڃن ٿا!‘

گوبندرام اِنهن مان ڪن سان تمام گهرو ٿي ويو هو. اُنهن سان هو پنهنجي گهر جون، پنهنجي وطن جون ۽ ملڪي سياست جون ڳالهيون ڪندي ساڻن بحث مباحثو ڪندو هو.

اُنهن مان هڪ، جيڪا پنجاب جي هئي، ڪافي سهڻي ۽ تندرست هئي، ٿورو پڙهيل ۽ سمجهدار هئي، اُها گوبندرام سان ڪافي فري هئي. ساڻس چرچا گهٻا به ڪندي هئي.

هڪ ڏينهن گوبندرام جي سامهون ئي، شيام جو ڳل پٽي، مشڪي چوڻ لڳي، ’کهڙو نه ڀيرو آهي، جهڙو صوف. جيڪر چڪ وجهي کائي ڇڏجي!‘...ڳالهه اُتي ئي پوري نه ڪيائين، اڳتي چيائين، ’منهنجي ته هينئر ئي ڪيس پاڪر پائڻ تي دل پيئي ڪري!‘ ۽ سچ پچ اُن نادان رنديءَ اِئين ڪيو به، جو اُمالڪ شيام کي پاڪي پائي سندس ڳل چمي ورتائين!

شيام ششدر ٿي، پاڻ ڇڏائي، پري هٽي ويو. ڇوڪرين جا ٽهڪڙا بند ئي نه ٿين. پيٽون ڪلن ۽ ٽرن! گوبندرام کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. شايد پهريون دفعو ايڏي ڪاوڙ لڳي هئس. اُن رنديءَ کي دڙڪو ڏيئي چيائين، ’ڪامني، تو تمام ناجائز حرڪت ڪئي آهي. مون کي توتي ڏاڍي ڪاوڙ آهي. اهڙي حرڪت وري ڪڏهن نه ڪج. منهنجي پٽ طرف اک کڻي به نه نهارج. جنهن عزت خاطر جلاوطني قبولي ڪئيسون، اُن کي هن بزار ۾ نيلام نه ڪنداسون!‘

ڪامنيءَ کي الائي ڇا ٿي ويو. پاڻ ته ڪاٺ جو بند بڻجي ويئي. اچانڪ منهن مان هڪ درد ڀريو سڏڪو نڪري ويس. ساڙهيءَ جي پلوَ سان وات کي بندي، ڪمري اندر ڀڄي ويئي...!

سيمينار جون بئنڪون نيو ايرا هاءِ اسڪول جي هال ۾ ٿيون ۽ ڪلچرل پروگرام دسهڙا مئدان تي ٿيو جيڪو درشڪن سان سٿجي ويو هو. ويهڻ بيهڻ جي جاءِ نہ بچي تہ ماڻهو ٻئرڪن جي ڇتين ۽ وڻن تي ويهي سنڌي سنگيت جو رس وٺڻ لڳا. پروفيسر رام پنجواڻيءَ ۽ هوندراج دکايل ڇا تہ مؤج مچائي هئي!

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جيڪا تقرير ڪئي اُها اڄ تائين اُلهاسنگر واسين کان ڪانہ وسري هئي.

تقرير ڪندي چيائين، 'ڪير چوندو تہ اسين نرواسي آهيون. آهي ڪنهن سنڌي ٻچي جي چهري تي اُداسي يا ملولائي؟ اسين سنڌي پنهنجن دکن کي، ڪشٽن کي، پيڙائن کي وساري، منهن تي مرڪ ۽ سورهيائيءَ جو ميڪ اپ ڪري هلون چلون ٿا. اهو ڏيکاءُ ڪونهي، حقيقت آهي تہ اسين صبر ۽ سهنشيلتا جا صاحب آهيون. زندگي ماڻي ۽ چوڙي ڄاڻون!...'

۽ جنهن وقت دکايل ڪنجري کڻي 'وڻ ۽ ڪهاڙو' بلند آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو تہ فضا ۾ تاڙين جو ڦهڪو پئجي ويو.

ارجن شاد پنهنجي مشهور ڪويتا 'موديءَ جو بل' پڙهي جنهنجون هيءُ سٽون ٻڌي ماڻهن ڪان واہ واہ نڪري ويئي.

ماڻهيان سرور چنڊ جي رمٽيڪ روپ مان
ساگر ۾ دل جا پاؤ پيو اُڇلندا ڏسان
آغوش مخمليءَ ۾ سمهي ماهتاب جي
ڪهراڻ زندگيءَ جي سموري ڀُلي وڃان
جئن حسن چنڊ جي تي وڃي تي نظر ٽڪي
دامن ٿو تنهن سمي اچي موديءَ جو بل ڇڪي!

ڪويتا جي پوئين سٽ اُن وقت ڪئمپن ۾ زندگي گهاريندڙ سنڌي نرواسين جي صحيح تصوير هئي. ڇو تہ سنڌن پهريون مسئلو روٽيءَ جو هو جنهن لاءِ موديءَ جي بل جي هرڪنهن

ڪوڙو سچ
باب اٺون

اُلهاسنگر جا اوني سيڪشن هيون، تيون ۽ چوٿون ان ڪري مشهور هئا جو هڪ ته اُهي ٽڪرين جي ويجهو هئا ۽ ٻيو ته اُتي سنڌي ليڊر ۽ سنڌي ليکڪ رهندا هئا. پرچو وديارٿي، سلامتراءِ پرسواڻي، سيتل هرچنداڻي، سخاوت چوٿواڻي ۽ سريچند آهوجا ليڊر ۽ ماستر چندر، پرسرام ضيا، ارجن شاد، ايشور آنچل، ڪرشن راهي، مدو جواهراڻي ۽ ڦتن پرسواڻي کان سواءِ سگن آهوجا، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، لعل پشپ، راجن چاولا ۽ نارائڻ ڀارتي به رهندو هو، جيڪو شيام جو ڳوٺائي هو. هڪ ٻيو شخص هو-ديال آهوجا، جنهنڪي پنهنجي پبليڪيشن هئي ۽ ونس نوجوان اديبن جي اچ وڃ هوندي هئي. ديال آهوجا ’ون مئن ادبي سنسٿا‘ طور مشهور رهو...

اُلهاسنگر ۾ ٽڪاٽا گهٽا ليکن ڪلچرل سينٽر هڪ به نه هو. ادبي ڪلاس هلندو هو جيڪو ١٩٥٠ع ۾ برپا ٿيو هو جنهن جو پهريون صدر چوهڙمل هندوجا هو جنهن سنڌ ۾ ڪيترا بينگالي ناول ترجمو ڪيا هئا. شرت چندر جو مشهور ناول ديوداس به هن ئي ترجمو ڪري ڇپايو هو. اُن بعد پرسرام ضيا صدر بڻيو جو آخر تائين صدر بڻيو رهيو. اُن ادبي ڪلاس ۾ شيام به ويندو هو.

سال ١٩٥٦ع ۾ به ڳالهيون ٿيون. پهرين ته گوبندرام سيٺو بزار ۾ پنهنجي ڪپڙي جي مانڊٽي وڏي جنهنجو نالو ’سنڌ ڪلاٿ هائوس‘ رکيو ويو. ٻي ڳالهه اِها ٿي ته اُلهاسنگر ۾ پهريون دفعو ليکڪن جو سيمينار ٿيو جنهن ۾ اُلهاسنگر ۽ بمبئيءَ جي سنڌي ليکڪن کان سواءِ غير سنڌي ليکڪن راجيندر سنگهه بيدي ۽ گربچن سنگهه طالب به ڀاڱو ورتو. انهن کي اُلهاسنگر وٺي اچڻ جو شرف ارجن شاد کي هو جيڪو بمبئيءَ جي خالصا ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر هو.

کين وساريو. هفتي ۾ هڪ دفعو، منگل ڏينهن، جنهن ڏينهن سيئو بزار بند هوندي هئي، ڪپڙن جو بچڪو نوڪر هٿان ڪٽائي، شيام بمبئيءَ ويندو هو.

چنچر ۽ آرتوار جيئن تہ وڻشائن جي ڏنڊي جا ڏينهن هئا تہ منگل ڏينهن وٽن پئسا جهجها هوندا هئا. شيام کي اڳيئين اوڌر ڏيئي نئين سر اوڌر تي خريداري ڪنديون هيون.

اُن ڏينهن شيام ڪامنيءَ وٽ وڃڻ نہ وساريندو هو...

اُن ڏينهن ڪامني بي صبريءَ سان شيام جو اِنتظار ڪري رهي هئي. هو جيئن ئي سندس ڪوليءَ تي پهتو، ڪامني سندس هٿ جهلي اندرين ڪمري طرف وٺي ويئي.

شيام اِن حرڪت لاءِ تيار نہ هو. هو هڪو ٻڪو تي ويو ۽ ڪامنيءَ طرف ناپسندگيءَ وارين نگاهن سان نهارڻ لڳو.

ڪمري جي وچ وارو پردو هٽائي، شيام کي پلنگ تي ويهاري، ڪامني سندس قدمن وٽ ويهي رهي.

شيام اجا تائين وائڙو هو. هو سمجهي نہ سگهيو تہ ڪامنيءَ ائين ڇو ڪيو. کيس هٿ کان وٺي، هھڙي نموني ڪمري اندر آڻي، پلنگ تي ويهارڻ مان سندس مراد ڪهڙي هئي؟ ڪٿي هن ڪجهہ غلط تہ نہ سوچيو هو! کيس اِهو بہ ڊپ لڳو تہ ڪٿي پاڻ وارو نوڪر هن واردات جو ذڪر سندس پيءُ سان نہ ڪري وجهي. سندس پيءِ جڏهن ٻڌندو تہ ڪامني مون کي هٿ کان وٺي، اندرين ڪمري طرف وٺي ويئي هئي تہ هو الائي ڪهڙو انومان لڳائيندو؟ جيڪڏهين غلط انومان ڪديائين تہ کيس ياري صدمو پهچندو. اِهو سوچي هو اُٿي بيٺو. ڪامنيءَ کي پٽ تان اُٿاري، پلنگ تي ويهاريندي، ڏوراپو ڏيئي چيائين، ’مون توکي پيڻ ڪوٺيو آهي. پيڻ سمجهي ئي تو وٽ ايندو آهيان. تو ڪيئن سوچيو تہ مان اهڙو غلط ڪم ڪندس؟‘

ڪامنيءَ کي جهڙوڪرنانگہ ڪکي ويو. هوءَ ٿورو لُڇي، ڦٽڪي پر جلدئي پاڻ تي قابو پائي ورتائين. شيام جي هٿ کي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ سوگهو جهليندي چيائين، ’مان بہ توکي

کي چنتا هوندي هئي. راجيندر سنگھ بيديءَ چيو ’مان دادا تو ڏيان سنڌين کي جن هڙڻ ڪنڌهرن ۾ اڄهو وٺي اُن جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو آهي. جتي اڳ مردني ڇانيل هئي، اُتي زندگيءَ جي چرپر پيدا ڪئي آهي. اوهان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ اوهين برپٽ ۾ باغ لڳائي سگهو ٿا. اوهان هتي اڄهو ورتو، هينئر اوهين ٻين کي اڄهو ڏيئي رهيا آهيو!...‘

شيام ڪاليجي تعليم وٺڻ کان محروم رهجي ويو هو. اُن لاءِ نہ وٽس ايتري وسعت هئي ۽ نہ ئي بمبئيءَ وڃڻ لاءِ وقت هو. سندس سهپاٺي گنو ۽ راجن بمبئيءَ جي ڪاليج ۾ داخلا وٺي پڙهڻ سان گڏ نوڪري بہ ڪرڻ لڳا. سندس ڳوٺائي نارائڻ کي ماستريءَ جي نوڪري ملي تہ هو ناگپور هليو ويو. شيام جيان موهن کي بہ ڪاليج ۾ پڙهڻ جي توفيق ڪانہ هئي. ڪيس ٻي نوڪري نہ ملي تہ بس ۾ ڪنڊڪٽر بڻجي ويو. اڳ ۾ پرسرام وليچا اڪيلو ڪنڊيڪٽر هو هينئر بہ سنڌي ليکڪ ڪنڊيڪٽر هئا. موهن پنهنجو تخلص ڪلپنا رکيو هو ۽ ڪئمپ جي زندگيءَ تي بہ ناول لکيا هئا جي ٻئي ناول ديال آهوجا ڇپايا هئا.

موهن ڪلپنا گوئا مڪتي مورچي ۾ شامل ٿيو ۽ اُتان موٽي ڪتابي صورت ۾ رپورتاژ لکيائين. ’اڃا رات باقي آهي‘ جي عنوان سان، تہ هو ليکڪ جي روپ ۾، شيام جي دل ۾ اڃا گهرو لهي ويو...!

شيام پيءُ سان گڏ دڪان تي ويهڻ لڳو. هو هينئر ٻاويهن ورهين جو جوان ۽ قابل سيلسمين هو. ڪپڙي ۽ ساڙهين جي وئرائٽي وڌيڪ هئڻ سبب سندن دڪان جلد مشهور ٿي ويو. اگهہ واجبي، فڪس ۽ سٺي سيلسمين شپ بدولت گراهڪن جو تعداد وڌندو ئي ويو هو. هڪ وقت اهڙو آيو جو پاسي واري مانڊٽي خريد ڪري، دڪان وڏو ۽ پڪو ٺهرائي ڇڏيائون.

ايترو هوندي بہ هنن بمبئيءَ وارن جهونن گراهڪن کي

تائين، اِن ورتيءَ جو شڪار آهي. ٻڪ لڳڻ تي جيئن روٽي گهرجي تيئن سرير جي ٻڪ لاءِ سرير گهرجي. مرد کي عورت گهرجي. عورت کي مرد گهرجي. ان لاءِ ئي تہ شاديءَ جي رسم جو رواج پيو آهي. اُتي بہ سرير جي ٻڪ آهي پر اُها سماج جي دائري اندر، قانوني مڃتا موجب جائز نهرايل آهي. تو ٻڌو هوندو تہ ولائت ۾ هم جنس سيڪس بہ روا آهي. پرش، پرش سان ۽ عورت، عورت سان! تنهن ڪري ڪجھ ڪري نٿو سگهجي. اِهو مرض لا علاج آهي!‘

ڪامنيءَ شيام کي گهوري ڏٺو. هن سوچيو سندس هيءُ ياءُ ڪيترو نہ وڏو، ڪيڏو نہ عقل وارو ٿي ويو آهي. هينئر جيڪي ڳالهيون چيائين اُهي ڪو عقل جو عقابر ئي چئي سگهيو ٿي!

هوءَ من ئي من ڳد ڳد ٿيڻ لڳي. ڪامنيءَ کي ڪجھ سوچيندو ڏسي شام چيو، ’ديدي، هڪ ڳالھ ٻي بہ ٻڌي وٺ. جيڪو ڳل ديوتا جي چرنن ۾ ڏربو آهي، ماڻهو اُهو ڳل ڪٽي پنهنجي مستڪ سان لڳائيندا آهن. ليڪن هڪ ڳل اهڙو بہ ٿئي ٿو جيڪو ڪن قدمن هينان اچي چيپاٽجي ويندو آهي. ٻئي ڳل آهن ليڪن مقدر ٻنهي جو الڳ الڳ آهي!‘

ڪامنيءَ جي اکين ۾ روشني اچي ويئي. شيام ڏانهن نهاريندي پاٻوھ وچان چيائين،’ ياءُ، اڄ تنهنجا ويچار ٻڌي مان اُتي پرسن ٿي آهيان. اگر تون چاهين تہ ان پرسٿتيءَ کي بدلائي سگهين ٿو، پريورتن آڻي سگهين ٿو، ڪنهن ڳل جو مقدر بدلائي سگهين ٿو.‘

شيام ڪجھ بہ نہ سمجهيو. هو ڪامنيءَ جو منهن تڪڻ لڳو. هن ڪوشش ڪري ڪامنيءَ جي چهري تي لکيل اُهو مضمون پڙهڻ چاهيو جنهن ڏانهن هن اشارو ڪيو هو. ليڪن اُهو ڪاغذ بلڪل ڪورو هو...!

’شيام، تو ۾ اگر ٿوري همت آهي تہ مون کي تنهنجي اُها همت گهرجي. ڇا تون مون کي اُها ڏيئي سگهندين؟‘

’ليڪن ديدي تون تہ پرولين ۾ پيئي ڳالهائين. مون کي تہ اڃا تائين پتوئي نہ پيو آهي تہ آخر تون ڪهڙيءَ ڳالھ

پاڻ ئي سمجهندي آهيان، شيام پاڻ! مان ڪنهن ڪارڻ تنهنجو هٿ جهلي، هتي اندر وٺي آئي هئس پاڻ! منهنجو ٻيو ڪو بہ مطلب نہ هو.'

'ڪهڙو ڪارڻ هو؟ اُهو تون ٻاهر بہ تہ ٻڌائي سگهين پئي.'

'مان تنهنجن ويچارن ۽ آدرشن کان واقف هئس تنهن ڪري اهڙو ساهس ڪيم. تون چاهين تہ اُها ڳالهہ ڪري سگهين ٿو.'

'ڪهڙيءَ ڳالهہ بابت ٿي ڳالهہ ڪرين؟'

'تون پهرين ڳالهہ ٻڌ، پوءِ ئي فيصلو ڪج. مون کي يقين آهي تہ تون صحيح فيصلو ڪندين...' ڪامنيءَ ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني. ساڙهيءَ جي پلوَ کي هٿ تي ويڙهيندي ڪجهہ سوچڻ لڳي. شايد سوچي رهي هئي تہ اُها ڳالهہ شيام سان ڪري يا نہ ڪري. آخر ٻڌائڻ جو پڪو فيصلو ڪندي چيائين، 'توکي خبر آهي تہ هيءُ وئشاليہ آهي. هتي هڪڙيون جهونيون ٿين تہ اُنهن جي جاءِ تي ٻيون نيون اچن. جيئن توهان ٻجاجين وٽ نت نيون نيون ڊزائنيون اچن ٿيون تيئن هتي بہ روز نوان نوان چهرا ايندا رهن ٿا. اوهين ڪپڙو وڪڻو ٿا، هتي جسم وڪامجي ٿو. جيئن ڪپڙي ۾ جهونا ڊزائين ڪير بہ پسند نہ ڪندو آهي تيئن هتي بہ ساڳيا چهرا، ساڳيا جسم ڪير بہ پسند نٿو ڪري. اهو سلسلو هرهنڌ هڪ سريکو هلندو ئي رهي ٿو، هلندو ئي رهندو، سڄيءَ دنيا ۾ واپار وانگر! تفاوت رڳو ايترو آهي تہ ڪي حوس جو شڪار ٿي هتي پهچن ٿيون ۽ ڪن کي ڏتاري پڄائي هتي آندو وڃي ٿو. اڄ ڪالهہ ڪيتريون غريبيءَ ۽ مجبوريءَ سبب هن پيشي ۾ اچي رهيون آهن. جيئن ڪپڙي جا دلال ٿين تيئن هن ڌنڌي ۾ بہ دلال آهن!...'

ايترو سڀ ٻڌائي، ڪامني شام طرف نهارڻ لڳي. شيام سوچيو اِها ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ هئي، ائين تہ هميشه کان ٿيندو پيو اچي. ليڪن ڪيس ڪهڙي خيال کان اِهو سڀ ٻڌايو ويو هو. اِهو سوچي هن ڪامنيءَ کي چيو، 'وئشيا ورتي تہ صدين کان هلندي پيئي اچي. راجا، مهاراجا ۽ شاهوڪار کان وٺي ڪنگال

۾ اچي ويئي. اُهو هيرو سڌو هتي وٺي آيس. مون کيس ڏنو ته مون کي پنهنجي ياد آئي. مون نه ٿي چاهيو ته هن معصوم ۽ اُلهڙ ڇوڪريءَ جو به مون جهڙو حال ٿئي. تنهن ڪري اُن روميو هن جي جيڪا قيمت ڳهري، مون کيس اُها ڏيئي هن کي خريد ڪري ورتو. سندس سونهن ۽ سادگي ڏسي مون سوچيو ته هيءُ گل ديوتا جي چرنن ۾ ئي ڌريندس. هن گل کي ڪنهنجي قدمن هيٺان ڇيپاڻڻ نه ڏيندس...' ڪامني جهٽ پل رکي. شيام طرف نهاري چوڻ لڳي، ' ۽ منهنجي نگاهن ۾ اُهو ديوتا تون آهين، صرف تون! تنهن ڪري منهنجا ڀاءُ، پيارا ڀاءُ، تون مون ڀيڻ جو عرض اگهائي هن گل کي قبول ڪر، کيس پنهنجن چرنن ۾ جاءِ ڏي. هن رتن کي ڏوڙ ۾ ملائڻ بدران تون هن کي پنهنجي مٿڪ جو مٽيو بڻاءِ، کيس قبول ڪري، هن اهليا جو اُڌار ڪر...!'

شيام پاڻ ته سراپجي ويو هجي! هن معاملي ۾ هو ڪامني ديديءَ جي ڪابه مدد ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ هيءُ ڪپڙو يا ساڙهي ته ڪانه هئي جو پسند پوڻ تي خريد ڪري ونجي؟ هيءَ ته تمام وڏي ۽ اهم ڳالهه هئي، سڄيءَ زندگيءَ جو معاملو هوا...

وڏي ڳالهه ته هن معاملي ۾ هن جي پنهنجي مرضيءَ کي ڪهڙي معنيٰ هئي؟ هن جي پنهنجي مرضي ته سندس وڏڙن جي حوالي هئي ۽ سندس اُهي وڏڙا - سندس ماءُ پيءُ اجا حيات هئا...

ڇا هو کيس اهڙي موڪل ڏيندا؟ ڪهڙي منهن سان ڏيندا؟ اوڙي پاڙي جو، سماج جو، لوڪن جو، خيال نه ڪندا؟ لوڪ ته آهي ٻوڪ. چوندا ڪين ته هنن هڪ بازاري ڇوڪري گهر ۾ آندي آهي! جيڪا ڇوڪري بنا سوچي سمجهي گهر مان ڀڄي نڪتي هئي، اُها سياڻي ڇوڪري ته ڪانه چئبي. سهڻي ۽ سيبتي آهي ته ڇا ٿي پيو؟ هيري ۾ ٿورو به داغ هوندو آهي ته اُهو هيرو داغي سمجهيو ويندو آهي. اُن جو ملهه گهٽجي ويندو آهي. بلاشڪ ته هيءَ ڇوڪري پاڪ ۽ پوتر هجي ليڪن هوءَ گهران ڀڄي نڪتي آهي، اِهو سچ آهي ۽ اُهو سچ ئي هيري جو داغ آهي، جنهن سبب سندس ملهه گهٽجي ويو آهي...

لاءِ منهنجي همٿ جو اِمتحان پيئي ولين؟ آخر توکي ڇا گهرجي مون کان؟ مان ڪهڙي همٿ ڏيکاريان توکي؟'

'آچ، منهنجي پنيان اچ. هٿ کان جهلي وٺي هلڻ تي تون ڇرڪ تو پرين، تنهن ڪري منهنجي پنيان اچ.'

ڪامنيءَ اندرين ڪمري وارو ڀيڪڙيل دروازو پوريءَ طرح کولي، شيام کي اندر ڪوٺيو. ڪمري اندر هلڪو انڌڪار هو. ڪامنيءَ بٽڻ هيٺ ڪري بتي روشن ڪئي. روشني ٿيڻ تي شيام ڏٺو هڪ ڪرسيءَ تي، هڪ ڇوڪري، ڇئي مئي ٻٽي، گم سم ويٺي هئي.

ڪامني اُن ڇوڪريءَ جي سامهون وڃي، سندس ڪاڏيءَ کي جهلي، منهن مٿي ڪيو. ڄڻ تہ بجليءَ جو اوچتو شعاءُ ٿيو! ايتري سونهن! ڇوڪريءَ جو روپ ڏسي شيام ۾ دنگ رهجي ويو. ايترو سندر ۽ موهڻو چهرو هن اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو. هو مگن نگاهن سان اُن روپوتيءَ جي چهري کي تڪيندو رهيو. سندس نگاهون اُتي ئي ڄمي وڃن ها اگر ڪامنيءَ جو آواز سندس ڪنن ۾ نہ گونجي ها.

'هن جو نالو موهڻي آهي. انگريزيءَ ۾ اُن جو اُچار موهني ٿيندو. توهان سنڌي بہ تہ ڇوڪرين جا نالا موهني رکندا آهيو. ليڪن هيءَ موهڻي آهي يعنيٰ جيڪا ٻين کي موهي، پاڻ طرف ڇڪي، متوج ڪري سگهي.' ايترو ڇئي ڪامنيءَ کليو. تمام مڏر کليو.

'هتي آندل هر ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي لڳ ڀڳ ساڳي آهي. هن کي فلم ائڪٽريس بڻجڻ جو شوق هو. ان شوق ۾ اِضافو سندس ساهڙين آندو جي هميشه پيئون چونديون هئس تہ تو جهڙي سهڻي ڇوڪريءَ کي فلم لائن ۾ وڃڻ گهرجي. مائٽ خلاف هئا، پر هن مورک ڇوڪريءَ جي دماغ تي هيروئن بڻجڻ جو ڀوت سوار هو.' ڪامنيءَ کلندي چيو، 'ڀوت تہ ڀوت ئي ٿيندو آهي. اُهو ماڻهوءَ جي سمجهہ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيندو آهي. هيءَ موهڻي، بي سمجهہ ڇوڪري، گهر مان ڀڄي نڪتي. بمبئيءَ پهتي تہ فٽ پاٿي هيرو جي چڪر

نگاھن ۾ تمام اوچو ٿي ويندين، هيرو بڻجي ويندين!'
شيام ٻڌندو رهيو ۽ ڪامني چوندي رهي، 'تون اِهو نہ سوچ منھنجا پياءُ تہ هيءَ ڇوڪري منھنجي ڪير لڳي؟ ڪهڙو رشتو آهي منھنجو هن سان؟ ڪوبہ نہ. ليڪن هن جي روپ ۽ لاوڻيہ مون کي اصل منڊي ڇڏيو آهي. مان چاهيان ٿي هيءَ روپسي تنھنجين ٻانهن ۾ سوکي هجي، حفاظت ۾ هجي. مان صرف ايترو ئي چاهيان ٿي پياءُ.'
'ليڪن ديدي، تون مون کي ڪجھ ڏينھن سوچڻ جي مهلت تہ ڏي. هيءَ هڪ ڏينھن جي ڳالھ تہ ڪانهي. هيءُ تہ سموري حياتيءَ جو سوال آهي.'
'بيشڪ. تون سوچڻ ۽ فيصلي ڪرڻ لاءِ ڪجھ وقت ضرور وٺ. ليڪن مون کي يقين آهي تہ تون فيصلو اُهوئي ڪندين، جنھنجي مون کي اُميد ۽ خاطري آهي...'

شيام جون نگاهون هڪ دفعو وري اُن ئي سمر ويئل ڇوڪريءَ طرف کڄي ويئون. ڇوڪريءَ جي من ۾ الائي ڇا هو؟ ڪجهه به هجي اُن سان هن جو ڪهڙو پريوجن؟ هن جو اُن ڳالهه سان ڪو واسطو نه هو. ليڪن ائين ڇو ٿيو ته جنهن وقت ڇوڪريءَ جي نگاهن سان سندس نگاهون مليون، هڪ ڪن لاءِ ئي سهين، سندس جسم ۾ سرد لهر ڳهمي ويئي هئي!...

اهو ڪهڙو مقناطيس هو جيڪو هن ڏانهن نهارڻ شرط، اُهو ڪيس پاڻ طرف ڇڪي ٿو وٺي؟ يقينن هوءَ بيحد سندر هئي، سندس مائٽن کي به اِها ڄاڻ هئي، تنهن ڪري ئي هنن سندس نالو موهڻي رکيو هو!

ليڪن اُها موهڻي هن جي سامهون ڇو آئي؟ فلمي هيروئن بڻجڻ جو شوق ٿيس ۽ هوءَ گهران ڀڄي هتي آئي! اِئين جيڪڏهن هرڪا سهڻي ڇوڪري هيروئن بڻجي پوندي ته پوءِ اُنهن جو ڳاڻاٽو ئي نه رهندو.

شڪر جو ڪامني ديديءَ ڪيس ڏسي ورتو. هوءَ نه ڏسيس ها، خريد نه ڪريس ها، ته ضرور غلط هٿن ۾ هلي وڃي ها. ۽ پوءِ هيل تائين خبر ناهي ڪيترن قدمن هيٺان ڪچلي ويئي هجي ها.

هينئر به ڪهڙو ڀروسو ته هوءَ اڇوتي آهي يا سنگهيل گل آهي؟ ليڪن سندس صورت ۽ نماڻن نيڻن مان ته هوءَ اڇوتو گل پيئي معلوم ٿئي... لام تي ٽڙيل ڪومل گل.

شل ائين ئي هجي!...

شيام جَهڪي آواز ۾ چيو، ’ديدي، تون بابا کي ڇڱيءَ طرح سڃاڻين ٿي. هو اِها ڳالهه هرگز قبول نه ڪندو.‘

’ليڪن پائڙا، مون نه تو طرف نهاريو آهي، پنهنجو پلاند تو اڳيان جهليو اٿم. مون کي تنهنجو هٿ گهرجي جيڪو هن نينگر جي هٿ کي مضبوط جهلي سگهي. مون کي اِها سڌ آهي ته هڪ دفعو اگر تو هن جو هٿ جهليو ته اُهو تون يا عمر نه ڇڏيندين! تو اگر اِها سورهيائي ڏيکاري ته منهنجي

موهن ڪلپنا جي رچنائن ۾ شخصيت ڪان شيام ايترو متاثر هو جو جڏهن هو اُلهاسنگر جي هڪ جتي سان گڏجي 'گوئا مڪتي مورچي' سان گڏجي سرحد تي وڃي رهيو هو ته شيام به ساڻس گڏجي وڃڻ چاهيو هو. ان لاءِ هن پيءُ ڪان موڪل به گهري هئي. ڪيس چاڻ هئي ته سنڌ ۾ سندس پتا آزادي آندولن ۾ ڀاڱ ورتو هو. تنهن ڪري ڪيس وشواس هو ته هو ڪيس گوئا جي سرحد تي وڃڻ جي اجازت ڏيندو. ليڪن سندس پيءُ جيڪي حقيقتون ڪيس ٻڌايون تن سندس اُتساهه کي ٿڌو ڪري ڇڏيو. پٽس ٻڌايس ته اسين جو هتي بي گهر، بي وطن ٿيا آهيون ته اِها ڪانگريس جي مهرباني آهي. اِهو صرف هو پاڻ نه، سمورو ڀارت ٿو چوي، سموري دنيا ٿي چوي، حقيقتون ٿيون چون.

گوبندرام چيو، 'پٽ، تاريخ شاهد آهي ته اسان سنڌين سان دوهه ٿيو آهي، ويساهه گهاتي ٿي آهي. ڇا اسان سنڌين آزاديءَ جي هلچل ۾ قربانيون نه ڏنيون؟ جيل نه وياسون؟ هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاسي نه ملي؟ موت ۾ اسان کي ڇا مليو؟ صرف جلاوطني!... ۽ پٽ، اِهو سمجهي ڇڏ ته گوئا کي مڪت ڪرائڻ ۾ جيڪي نوجوان آهوتيون ڏيندا، اُن جو ڦل ٻيا کائيندا!'

شيام پيءُ جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌيون. موت ۾ ڪنڌ ڌوڻي اُن جي تصديق به ڪئي. گوبندرام اڃا ڪجهه وڌيڪ پٽ کي ٻڌائڻ پئي چاهيو. پٽ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، 'اسان جي ننڍي ۽ واجبي گهر به قبول نه ڪئي وئي. ڪئمپ جو نالو 'سنڌونگر' رکيو وڃي، قبول نه پيو. تنهن ڏينهن ڪرلا ڪئمپ ۾، ڪالي مندر جي ويجهو، بينگالي محلي ۾، بمبئي ۽ اُلهاسنگر جا ليڊر گڏ ٿيا هئا. ميڙ ۾ سنڌي ۽ مڪاني ماڻهو حاضر هئا. ٺهلرام آزاد، جيڪو ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ سان گڏ سنڌ ڪان وني ڪم ڪري چڪو هو، سنو تقرير ڪندڙ هو، تنهن تقرير ڪندي، ميڙ کي مخاطب ٿي چيو: 'سنڌو نديءَ کي جيترو اسين سنڌي پوڄيندا آهيون، اوتروئي هتان جا مڪاني لوڪ به پوڄيندا آهن. هو سنڌو نديءَ کي گنگا، جمنا ۽ گوداوريءَ وانگر پوتر ندي مڃيندا آهن. نه صرف ايترو

ڪُوڙو سچ
باب نائون

گوبندرام جي ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ سان نہ پوندي هئي. هن پنهنجي سچائي ۽ ڪارپٽ وسيلي واپاري طبقي ۾ نالو ڪڍيو هو. بہ پئسا ڪمائي پاسيرا ڪيائين تہ اُن مان امرنانت روڊ تي هڪ پلاٽ خريد ڪري، اُن کي لوڙهو ڏياري ڇڏيائين. پوءِ اُن پلاٽ ۾ پاڇيون پوکائڻ شروع ڪيائين. اُنهن مان ڪجھ پاڇيون پنهنجي لاءِ رکي، ڪجھ پاڙي وارن کي ڏيئي، باقي پاڇيون بزار ۾ وڪڻي ڇڏيندو هو. اِهو بہ حقي اُپراسو هو.

شيام بہ پيءُ جي نقش قدمن تي هليو هو. هوشيار سيلسمين هو، نوجوان هو، ليڪن پيءُ وانگر اجا پختو ۽ پربين نہ بڻيو هو. هو اُن ڪچي ڦل مثل هو جنهنکي اَجا پچي راس ٿيڻو هو....

هڪ عمر اهڙي ايندي آهي جڏهن ماڻهوءَ جا جذبا جوان بڻبا آهن. اُهي جوان جذبا ڪنهن دوشيزه جي صحبت چاهيندا آهن. پريم پرپنچ ۾ ولين ٿيڻ چاهيندا آهن.

شيام ڏٺو تہ نگر جا ڪيترا جوان ۽ جوانڙيون پنهنجون محبتون ونڊڻ اوتي ٻئين ٽئين ۽ چوٿين جي ٽڪرين طرف تي ويلہ جيڪي بمبئيءَ ۾ نوڪريون ڪندا هئا، اُهي وي ٽي اسٽيشن جي ڪيفي ٽيريا ۾ گڏجن يا چوپاٽيءَ تي سمنڊ ڪناري وڃي روح رهاڻ ڪن.

شيام جي ڪئمپ جي جن ليڪڪن سان دوستي هئي، اُنهن بہ عشق ڪيا ۽ شاديون ڪيون. ليڪن سندس من پسند ليڪڪ ۽ دوست موهن ڪلپنا اُنهن وانگر خوش نصيب نہ هو. ڪيس هڪ بہ پيار راس نہ آيو. ڪنهن وقت وٽس ساهيڙيءَ کي آئيسڪرم کارائڻ جيترا پئسا بہ ڪين هوندا هئا. ڇوڪريون هن بابت فتوا ڏينديون هيون تہ موهن ڪلپنا ڳالهين ڪرڻ ۽ ڪمپني ڏيڻ جي خيال کان تہ ٺيڪ هو ليڪن ساٿس سڄيءَ عمر جو ناتو ڳنڍڻ عبث هو!

ڪوڙو سچ
باب ڏهون

شيام جي ذهن ۾ ڪامنيءَ جون ڳالهيون ۽ اُن ڊنل هرڻيءَ موهڻيءَ جي صورت ڦري رهي هئي. هن سوچيو ڪٿي هو پيءُ سان اِن جو ذڪر ڪري ڪيس ناراض ته نه ڪندو؟ هڪ پيءُ کي پنهنجي سڪيلڌي پٽ مان جيڪي آسون اُميدون هونديون آهن، تن تي پاڻي ته نه ڦيري ڇڏيندو؟ هڪ آڻ ڄاڻ، آڻ سڄاڻ، گهر مان ڀڄي آيل ڇوڪريءَ سان ناتو ڳنڍي، هو پيءُ جي آڏيل محل کي تاس جي پتن جيان ڊاهي پٽ ته نه ڪري ڇڏيندو؟ هيءُ ڪو هڪ ڏينهن جو معاملو ته ڪين هو، هيءُ ته سڄي عمر جو مامرو هو! ۽ اُن مٿان سماج جو ڏمر... هيءَ بغاوت هئي جيڪا سندس ڪٽنب ۽ سماج جي سهڻ کان ٻاهر هئي...ليڪن اهو معاملي جو هڪ پهلو هو. ان جو ٻيو پهلو به هو. اگر موهڻيءَ جي جاءِ تي اسان جي پنهنجي نياڻي هجي ته اسان جو ڪهڙو رويو هجي ها؟ ڇا اُن کي وڻشيا ورتيءَ لاءِ ڇڏي ڏنو وڃي ها؟ سندس زندگي بدلائڻ جو يتن، ڪا ڪوشش نه ڪئي وڃي ها؟...

هڪ ٻي حقيقت پڻ موهڻيءَ جي حق ۾ سبل هئي. هن ڏٺو هو ته سندس پتا بيحد رحم دل هو. عورتن جي حق ۾ وڏيڪ ڪشاديءَ دل وارو هو. هو جڏهن وڻشاليه ۾ ڦيري ڪرڻ ويندو هو ته اُنهن وڻشائن سان سندس سلوڪ فهميدو ۽ انساني جذبي سان سرشار هوندو هو. ڪامني ديدي، اُن جو هڪ مثال هو، جنهنکي هو ڌيءُ سمان سمجهندو هو!...

هڪ ڏينهن صبح جو ٻئي پيءُ پٽ ڳڏجي پنڌ ڪرڻ نڪتا. پنڌ ڪندي اوڻي ٻئين جي ٽڪرين تائين وڃي پهتا. جهونجهڪڙي ۾ ڪيترا ماڻهو مارننگ واڪ تي نڪتا هئا. ڪي ماڻهو هِتي هُتي، ڪنڊ پاسيرو، ضروري حاجت لاءِ اوڪڙو ويٺا هئا.

ٻئي پيءُ پٽ، پنتي موٽيا ته منهن سامهون پرچو وديارٿي

بلڪ هو پنهنجين ڌيئرن ۽ پيئرن جو نالو ’سنڌو‘ رکندا آهن. بمبئيءَ ۾ هڪ ’سنڌي گلي‘ مشهور آهي. سنڌو درگ هڪ شهر جو نالو آهي جيڪو مهاراشٽرا ۾ آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن هن نگر جو نالو ’سنڌونگر‘ رکيو وڃي ته ڪنهنکي ڪهڙو اعتراض ٿيندو؟... هن اجا ايترو چيو مس ته هڪ پٿر اچي ڪيس لڳو. پوءِ ٻيو، پوءِ ٽيون...ماڻهن ۾ ڀاڪوڙو پئجي ويو. پوليس موجود هئي پر اُها محض تماشبين هئي.‘

ڪن پل ترسي گوبندرام چيو،’ تنهن ڪري پٽ، تون اِهو پلجي وڃ ته اسين اگر ڪو به چڱو ڪم ڪنداسين ته اسان کي اُن جو دادا ملندو. ڪجهه ملندو به ته اُهو پٿرن جي روپ ۾ هوندو، لاٺي چارج جي روپ ۾ هوندو، گوليءَ جي صورت ۾ هوندو!‘

پيءُ جون ڳالهيون ٻڌي شيام ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو. ليڪن کيس فخر ٿيو ته هو اُن ئي پيءُ جو پٽ هو!...

نهاري، سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، ’مون کي ڏاڍي خوشي ٿي تہ تون مون سان پنهنجي زندگيءَ بابت صلاح مصلحت ڪرڻ ٿو چاهين. ضرور اُهي ڳالهيون بلڪل اَهم هونديون. تون اُهي ڳالهيون گهر ۾ ويهي ڪرڻ بجاءِ، هيئن رستي هلندي، نويڪلائيءَ ۾ ڪرڻ ٿو چاهين، اِن مان سمجهي سگهان ٿو تہ ڳالهيون بيحد اهم هونديون.‘

پيءُ طرفان هيءَ همٿائيندڙ پوڪا هئي. شيام اُن جو فائدو ورتو. ڌيرج سان چيائين، ’بابا، مان جيڪڏهن پنهنجي پسند جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪريان تہ ڇا توهان کي اعتراض ٿيندو؟‘

گوبندرام بينو ڪونہ. ڇرڪيو بہ ڪين. هلندو رهيو. البت وِڪ ڍري ٿي ويس. شيام طرف بنا نهارڻ جي پڇيائين، ’ڇوڪري ڪِٿمپ جي آهي؟‘

’نہ ڇوڪري بمبئيءَ جي آهي.‘

پيءُ پنهنجي سڪيلڌي پٽ طرف نهاريو. واقعي هو وڏو ٿي ويو هو. شاديءَ لائق ٿي ويو هو. پاڻ مانجهاندو ڪري ويهي رهيا هئا. هن پاڻ ئي پنهنجي لاءِ ڇوڪري پسند ڪري ورتي هئي. پر هو چپ رهيو. هلندو ئي رهيو. پٽ بہ قدم سان قدم ملائي هلندو رهيو.

آخر شيام ئي سلسلو شروع ڪيو.

’ڇوڪري سٺي آهي، سهڻي آهي، پر...‘

’پر...؟‘ گوبندرام پٽ ڏانهن نهاري دهرايو.

’غير سنڌي آهي!‘

گوبندرام سوچ ۾ پئجي ويو. نيٺ چيائين، ’هتي هينئر اِئين ئي ٿيندو. انتر جاتي شادين کي ڪير بہ روڪي نہ سگهندو. پنهنجي پسند جي شاديءَ ۾ ذات پات جو سوال ئي نہ اُٿندو. مائٽن کي اِهي زحمتون گوارا ڪرڻيون ئي پونديون.‘

ٻئي هلندا رهيا-گهٽ رفتار سان...

گوبندرام منٽ کن بينو. پڇيائين، ’ڇوڪري ڪير آهي،

ڳڌجي وين. اڃيءَ سڀڻ ۽ اڃي جهڙي ۾ اڃا تائين هو سهڻو پئي لڳو. عمر سندس اُتساهه کي گهٽ نہ ڪيو هو. اڃا تائين آزاد سنڌ جا خواب لهندو هو. گوبندرام پرچي وديارٿيءَ کي سنڌ کان سڃاڻندو هو. آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ٻئي شامل هئا ليڪن رستا ٻنهي جا الڳ الڳ هئا. پرچو هنسا وادي هو ۽ گوبند آهنساوادي! پرچي وديارٿيءَ ۽ سندس ساٿين انگريز بهادر کي ڏاڪائي ڇڏيو هو. ٻئي طرف گوبندرام ستياگره ڪندي انگريز سرڪار جون لٺيون کاڌيون هيون!

پرچو وديارٿي ۽ گوبندرام ڀاڪر پائي ڳڌيا. پرچي جڏهن شيام سان هٿ ملايو تہ شيام محسوس ڪيو هيءُ هٿ هڏ ماس جو نہ، رُڪ جو ٺهيل هوا...

'اڄ ڪالهہ ڪهڙو شغل پيو ڪرين؟' گوبندرام هلڪو کلندي پرچي وديارٿيءَ کان پڇيو.

'بمبئي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ اُميدوار ٿو بيهان. مون کي تنهنجي مدد گهرجي. ٻين جهونن دوستن ۽ ساٿين سان بہ ڳڌجان پيو.'

'مان حاضر آهيان، جيئن چوندين تيئن ڪنداسون. اسان کي ڀاڻ خوشي ٿيندي تہ تو جهڙو نڊر نيتا سنڌي سماج جي اڳواڻي ڪرڻ اسيمبليءَ ۾ هوندو.'

پرچو ڪانئن موڪلائي هڪ طرف هليو ويو ۽ هيءُ ٻئي پيءُ پٽ گهر واري رستي تي اڳتي وڌيا...

هيءُ صحيح موقعو هو. شيام سوچيو هلندي هلندي پيءُ سان ڳالهہ ڇوري وٺي. خبر پئجي ويندي تہ سندس ڪهڙي مرضي هئي. اِهو سوچي هو پيءُ جي قدمن سان قدم ملائي هلڻ لڳو.

هو سُرهاڻ ۾ ٻڌڪيو، 'بابا، مون کي توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي. اُهي ڳالهيون منهنجي زندگيءَ سان واسطو ٿيون رکن. اُن لاءِ توهان سان صلاح مصلحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.'

گوبندرام هلندي هلندي ٻيهي رهيو. پٽ جي منهن طرف

دڪان تي هليو ويندو هو. تنهن ڪري هن ٻاهران ئي مٿو ٽيڪيو ۽ اڳتي وڌيو.

شيام سوچيو پيءُ جي اُن ڏڪندڙ رڳ تي آڱر رکي، ٿورو زور ڏئي ڏسي ته ڪيس درد ٿيو هو يا نه. ڪيس خاطري هئي ته سندس پيءُ جُهڪي پوندو. سندس پيءُ جو جهڪڻ هن جي جيت هئي.

’بابا، اُنهن مان ڪي نياڻيون جڏهن مائٽن ڪي موتي مليون هونديون ته ڇا هنن اُنهن کي قبول ڪيو هوندو؟‘

’ڇو ڪين قبول ڪيو هونداڻون؟ اُهي سندن رت هيون، تنهن ڪري قبول ڪرڻ جوڳيون هيون. اِن ۾ اُنهن نياڻين جو ڪو ڏوهه ڪين هو. هو ويچاريون ته شڪار ٿيون هيون وحشانيت جون، حوس پرست عناسرن جون! اهڙين ابلائن کي ته سيني سان لڳائڻ ئي گهرجي. ڪين اڳوڻو مان ۽ مرتبو ڏيڻ ئي گهرجي ڏيءُ، پيڻ ۽ زال جهڙو!‘...

شيام جو منهن ٻهڪي پيو-ائين جيئن ڪومايل گل پاڻيءَ جو ڇنڊو لڳڻ سان تڙي پوندو آهي!

هن سوچيو سندس پيءُ هن جي معاملي ۾، موهڻيءَ نسبت، ضرور اهڙي فراخدلي ڏيکاريندو...

سچ پچ ته اِنساني من عجيب چيز آهي. گهڙيءَ ۾ تولو، گهڙيءَ ۾ ماسو. تارازيءَ جي پڙن جيان پيو لڏندو.پيو هيٺ مٿي ٿيندو. هڪ ميزان ۾ ڪڏهن نه رهندو. جيئن پارو جيڪو ڪڏهن به آستر رهي نه سگهي.

شيام سوچيو من پڪو ڪري هڪ هڪاٽي ڪرڻي ئي پوندي. هيءُ موقعو سنو ۽ صحيح آهي. موهڻيءَ جهڙن پاترن لاءِ بابا جي من ۾ ديا ۽ ڪروڻا آهي. جيڪا ڳالهه هو ٻين لاءِ ثواب ٿو سمجهي، اُها هنن جي حق ۾ به ثواب ڇو نٿي بڻجي سگهي؟

شيام ٻهرين پنهنجو من پختو ڪيو. نشچو پڪو ڪيو. اُن بعد پيءُ سان مخاطب ٿيو.

ڪٿان جي آهي؟'

اِهي ئي نہ سوال هئا جن سبب شيام پريشان هو. ڇوڪري ڪير آهي، ڪٿان جي آهي، سندس خاندان ڪهڙو آهي، انهن سيني سوالن جا جواب ونس هئا پر اُهي هو پيءُ کي ٻڌائي نہ ٿي سگهيو. ڪيئن ٻڌائي ها تہ هو جنهن ڇوڪريءَ جو هٿ جهلڻ وارو هو، اُن جو حقيقي جيون ڪهڙو هو؟ اِهو ٻڌي ڇا سندس پيءُ قبول ڪري ها تہ بلاشڪ هو اُن ڇوڪريءَ سان لائون لهي! ليڪن اِن ٻڌ-تر مان بہ تہ آخر باهر نڪرڻو ئي هو. ڪيستائين هو غوطا کائيندو رهندو؟ سچ تہ آخر ظاهر ڪرڻو ئي پوندو. ڪيس خبر هئي تہ ڪوڙ سان سندس پيءُ جي نہ پوندي هئي.

شيام ڳالھ سڌي سنواٽي نموني نہ، گهمائي ڦيرائي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڳالھ جو سلسلو هن طرح شروع ڪيائين،'بابا، توهان ٻڌائيندا آهيو تہ ورهاڱي وقت، فسادن ۾، گهڻو ظلم زالن سان ٿيو. اُهي نردوش زالون جي ڪنهنجون ڀينر هيون، ڌيئر هيون، اُنهن نياڻين جون عزتون لٽيون ويئون! فسادين اُنهن کي ائين پڃايو جڻ اُهي رڍون ۽ ٻڪريون هيون. ڪن تہ اُنهن کي اٽي جون ڳوٽيون سمجهي، ڪلهن تي ڊوبو هوا! اِهو نسورو ظلم نہ هو؟'

گوبندرام کان ڇرڪ نڪري ويو. اِها گهٽنا ڄڻ هينئر هن جي سامهون ٿي هئي. هن ڏٺو تہ دنگاين ٽرينون بيهاري مردن ۽ ٻارن کي قتل ڪيو ۽ زالن کي پڃايو هو. آڀلائن ڪيڪرات پئي ڪيا ۽ پشاچن ٺهڪ پئي ڏنا. اُن وقت انسانيت فرش تي ليٽڙيون پائي رهي هئي. بهشت بدلجي دوزخ ٿي پيو هوا

اِهو سوچي گوبندرام کان وڏو شوڪارو نڪري ويو. اِهو شوڪارو شام جي ڪنن جهٽي ورتو. هن کي پيءُ جي ڏکندڙ رڳ ملي ويئي هئي...!

ٽڪاٽي ٻاهران پهچي، گوبندرام بيهي رهيو. واچ ۾ ٽائيم ڏٺائين. اڄ ڪيس دير ٿي ويئي هئي. هن وقت هو نيرن ڪري

ڪوڙو سچ

باب يارهون

اسيمبلي چونڊن لاءِ پرچو وديارٿي اُميدوار بيٺو ته نگرواسين ۾ اُتساهه اچي ويو. پرچي وديارٿيءَ بابت ڪين ڄاڻ هئي ته هو ملڪي مستانو هو ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو هئائين. هو ايترو بهادر هو جو انگريزن جهڙي چالاڪ ۽ چالباز ڪان به ڪين ڊنو. هنن ڪيس پڪڙڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪئي پر هو پرچي ڪي پڪڙڻ ۾ ڪامياب ڪين ٿا. پرچو پڪڙيو ويو پنهنجي ئي ساٿيءَ جي غداري سبب ۽ پوءِ آزاد ٿيو، ڀارت جي آزاديءَ بعد، قيدين جي مٽاسٽا ۾.

اهڙي ساهسي پرچي ودارٿيءَ کي نگرواسين چونڊن ۾ کٽائي بمبئي اسيمبلي ۾ موڪلڻ پئي چاهيو. ننڍو چاهي وڏو، هرڪو، هرڪنهن کي سفارش ڪري رهيو هو ته پنهنجو ووٽ پرچي وديارٿيءَ کي ئي ڏئي. ماڻهن جي من ۾ آشا هئي ته پرچو اسيمبليءَ ۾ ويندو ته سنڌن ڪافي اهنج دور ٿي ويندا. ڪيترين ئي ميٽنگون ٿيون، ڪئمپ جي پنجن ئي نمبرن جا دورا ٿيا، ماڻهن کي اپيلون ڪيون ويئون ته نگر جي ڀلي خاطر پنهنجا ووٽ پرچي وديارٿيءَ کي ڏيئي، سنڌي هئڻ جو ثبوت ڏنو وڃي.

اُلهاسنگر جا ناميارا ۽ اُتساهي جوان دنيچند ڪالاڻي، جهامن ڪالاڻي، سخاوت چوٽواڻي ۽ گرمر ڏر جي بين ڪيترن پرچي وديارٿيءَ لاءِ پرچار ڪيو. گهر گهر وڃي ماڻهن کي اپيلون ڪيون.

نتيجي واري ڏينهن پرچو وديارٿي بنا ڪنهن ٽاٽ ٻاٽ جي هزارن ماڻهن سان گڏ ڪلياڻ جي ڪائنٽنگ سينٽر ٻاهران وڃي بيٺو. هڪ انسپيڪٽر آيو جنهن اچڻ شرط ماڻهن کي پري ڌڪڻ شروع ڪيو. ٻيا ته ڊڄي پري هٽي ويا مگر پرچو اُتي ئي بيٺو رهيو. ڪيس چونڊن جي اُميدوار وارو بلو يا ٻيو ڪو ٻئج وغيره به ڪونه هو. انسپيڪٽر پرچي جي ڪلهي تي هٿ رکي، ڪيس چتايو ته هتان پري هٽي وڃي. پرچي انسپيڪٽر جي هٿ کي زور سان پري هٽائي، انگريزيءَ ۾ تنبيهه ڪندي

’بابا، اهڙو ثواب جو ڪم اگر اسين ڪريون، يعني ...‘ شيام ايترو چئي ماٺ ٿي ويو. هن جي ليکي هن چوڻ جهڙي ڳالهه چئي ڏني هئي. تصوير مٿان پيل پردو هٽائي ڇڏيو هو. هينئر سندس پيءُ کي فيصلو ڪرڻ هو ته اُها تصوير سندر هئي يا ڪروپ! هن ڏٺو سندس پيءُ ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ پئجي ويو هو. سندس من ۽ ذهن ۾ شايد ڪشمڪش جاري هئي. پوءِ به سندس اکيون ڪليل هيون.

اوچتو هڪ پونگڙو گوبندرام جي پيرن هيٺان ايندي بچي ويو. خبرداري نه وٺي ها ته اُهو پونگڙو پڪ ئي پڪ سندس پيرن هيٺان چيپاٽجي وڃي ها. هيٺ جهڪي هن پونگڙي کي هٿن ۾ کڻي ورتو. پونگڙي جون اکيون اڌکليل، اڌ بوٽيل هيون. هلڪي هلڪي ڪيڪرات پئي ڪيائين. شايد پنهنجيءَ ماءُ کي پئي چيائين ته هو هتي هو.

گوبندرام هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هڪ وڻ جي پاڙن وٽ، ڪڏي اندر، پونگڙن جو ولر ماءُ جي ٽٽڻ سان ڇهٽيو پيو هو. گوبندرام مرڪيو. سندس هٿن ۾ ڪنيل پونگڙو اُن ولر ڪان وڇڙيل هو. هن اڳتي وڌي، پونگڙو ڪڙم جي حوالي ڪري، اڳتي وک وڌائي.

شايد اُن گهڙيءَ ئي هن فيصلو ڪري ورتو هو.

هلندي هلندي، پٽ جي ڪلهي کي هلڪو زور ڏيئي چيائين،’مون کي توتي فخر آهي پٽ!‘...

گوبند رام کي پنهنجي سماج جو البت ٽورو اونو ٽيو جنهن کي شايد هيءُ رشتو قبول نه پوي. پر هن ائين سوچي اکيون بوٽي ڇڏيون ته هو غلط نه، صحيح ڪم ڪري رهيو هو!

باب ٻارهون

هيءَ اُهائي ٻئرڪ هئي جنهن ۾ شيام ۽ موهني لائون لهي آيا هئا. بمبئيءَ جي ڪورٽ ۾ هنن ٻنهي سول مئريج شادي ڪئي هئي ۽ رجسٽر ۾ صحيون پاتيون هيون. صحيون ڪرڻ بعد هڪ ٻئي کي هار پاتا هئائون ۽ اهڙي نموني هو شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويا هئا. شاهدي لاءِ گهوٽ طرفان سندس پيءُ گوبندرام حاضر هو جنهن صحي پاتي هئي ۽ ڪنوار ماءُ طرفان ڪامني ديويءَ صحي ڪئي هئي. اُن بعد چارئي هڪ ٽئڪسيءَ ۾ سوارٿي مهالڪشمي مندر ۾ ساڏٻيلي ويا هئا جتي گهوٽ ڪنوار مٿو ٽيڪي آشيرواد ورتي هئي.

موڪلائڻ وقت ڪامنيءَ جي اکين ۾ شڪرگذاريءَ جا ڳوڙها هئا. شيام جي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيائين 'ٻاءُ، مون کي تو جهڙي سورمي پراٽا تي ناز آهي. هيءَ گگدام گانءِ، موهڻي، ڏسج ته توکي ۽ تنهنجي گهر وارن کي ڪيترو نه سک ٿي ڏئي. بس رڳو هڪ ڳالهه ڪج، هن جي دل کي ٺيس نه پهچائج!' هن شيام ۽ موهڻيءَ کي ڇاتيءَ سان لڳائي آشيرواد ڏني.

ڪامني اُمالڪ گوبندرام جي سامهون وڃي بيٺي. هو چپ هو ۽ هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ڪامني هيٺ جهڪي سندس قدمن ۾ ويهي رهي. ٻئي هٿ سندس پيرن تي رکي، ٻاوڪ لهجي ۾ چيائين، 'ڪاڪا، توهان انسان نه فرشتا آهيو. هن شاديءَ جي اِجازت ڏيئي توهان انساني ڌرم جو پالن ڪيو آهي. ڌنيه آهيو اوهان ۽ اُها ڌرتي، جنهن ڌرتيءَ تي توهان جهڙي مهاپرش جنم ورتو آهي!'

شيام جي ماءُ ۽ سندس ٻه پاڙيواريون، ڪملا ۽ ساوتري، گهوٽ ڪنوار جي گرهه پرويش وقت حاضر هيون. پاڙي جا ٻه ٻار-ٻاءُ پيڻ، عجب وچان ڪنوار کي ڏسڻ لڳا. جڏهن بمبئيءَ جي مٺائي کاڌائون تڏهن ڏاڍو خوش ٿيا.

لڇمي ۽ سندس ٻئي پاڙيواريون ڪنوار کي هٿ کان وٺي،

چيو، ’هٿ نہ لڳاءِ!‘

انسپيڪٽر جوش مان ساڳيءَ ٻوليءَ ۾ پڇيس، ’تون ڪير آهين جو آڪڙجين پيو؟‘

پرچو ڪيس جواب ڏئي سگهي ها تہ مان چونڊن ۾ هڪ اُميدوار آهيان مگر پرچي ڪيس ڇيتي واربن اکين سان گهوريندي چيو، ’مان هندستان جو هڪ ناگرڪ آهيان!‘

هندستان جي ناگرڪ هئڻ جي عزت صرف ڪورٽن ۾ ۽ وڏن ماڻهن جي ٿيندي آهي. مگر پرچي وديارٿيءَ، جنهن سنڌ جي گهٽين ۾ پستول هلائي، انگريز سرڪار جي رت جو داٻ وڌايو هو، اُن حق جو استعمال غلط جڳهہ تي مگر اهڙو زوردار ڪيو جو هن جي منهن جو ٿامو ڏسي انسپيڪٽر دهلجي ويو ۽ پرچي کان معافي وٺي ٻٽاپ واري سينٽر اندر گم ٿي ويو.

پرچو وديارٿي سوشلسٽ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊ لڙيو هو ۽ ووٽن جي وڏي گهٽائيءَ سان کٽي آيو. هو پهريون سنڌي هو جنهن بمبئي اسيمبلي جي ناگپور واري سيشن هلندي، سنڌيءَ ۾ تقرير ڪئي جنهن ۾ هن ڪئمپ واسين جي مسئلن تي روشني وڌي....

اُلهاسنگر ۾ ميونسپل پوءِ پيئي. اِن کان اڳ پنجن ئي نمبرن کي الڳ الڳ تڪن ۾ ورهايو ويو هو. اُنهن تڪن جي پئنچائتن جون چونڊون ڪرايون ويئون جن ۾ نارائڻ شرما ۽ مزورن جو اڳوان سلامتراءِ پرسواڻي بہ کٽي آيا. سينٽرل پئنچائت جو چيئرمن راءِ صاحب سيتلداس چونڊيو ويو جيڪو لاڙڪاڻي جي ميونسپل ڪائونسل جو ائڊ منسٽريٽر رهي چڪو هو. ٻيءَ طرح بہ هو قابل شخص هو. هن جي ئي ڪوشش سان اُلهاسنگر ۾ تعليمي سنسٿا ’سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي‘ جو بنياد پيو جنهن سوسائٽيءَ پاران الڳ الڳ نمبرن ۾ پرائمري ۽ هاءِ اسڪول کوليا ويا هئا.

اِن سينٽرل پئنچائت ڪئمپ ڪمانڊر جي سهڪارسان ڪافي مسئلا حل ڪرايا...

ٿورو گهڻو پڙهيو، پيءُ سان گڏجي بمبئي ڦيري ڪرڻ ويو ۽ هينئر پيءُ سان گڏ دڪان پيو سنڀالي...

'توهان پڇيو ته هيءَ ڇوڪري ڪيئن پسند ڪيائين؟ ته اديون اڄ زمانو ٻيو آهي. هرڪو پنهنجي پسند جي شادي پيو ڪري. شيام جي پيءُ پٽ جو ارواه اِن ڇوڪريءَ طرف ڏنو ته ڪٽي ها ڪيائين! ڪنوار توهان پاڻ ڏٺي. منهنجون ته اکيون ٺري پيئون آهن!'

پاڙيواريون ۽ سندن ٻار پنهنجي گهر روانا ٿيا ته لڇميءَ پاڀوهه مان ڪنوار کي چيو، 'منڙي، اڄ کان تون هن گهر جي مالڪياڻي آهين. اڳ ڪير به هئيگهن، اڄ کان اسان جي آهين، هن گهر جي لڄ ۽ عزت آهين!'

شيام اُتي ئي موجود هو. گوبندرام رسوئي ڪائي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهيو هو.

لڇميءَ پنهنجن هٿن سان گره ٺاهي ڪنوار جي وات ۾ وڌو. چيائين،' اڄ تون منهنجي هٿن جو رڌل کاڌو کاءُ، سڀاڻي اسين تنهنجي هٿن جو رڌل ڪائيندا سين! اڄ کان تون سنڌياڻي آهين. مان توکي سنڌي کاڌو ٺاهڻ سيکاريندس. تون پاڻ کي ڪڏهن به اڪيلو نه سمجهج. من کي ڪڏهن به دکي نه ڪج. جيڪي آهي، اُن تي راضي رهج. جيڪي ملي، اُن تي شڪر ڪج. مان جڏهن شادي ڪري هن گهر ۾ آئي هئس ته مون کي به منهنجي سس اِهائي سکيا ڏني هئي. مون اُن تي عمل ڪيو ۽ ڪڏهن دک نه پاتو. تنهن ڪري اڄ توکي به ساڳيو پاٺ سيکاريو اٿم. مون کي پنهنجي ڌيءُ ڪانهي، تون ئي منهنجي ڌيءُ ۽ نُنهن آهين!!'

شيام کي پاڻ وٽ ڪوٺي، پٽ ۽ نُنهن کي ڀاڪر ۾ جهلي چيائين،' اڄ مان توهان ٻنهي کي آسيس ٿي ڪريان ته هميشه خوش ۽ آباد رهو. وڏڙن جي عزت ۽ خدمت ڪندا رهو.'

شيام ۽ موهڻيءَ هيٺ جهڪي ماءُ جا چرڻ ڇهيا!...

اندرين ڪمري ۾ وٺي ويئون. ٻئي ڀار ٻه سندن پنيان پنيان اندر ويا. گوبندرام ٽڪجي پيو هو، ٻاهر ئي ليٽي پيو. شيام پنهنجي سڏ جي اوسيئڙي ۾ دروازي ٻاهران ٻيهي رهيو. جڏهن سات سڳڻ شروع ٿيا تڏهن کيس اندر سڏ ٿيو.

لڇمي ڏاڍي خوش هئي. ٻنهي ڀاڙيوارين واڌايون ڏنس جو کيس ههڙي سهڻي ڪنوار ملي هئي. لڇميءَ من ۾ چيو سنڌڻ هجي ها ته ڪهڙو نه چڱو. پر لکيو ڪيئن ٽرندو؟ هتي رهي سنڌي سکي ويندي. اسين ڪين ٿوري ٿوري هندي ۾ مرهٽي سکي ويئون آهيون. هوءَ ڪم واري ڇوڪري ڪيئن سنڌي سکي ويئي آهي.

لڇمي ڪٻٽ کولي هڪ ڊٻلو ڪڍي آهي. اُن ڊٻلي ۾ سندس سونا ڳهڻا پيا هئا. چار چوڙيون، هڪ سڳو ۾ ٻه منڊيون ڪڍي ڪنوار کي پاتائين. سندس منهن مٿي ڪري ڀاڙيوارين طرف نهاري، مرڪي چيائين، 'توهان سچ چيو، ڪنوار ته ٻلين ٻلين آهي، جهڙي چنڊ!' ايترو چئي، اُٺي، لاڏو ڳائي، جهمر پائڻ لڳي. سندس ڀاڙيواريون ۾ اُنهن جا ٻار ٻه جهمر وجهڻ لڳا.

موهڻي گهونگهٽ هيٺ هوندي، اِها جهمر ۾ لاڏو ٻڌڻ لڳي، جيتوڻيڪ لاڏي جي ٻولي کيس سمجهه ۾ نه پئي آئي!

شيام جي شاديءَ جي ڳالهه ڀاڙيوارن ٻڌي هئي. ڪملا ۾ ساوتريءَ لڇميءَ کان ورجائي پڇيو هو ته ڇوڪري ڪير هئي، سنڌ ۾ ڪهڙي شهر جي هئي؟ گوبندرام لڇميءَ کي سمجهائي ڇڏيو هو ته ڪير پڇي ته ڇا ٻڌائڻو هو.

لڇميءَ ڀاڙيوارين کي ٻڌايو ته ڇوڪري سهڻي ۾ سشيل هئي ۾ وڏي ڳالهه ته اُها سندس پٽ جي پسند هئي.

'ڀيڻ، ڀاڻ کي ايشور هڪ ئي پٽ ڏنو آهي. هن جي سک خاطر اسان کي پنهنجو ڳوٺ ڇڏي لاڙڪاڻي وڃي رهڻو پيو. اُتي بلڪل خوش هو. ورهاڱو ٿيو ته هن ڪئمپ ۾ اچي رهياسين. ٻين جا ٻار ڳاڏين ۾ ڪتمنڙا ۾ ٻيون شيون وڪڻڻ ويندا هئا. پر جڏهن ٻڌوسين ته ڪن جا ٻار ڳاڏين مان ڪري پيا هئا ته شيام پيءُ پٽ کي اهو ڪم ڪرڻ نه ڏنو. اسڪول ۾ وينو،

جي، هن جي دل جي مالڪياڻي هئي.

سڀ سمهي پيا آهن. بابا ننڊ ۾ آهي. ليڪن تون موهڻي تون، جيڪا اڄ ئي شادي ڪري هن گهر ۾ آئي آهين، امان کي ايترو پائڻ لڳي آهين جو اڄوڪي رات، سهاڳ رات جو به تون ڪيس راماڻ ٻڌائڻ ويٺي آهين! توکي وقت جو به ويچار نہ رهيو آهي تہ اُهو ڪيترو ٿي ويو آهي.

گهڙيال رات جا ٻارهان وڄايا آهن. موهڻي آهستي آهستي اُٿي ويٺي. سس مٿان چادر وجهي، سهري طرف نهاريائين جيڪو گهريءَ ننڊ ۾ هو. اڄ هن ڪافي ڊڪ ڊوڙ ڪئي هئي. بمبئيءَ اچي پٽ جي شادي ڪرائي هئائين. ڪنوار کي گهر آندو هئائين. هڪ وڏي جوابداري پوري ڪئي هئائين. ۽ هينئر بي اوني ننڊ ڪري رهيو هو.

موهڻيءَ شڪرگذاريءَ وچان سهري طرف نهاريو. ساڳيءَ نظر سان سس طرف بہ نهاريائين. سندس هيءَ سس؟ سچ پچ هيءَ لڇمي آهي، ٻاجهاري ماءُ آهي! هڪ ڏينهن ۾ ئي ڪيس ڪيترو نہ پيار ڏنو اٿائين؟ جڻ تہ هوءَ سندس پيٽ جائي ڌيءَ هئي! ڪيس راماڻ جي ڪٿا ٻڌائڻ ۾ ڪيترو نہ آنند ٿي آيو؟

شيام جي نيڻن ۾ ننڊ ڪانہ آهي. اُها ندارد آهي. اُها موهڻيءَ جي پنيان گهمي رهي آهي. جڏهن هوءَ هتي ايندي تڏهن ندرا بہ اُن پنيان ايندي. ڪمري اندر داخل ٿيڻ کان اڳ، دروازي وٽ بيهي رهندي. اُتي بيهي هوءَ ڪمري جو جائزو وٺندي. ٻن پريمين جي پريم ليلا ڏسندي، مرڪون ۽ ٽهڪ ٻڌندي، جسمن جي راند ڏسندي، اکر پوريءَ جو کيل ڏسندي؛ ڀاڪر ۽ چميون ڏسندي؛ آخر ۾ رتي ڪريڙا ڏسندي! اِئين سهاڳ رات پوري ٿيندي. اُن بعد هوءَ ڪمري اندر داخل ٿيندي. گهوٽ ڪنوار جي ٿڪل نيڻن ۾ پرويش ڪندي. ۽ پوءِ هو ٻئي سندس گود ۾ سمهي پوندا.

ڪوڙو سچ

باب تيرهون

هيءَ رات بہ ٻين راتين جهڙي ئي هئي مگر اجوڪي رات ۾ عجيب لرزش هئي. هوائن ۾ خوشبوءِ خمار هو. اِهي اڳين راتين ۾ ڪٿي هيون؟ اُهي راتيون اِئين هيون ڇڻ تہ اُهي آيون ۽ هليون ويئون. اُنهن ۾ ڪا لرزش، ڪا خوشبو، ڪو خمار ڪٿي هو؟ اُهي بلڪل سادارڻ راتيون هيون. رات جو گهر اچڻ، هٿ منهن ڌوئڻ، ڪپڙا مٽائڻ، رسوئي کائڻ، ريڊيو تان راڳ، ناچ يا خبرون ٻڌي، کير پي، سمهي پوڻ. اگر گرمي وڌيڪ آهي تہ پنکو تيز ڪرڻ، سردي آهي تہ ڪمبل نہ تہ سوڙ مٿان وجهڻ. ائين ئي روٽين نموني رات گذري ويندي هئي.

پر اڄ جي رات شيام لاءِ روٽين رات نہ هئي. اڄ رات جي بات ئي اور هئي. اڄ هن جي سهاڳ رات هئي. موهنيءَ جي بہ اڄ سهاڳ رات هئي. اڄ رات آڪاش جو اُهو چندرما زمين تي لهي سندس آغوش ۾ ايندو. هو ڌيري ڌيري چنڊ جي مک تان ڪڪرن روپي ڪارن زلفن کي هٽائيندو. اُن مکڙي کي چمندو. هوءَ لرزندي، لڄندي ۽ هو گد گد ٿيندو! چانڊوڪي پاڻيءَ مٿان ترندي آهي. اُن مٿان پٿر اُڇلائبو تہ اُها چانڊاڻ لڇندي، لرزندي، ليڪن ڪن پل بعد ساڳئي ميزان ۾ اچي ويندي.

اڄ رات هو بہ اُن چانڊنيءَ کي لرزائيندو، لڇائيندو ۽ پوءِ ڪيس ميزان ۾ اچڻ جو موقعو ڏيندو.

اِهو سوچيندي شيام جو من مچلجڻ لڳو. رڳن جو رت گرم ٿيڻ لڳو. دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويئي. ڇپن جي اُسات حدون اورانگهڻ لڳي. نگاهون هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ لڳيون. اُهي باربار گهڙيال طرف کڄي ٿي ويئون!

شيام جون نظرون ڇوٿ قير قري رهيون هيون. اُهي موهنيءَ کي ڳولهي رهيون هيون. موهني، جيڪا هن جي زال هئي، جنهن سان اڄ هن شادي ڪئي هئي، جيڪا اڄ کان هن گهر

بلب جو هلڪو ڏيمو پرڪاش هو.

شيام اک پوٽ سان ڏٺو: موهڻي جي هڪ هٿ ۾ کير جو گلاس هو ۽ ٻئي هٿ ۾ گلاب جو گل!

شيام کي موهڻيءَ جي اچڻ جو اِهو انداز وڻيو. بهترين ٽيسٽ هئي اِها. کير ۽ گلاب جو گل! مڌ ۽ مهڪ! موهڻي، تون ڪمال جي ڇوڪري آهين!...

تون اينتري ذهين آهين، مون کي اِها ڄاڻ هاڻ پيئي.

موهني بيهي رهي. اڳتي وڌڻ ۾ ڪيس سنڪوچ ٿيڻ لڳو. هوءَ واقعي سنڪوچ ڪري رهي هئي. هن جي اِها ادا لاجواب هئي. سنڪوچ استريءَ جو اُهو زيور هو جيڪو سندس اهميت کي وڌائي، شخصيت کي جرڪائي ڇڏيندو آهي.

شيام من ئي من موهڻيءَ جي ان سنڪوچ کي ساراهڻ لڳو!

موهڻي ڏيمن قدمن سان اڳتي وڌڻ لڳي. جيئن جيئن هوءَ سيڄا جي ويجهو پوندي ويئي، لڄ جي لالما سندس ڳلن تي ڦهلبي ويئي!

شيام جي لوڇ اڃا به وڌي ويئي. موهڻيءَ کي پيل گلابي رنگ جي ريشمي وڳي مان سندس جوڀن، پريل جام جيان ڇُلڪي رهيو هو. شيام جي حالت اُن کير جهڙي هئي جيڪو اڱرن تي گرم ٿي اُٻامي رهيو هو!

پلنگ جي ويجهو پهچي موهڻيءَ شيام تي نظر وڌي. ڪيس نند ۾ ڏسي هن کير جو گلاس ٽپائيءَ تي رکيو. ٿورو هيٺ نوڙي، جُهڪي، مشڪندي، هن گلاب جو گل شيام جي ڳل سان ڇهايو!

شيام جون اکيون کلي ويئون. موهڻي متائنس جهڪيل هئي، هڪ لام جيان، گل سنگهڻ جي دعوت نامي سميت!

اُچل ڏيئي هو اُٿي ويٺو. موهڻي هن جي بلڪل سنمک هئي. سندس مرڪ ميلن تائين ڦهلجي ويئي هئي. هوءَ بيٺي رهي ۽ هلڪو مرڪندي رهي!

سادا ٻارهن! اَچين ڇو ڪين پيئي موهڻي؟ موهڻي، تون ڪٿي آهين؟ ڇا مان توکي هٿ ڪان جهلي وٺي اچان؟ ليڪن مون کي شرم پيو اچي! آخر مان ايترو اٻهرو ڇو ٿيو آهيان؟ گهڙي پل بعد اچي تہ ويندي! پر مان شرمايان ڪنهن کان ٿو؟ شاديءَ بعد شرم ڇا جو؟ موهڻيءَ کي هٿ کان جهلي وٺي ڇو ڪين ٿو اچان؟ پر هوءَ ويندي ڪيڏانهن؟ ڪيس اچڻو تہ هتي ئي آهي! سهاڳ جي سيجا تہ هتي ئي آهي! اڄ هيءُ گديلو ڪيترو نہ نرم ٿو ڀاسي؟ ۽ اُن مٿان پيل هيءَ بخملي چادر ۽ وهاڻا؟ شادي ڪرڻ ۾ اِهي ئي تہ سک آهن. سندن دڪان تان شاديءَ جي سيزن ۾ اِنهن شين جي خريداري وڏيڪ ٿيندي آهي. چون: ڏيب ۾ ڏبيون! ليڪن هن کي تہ ڪوبہ ڏيب نہ مليو. ڪنوار کي شاديءَ جو وڳو بہ اسان پنهنجو پارايو. ڪامني ديديءَ کي بہ اسان ئي نئون وڳو وٺي ڏنو. موهڻيءَ کي زيور بہ امان پنهنجا پارايا آهن. امان ڪهڙي نہ پيار سان کيس رسوئي ڪارائي. امان کي ڪنوار جي روپ ۾ جڻ ٻي ٻها هيرو مليو هو. رتن مليو هو.

اُهو حاصل ڪري هوءَ دنيہ ٿي ويئي هئي..

موهڻي اڃا نہ آئي آهي...رات پوري جوڀن ۾ آهي...

هوءَ نہ ايندي تہ هنن چپن جي پياس ڪيئن ٻجهندي؟...

هنن ڏورن جي ڪساوٽ جي خبر ڪيئن پوندي؟...

هيءُ بدن جيڪو ريگستان بڻجي ويو آهي، جيڪو تپت سبب ٻاهہ جو ڪورو بڻجي پيو آهي،' اُن مٿان جيڪڏهن موهڻيءَ پيار جو مينهن نہ وسايو تہ اُلا وسائڻ لڳندو! هيءُ جسم ڪيئن بہ سرد ٿيڻ گهرجي. مٿس بارش وسڻ گهرجي!...

اچ...اچ...! موهڻي تون جلد اچ!...هن ديهہ جي اگنيءَ کي اچي اُجهاءِ ...! تار ديوي، تار!...

دروازي تي هلڪو آواز ٿيو. ڪنهنجي هٿن ٻيڪڙيل دروازي کي اندر ڌڪيو هو. پهرين هڪ تاڪ کليو. پوءِ ٻيو کليو. هلڪن قدمن سان ڪير ڪمري اندر داخل ٿيو. ڪمري اندر زيرو

ڪُوڙو سچ

باب چوڏهون

شڪر جو گوبندرام ٻي ڇئين مهني ٻئرڪ جي صفائي ڪرائيندو رهيو هو. سال ٻه سال چونو ٻه هڻائيندو رهيو هو. مهمان ايندا هئا ته اُنهن کي ٻئرڪ ۾ رهائيندو هو. تنهنڪري جڏهن شيام ۽ موهني ٻئرڪ ۾ آيا ته اُها اڳ ئي رهڻ لائق هئي. ڪلف کي لڳل ڪٽ جيان ٻئرڪ اندر ڇارو ۽ مٽيءَ جا تهه چڙهيل ڪين هئا. ليڪن گهر ته جيئرن ۽ هلندڙ چلندڙ ماڻهن سان ئي هوندو آهي. جنهن گهر ۾ ساهوارا ڪونه ٿا رهن، ڪل ٺڪرڙو ۽ رودن سڏڪا ڪونه آهن، ڪپڙن جو سٽڪو ۽ باسڻن جو ڪڙڪو نه آهي، اُهو گهر، گهر ڪيئن ٿيو؟ ڌرمشالا ۽ مسافر خاني ۾ ٻه ياتري ۽ مسافر ايندا ويندا رهندا آهن. اُنهن جي اچڻ وڃڻ ۽ ڪاڏي پيتي جا نشان اُتي موجود هوندا آهن. ندي وهندي رهي ته پاڻي صاف سٿرو رهندو. بيهجي وڃي ته پاڻي سينوارجي ويندو.

هن گهر کي، هن ٻئرڪ کي ڇڏي وئي ٻه ڇگا سال ٿي ويا آهن. شڪر جو سار سنڀال سبب هيءُ گهر کنڊهر نه ٿي ويو آهي جيئن سولجرن کان خالي ٿيل هيءُ ٻئرڪون پڙپانگ ٿي ويئون هيون. اُنهن ئي زبون ۽ پڙپانگ ٻئرڪن ۾ سنڌي نرواسين کي وسايو ويو هو، اِهو ڇئي ته هينئر هيءُ ئي اسان جو هوم ٽائون هوا!

هڪ رات اهڙو طوفان لڳو جو ٻئرڪن جون ڇتيون آڏامي ويئون. تنهن سان گڏ اڙوڪ برسات! سنڌي نرواسي ڪنهن سان ڀڄي ڪنهن سان ڀڄن؟ سيڏي سامان مٿان تپڙيون وڌيون ويئون. پوءِ ٻه سڀ ڪجھ برسات ۾ آلو پٽ ٿي ويو. پوئين پهر جو برسات ٿمي ته نرواسين ننڊ ڪرڻ بجاءِ، جل مئي ٿيل ٻئرڪن مان مينهن جو ڪنو ٿيل پاڻي، دٻن ۽ گلاسن سان ٻاهر ڦٽو ڪرڻ شروع ڪيو. ائين سج ٻه اُڀري آيو. ليڪن سج کي کهڙي خبر ته سندس اُڀرڻ کان اڳ، هن نرواسي ڪئمپ ۾ مينهن ۽ طوفان ڪيتري تباهي آندي هئي!

اُن ڏينهن سنڌين نيڻن مان نير وهايو هو ۽ دلين دانهون

اُف! ايتري گرمي! هيتري اُسات! چپ خشڪ ٿي ويا آهن. ريگستان مٿان سج اگني وسائي رهيو آهي. پاڻي...پاڻي...هرڻ پچڻ ٿو لڳي..هو وڏا وڏا شال ماريندو ڊوڙندو ٿو وڃي...هو اجا پاڻيءَ تائين نہ پهتو آهي...مرگهہ ترشنا وانگر پاڻي سندس پهچ کان دور ٿيندو ٿو وڃي...هن جي اُڃ وڌندي ٿي وڃي...

اُمالڪ شيام موهڻيءَ کي ٻنهي ٻانهن ۾ پيري، هنج ۾ ڪٽي ٿو وٺي!

درياه جي تيز وهڪري ۾ الائي نہ ڪيترا ڦاٽ پيا ۽ ڳوٺ ٻڏا!...

ڪوڙو سچ

باب پندرهون

شيام ۽ موهنيءَ جي شاديءَ کي هڪ سال کان به وڌيڪ عرصو ٿي ويو هو. هڪ ڏينهن لڇميءَ خوشيءَ ۾ پرجي مڙس کي ٻڌايو ته هو جلدئي ڏاڏو بڻجڻ وارو هو. گوبندرام ڏس ته خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ ئي نه پيو ماپي. شيام بعد سندن گهر ۾ پهرئين ٻالڪ جو جنم ٿي رهيو هو. هو اِها خوشخبري ٻڌائڻ پنهنجي دوست ماستر وٽ پريس تي هليو ويو.

رات جو جڏهن شيام اِها خبر ٻڌي ته ڪاڏو پيتو وسري ويس. اڪيلائيءَ ۾ موهنيءَ کي ڀاڪر پائي مٿس چمين جي برسات وسائي ڏنائين. موهني جيئن تيئن سندس ڀاڪر مان پاڻ ڪڍائي الڳ ٿي ته شيام ڳل پٽيندي چيس، 'ماءُ بڻجڻ جون مبارڪون!'

هيتري عرصي ۾ موهني سنڌي سمجهڻ لڳي هئي. ٿورو گهڻو ڳالهائڻ به سکي ويئي هئي. جڏهن شيام ماتا بڻجڻ جون مبارڪون ڏنس ته پاڻ مسڪرائيندي چيائين، 'آوهان کي به پتا بڻجڻ جون واڌايون!'

موهني، مڙس شيام ۽ سس سهري جي مهربانين ۽ قربانين جي بار هيٺان ايترو دٻيل هئي جو باوجود ڪيترا دفعا سمجهائڻ کان پوءِ به هوءَ شيام کي 'تون' چئي مخاطب ٿي نه سگهي هئي. هوءَ هميشه کيس 'اوهان' يا 'توهان' چئي مخاطب ٿيندي هئي. هن ڪڏهن مڙس کي نالي سان سڏ ڪرڻ جو سوچيو به نه هو.

هڪ ڏينهن ٻنهي ۾ بحث ڇڙي پيو. شيام چيو، 'ٻڌ موهني، پٽ ڄائو ته مان هن جو نالو لڇمڻ رکندس، ماءُ جي نالي پنيان.'

'۽ جيڪڏهين ڌيءُ ڄائي ته؟' موهنيءَ شرم وچان مڙس جي پاسي کان ويهندي پڇيو.

'مونکي ڌيءُ به قبول آهي. اُها پڪ تو وانگر سهڻي هوندي.

ڪيون هيون، بي گهر ۽ بي زمين هئڻ جون دانهون...

شيام شوڪارو ڀري موهنيءَ کي ٻڌايو تہ اُها وناشڪاري رات ڪئمپ واسين کان اڄ تائين ڪانہ وسري آهي. هر طرف جل مئي هئي. رستا پاڻيءَ هيٺ ٻڏل هئا. نانگ ٻرن مان نڪري اسان نرواسين وانگر هيڏانهن هوڏانهن اجهي جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهيا هئا. جڏهن پاڻيءَ جو نيڪال ٿي ويو تہ هر طرف گپ ئي گپ هئي. اُن ڀينڪر طوفان ماڻهن ۽ مرن کي هڪ جهڙو درجو ڏيئي در بدر ڪري ڇڏيو هو.

موهنيءَ اِهو ورتانت مهاڀارت جي يڌ ڪانڊ جيان مڙس جي واتان ٻڌو ۽ من ئي من سوچيو تہ هن سنڌي جاتيءَ ورهاڱي سبب ڪيترو نہ سَنو ۽ ڀوڳيو هو!

موهنيءَ کي ڪجهہ سوچيندو ڏسي شيام چيو، 'اُن طوفاني رات بعد ڪئمپ واسين جيڪا جدوجهد ڪئي، اُهو هڪ انوکو مثال آهي. ٻئرڪن کي چٽيون وجهي نئين سر آڏيو ويو. اُن سنگهرش ۾ اسان جي ننڍڙي ڪٽنب پڻ ڀرپور سهڪار ڏنو هو. هڪ ٻئي کي واهر ڪري، ٿائينڪو ڪري ورتوسين!'

موهنيءَ جذبات جي وهڪري ۾ وهندي چيو، 'ليڪن اِن ڪان بہ وڏو سچ هيءُ آهي منهنجا سائين تہ اوهان جي اِن ننڍڙي ڪٽنب مون جهڙي نڌڻڪيءَ کي اجهو ڏيئي، پنهنجو بڻائي، مانُ ۽ سنمان ڏنو، گهرڌياڻيءَ جا سمورا حق ڏنا!'

ٻہ زال مڙس ۽ ٻہ مزور، ڇئني گڏجي توري ميري، ٿوري گدلي گهر کي، ٻئرڪ نمبر ٧٤٤ کي، ڌوئي پوئي، صاف سٿرو ڪري، چمڪائي ڇڏيو- قلعي ٿيل باسڻ وانگر.

ايترو سارو ڪم ڪندي ٻئي زال مڙس ايترو ٿڪجي پيا جو رات واري رسوئي پاڻ نہ ٺاهي، سيرو چونڪ تان گهرائي کاڌائون!...

لڳل. ٽائيلس مان هڪ هندستاني طرز جو ۽ ٻيو انگريزي نموني وارو. فليٽ ان ڪري به وڌيڪ وڻيس جو ٻن طرفن کان وڏي بالڪني هئي. بالڪنيءَ ۾ ڪرسيون وجهائي ويهي ٻاهريون نظارو ڏسجي. ڏکڻ کليل هو. هوا جي ڪمي ڪانه هئي. روشني ايتري جو سج اُڀري ته پهرين هن فليٽ اندر ليئو پائي. ۽ جنهن وقت لهي ته پوپان ڪرڻا، پنئين طرف کان دريءَ کان ڏسجن!

فليٽ لاءِ نئون فرينچر ورتائون. ٻئرڪ وارو ٻئرڪ ۾ ئي رهڻ ڏنائون. ٻار لاءِ پينگهو به ورتائون. جنهن ڏينهن نئين فليٽ ۾ شفٽ ڪيائون ته ٻئرڪ جي دروازي تي وڏو ڪلف هڻي، چاٻي چلي ۾ وجهي ڇڏيائون...

هڪ ڏينهن موهنيءَ شيام کي چيو، ’ڪيتري وقت کان اسين ڪامني ديديءَ وٽ ڪين هليا آهيون. ٻيبوءَ کي به ڪين ڏٺو اٿائين. هڪ ڏينهن هلي وٺائس تي نه اچون؟‘

شيام کي صلاح وڻي. ڌنڌي ۾ مشغول رهڻ سبب ۽ وري نئون فليٽ خريد ڪرڻ ۽ شفٽ ۾ هو ڪامني ديديءَ کي ڀلجي ويو هو. ليڪن هن ڪيس وساريو بنهه ڪين هو. هو جڏهن به بمبئيءَ ويو هو، ٿورو وقت ڪڍي، ڪامني ديديءَ وٽ ضرور ويو هو. ڪيس ڪانه ڪا سوکڙي نه ته مٺائي يا ميوو ضرور ڏئي آيو هو.

اُتي به ڪافي تبديليون اچي ويئون هيون. جهونن ڇپرن جي جاءِ تي نوان ڇپرا اچي ويا هئا. ڪامنيءَ وٽ پڻ هڪ نئون ڇپرو اچي ويو هو. ليڪن هو جڏهن به اُتي ويو، اُنهن نون ڇپرن ڪيس جيجاجي سمجهي عزت ڏني هئي. وقتي اُنهن موهنيءَ لاءِ ڪا شيءِ شڪل به ڏني هئي جيئن پيڪن مان ڏيءِ پيڻ لاءِ سوکڙي موڪلي ويندي آهي.

ڪامني اواڪ رهجي ويئي. پنهنجيءَ کوليءَ تي شيام، موهڻي ۽ ٻبلوءَ کي آيل ڏنائين ته خوشيءَ وچان چڻ ٻانوري ٻڻجي ويئي. ٻيبوءَ کي هنج ۾ کڻي ڪيس ايترو زورسان ڀيڪوڙيائين جو هو اُمالڪ روئڻ لڳو. تڏهن به هن ڪيس هنج مان نه ڪڍيو.

مان سندس نالو رکندس روپا!‘

شيام شرارت ڪندي موهنيءَ کي پاڻ طرف ڇڪيو. ليڪن هوءَ پري هٽي ويئي. ’اهڙي بي رخي نہ ڏيکاربندي ڪر جاني!‘

شيام ڪللندي چيو.

’اوهان کي بہ هروقت شرارت ڪرڻ نہ جڳائي.‘

موهنيءَ مرڪندي چيو.

پٽ جائو. گهر ۾ شادمانا ٿيڻ لڳا. ڇني ڏاڍي ڌام ڌوم سان ملهائي ويئي. ڇنيءَ جو نالو تہ بيو نڪتو ليڪن هنن نالو لڇمڻ ئي رکيو.

ڪٽنب وڌيو تہ گوبندرام کي وڏو گهر وٺڻ جو ويچار آيو.

ڪئمپ اندر بئرڪن جي جاءِ تي بلڊنگون ٺهڻ شروع ٿي ويئون هيون. ڪيترا بينل ڪٽنب بئرڪون وڪٽي، فلئٽن ۾ رهڻ لڳا هئا. اهڙيءَ طرح اُلهاسنگر ڪئمپ مان بدلجي، وڏي نگر جو روپ ڌارڻ ڪري رهيو هو.

گوبندرام پنهنجي بئرڪ ڪانہ وڪي. ڪيس پئسي جي تنگي ڪانہ هئي. تنهن ڪري بئرڪ وڪڻڻ جو ويچار بہ ڪين ڪيائين. دڪان جو ڪاروبار سٺو پئي هليو. شهر ۾ مارڪيٽ ۾ نالو ۽ ناموس هئي. ڪوٽ واڌ ۾ ڪنهن ڪان بہ پئسا وٺي پئي سگهيو. وڏ ۾ وڏ شاهہ شاهوڪاري وياج پيري ڏئي ها. ان نموني دڪان تان پٽ ست بہ ڪانہ ٿئي ها. ڏنڌي واپار ۾ اِهي وڏيون سهوليتون هيون. بزار ۾ ڪارپٽ هجي تہ ڪنهن بہ ڳالهہ جي، خاص طور پئسي پنجڙ جي تنگي ڪانہ هئي. اِهو ئي سبب هو جو هو واپار ۾ هيترو اڳتي وڌي سگهيا هئا.

گوبندرام اڳ ۾ هڪ پلاٽ ورتو هو جنهن کي پت ڏياري، اُن ۾ پاڇيون پوڪائيندو هو. باغ لڳائڻ جي مرضي هئس پر اُن ڪان اڳ فلئٽ وٺڻ پئي چاهيائون.

بہ چار بلڊنگون ڏسي، گول ميدان تي هڪ فلئٽ پسند ڪيائون. ٽي بيڊ روم هڪ هال.

بيون سموريون سهوليتون موجود. بجلي فٽنگ ٺيل. ماربل ٽائيلس جو فرش ۽ باٿروم اندر گرم ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا الڳ الڳ نل

ڪوڙو سچ

باب سورهون

ڪلياڻ ڪئمپ ڌيري ڌيري پنهنجو روپ بدلائي رهي هئي. اُها هينئر اُلهاسنگر جي روپ ۾ وڪاس جون تڪڙيون وکون کڻي رهي هئي. ننڍا ننڍا گهرو هنر ترقي ڪندا، انڊسٽرين ۾ بدلجي رهيا هئا. اُلهاسنگر جون ٺهيل چيزون ڏيساورن تائين وڃي پهتيون. ماڻهن سنڌين جي عقل ۽ محنت کي داد ڏيڻ شروع ڪيو.

بزنيس وڌيو ته نگر ۾ ناڻي جي آوڪ به وڌي. آمدني وڌي ته خرچ به وڌيا. خرچ وڌيا ته مهانگائي به وڌي. هڪ رپئي واري چيز جو ملهه ٻه رپيا ٿي ويو. پنڌ اچڻ وڃڻ وارا آٽو رڪشا ۾ اچڻ وڃڻ لڳا. آٽو ۾ سفر ڪرڻ وارا موٽر سائيڪلن ۽ موٽر ڪارن جا مالڪ بڻجي ويا. ماڻهن خرچڻ جي پرواهه ئي نه ڪئي، خاص طور ننڍي ٿهيءَ، جن پاڻ محنت نه ڪئي هئي. اُهي پنهنجن وڏڙن جي محنت جو ميڙيل، چوڙڻ ۽ ماڻڻ لڳا.

اُلهاسنگر کي پنهنجي ميونسپالٽي هئي. اُن ۾ سنڌي ميمبرن جو غلبو هو. پريزيڊنٽ به سنڌي ئي هو. ڪارخانه ۽ انڊسٽريون اُلهاسنگر ميونسپل جي حدن اندر هئڻ سبب آڪٽراءِ ۾ل مان جهجهي آمدني هئي. اُها آمدني اُلهاسنگر جي وڪاس تي خرچ ٿيڻ لڳي. اِن سبب شهر جا رستا پڪا ۽ بجلي پاڻيءَ جو سٺو انتظام هو. ٿوري گهڻي لاغرضي هئي ته اُها صفائيءَ جي هئي جنهن لاءِ نگرواسي دانهون ڪندا رهندا هئا. ڪڏهن پاڻيءَ ۽ بجليءَ جي تڪليف درپيش ايندي هئي جنهن لاءِ اخبارن دئاران شڪايتون ڪيون وينديون هيون.

پرچي وديارٿيءَ جي ميمبريءَ جا پهريون ٽرم پورو ٿي رهيو هو. ٻئي ٽرم لاءِ هو آزاد اُميدوار جي حيثيت ۾ بيهي رهيو هو. ليڪن هن ڏٺو ته سندس جهونا ساٿي، جن ڪيس پهرينءَ چونڊ ۾ مدد ڪئي هئي، ڪانگس پري ٿي ويا هئا. ڪيترا ڏٺو

چميون ڏيندي رهيس. پوءِ تہ هڪ اهڙي چربائپ ڪيائين جنهنجي اصل ڪنهنکي بہ اُميد ڪانہ هئي. سندس اُن چربائي واري حرڪت تي موهڻي سميت سڀ وسميءِ ۾ پئجي ويا. ڪامنيءَ بيبوءَ کي ڇاتيءَ سان لڳائي، بلائوز مٿي ڪري، سندس وات ۾ پنهنجو ٻبو ڪڍي ڏنو! ٻالڪ اُن کي پنهنجيءَ ماءُ جو ٻبو سمجهي چڱڙ ڏيڻ لڳو. ڪامنيءَ جي نيڻن مان نير ڳڙڻ لڳو. هوءَ ممتا جو انوکو آنند ماڻڻ لڳي! ليڪن ڪامنيءَ جو تڻ سُڪل هو. اُن ۾ تڃ ڪانہ هئي. ٻار اُن تڻ مان منهن ڪڍي ورتو. هن ٻڪ وڇان روئڻ شروع ڪيو.

ڪامنيءَ بيبوءَ کي واپس موهنيءَ جي هنج ۾ ڏيئي، بلائوز هيٺ ڪري، ڪروڌ ڀاوَ سان چيو،’مون کي خبر هئي تہ منهنجن تڻن ۾ کير ڪونهي. پوءِ بہ مون هن اَبهم کي پنهنجو تڻ ڏارائي ٿوري وقت لاءِ ممتا جو سک ماڻي ورتو!‘

هوءَ سڏڪي پيئي. سندس اکين مان ڳوڙها ٽپڪي پيا جن مان هڪ ڳوڙهو سندس ڇپن جا ٻيڪڙيل دوار کولي اندر گهسي ويو. اُهو ڳوڙهو، اُن بوند جيان سپ جي مک اندر داخل ٿيو هو جنهنکي خبر هئي تہ اُهو ڪڏهن بہ سپ جي ڳرڀ مان موتي بڻجي جنم وٺي نہ سگهندو!...

بند ڪري ڇڏيو آهي. هڪ پٿر بابا کي مٿي ڏارو لڳو آهي. رت پيو وهيس!‘

گوبندرام اُتي ڪڙو ٿيو. اجيت کي چيائين، ’تون سائيڪل تي هل. مان تنهنجي پويان آئو ۾ اچان پيو. ماستر کي ڇڏجانء همت ڪان ڪم وٺي.‘

اجيت جيئن آيو هو، تيئن سائيڪل تي هليو ويو.

پنج ڇه ڇوڪرا پريس ٻاهران بيهي نعرا هڻي رهيا هئا. ڪافي ماڻهو جمع ٿي ويا هئا. پر اُهي سڀ تماشبين بڻيا بينا هئا.

گوبندرام سڌو پريس اندر لنگهي ويو. پٿربازيءَ سبب ورڪرن ڪم بند ڪري ڇڏيو هو. ماستر کي جيڪو پٿر لڳو هو تنهن وڏو ڦاڙ ته نه وڌو هو ليڪن رت نڪتو هو. چنتا جي ڪا ڳالهه ڪانه هئي.

گوبندرام کي ماجرا جو پتو پئجي ويو. اِهي ڇوڪرا ڪجهه ڏينهن اڳ ماستر کي چتاءُ ڏئي ويا هئا ته پريس جو نالو ’شواجي پريس‘ مان بدلائي ٻيو رکي. هنن کي شواجيءَ جو نالو پريس لاءِ استعمال ڪرڻ تي اعتراض هو.

اِهو مسئلو تڏهن پيدا ٿيو جڏهن هڪ مڪاني اخبار خبرون ڇپيون ته شواجي مهراج جو نالو ڏنڊي واپار لاءِ استعمال ٿيڻ نه گهرجي. ’شيواجي ٻيڙي‘ وارن تي به زور بار پيو ته هنن نالو بدلائي ’سمياجي ٻيڙي‘ رکي ڇڏيو.

ماستر پاڻ کي سياڻو سمجهي سوچيو هو ته هيءُ ڇوڪرا ائين ئي تنگ پيا ڪن، ڪندا ڪجهه به ڪين. اِهو سوچي هو چپ ڪري ويهي رهيو هو. پر اڄ ڏٺائين ته سندس اِهو سوچڻ غلط هو. ملڪ جي هوا ۽ ماڻهن جو مزاج ڏسي هلڻ ۾ ئي سياڻپ آهي. انگريزن به اِها ڳالهه محسوس ڪئي هئي. هو سمجهي ويا هئا ته جنتا تي راڄ، جنتا جي مرضيءَ بنا ڪري نٿو سگهجي. تنهن ڪري هو چپ چاپ هندستان مان هليا ويا. جنتا جڏهن ڪنهن ڳالهه تي يڪمشت ٿيندي آهي ته پوءِ ڪابه طاقت ڪين نيچو نوائي نه سگهندي آهي.

وائنو سندس مخالفت ڪري رهيا هئا. اهو ڏسي سندس اُتساهه ٺڏو ٿي ويو ۽ هن چوندن جي ڪر ڪسي مان هٽ ڪڍائي ورتو.

هڪ حقيقت اها به هئي ته بمبئي اسيمبليءَ ۾ راڄ ڪانگريس پارٽيءَ جو هو. اُنهن نه ٿي چاهيو ته غير ڪانگريسي ميمبرن کي ڪو به فائدو پهچي. پرچي وديارٿيءَ جي سامهون به اهوئي مسئلو هو. نتيجي ۾ هو سنڌين لاءِ چاهي نگر لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري نه سگهيو.

پرچي ڪان پوءِ ڪانگريس لاءِ ميدان صاف ٿي ويو. هنن سنمک ايسراڻيءَ کي ٽڪيٽ ڏئي سنڌين پاران چونڊائي آندو. ليڪن اُلهاسنگر واسين ڏٺو ته هو صرف شو پيس هو جيڪو اسيمبليءَ جي ڪرسيءَ تي وڃي براجمان ٿيو هو. جڏهن ڪانگريس جي چونڊيل اُميدوار به نگرواسين لاءِ ڪو ٻوٽو نه ٻاريو تڏهن هنن هڪ ٻئي اُتساهي نوجوان سيتل هرچنداڻيءَ کي پارٽيه جنتا پارٽيءَ جي ٽيڪيٽ تي چونڊائي موڪليو. چونڊجڻ بعد سيتل هرچنداڻيءَ هڪ نيم ٺاهيو. هفتي جا پنج ڏينهن شام جو پنهنجي آفيس ۾ جنتا سان روبرو گڏجڻ لڳو. سندن تڪليفون ۽ آهنج ٻڌي، اُنهن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪرڻ لڳو. اهڙيءَ طرح هو نگرواسين ۾ لوڪ پريه ٿي ويو.

ليڪن هن دفعي پڻ ڪانگريس سرڪار غير ڪانگريسي ميمبر سيتل هرچنداڻيءَ جي ڪا به رٽ ۽ نگر جي سڌاري واريون يوجنائون رديءَ جي ٽوڪريءَ حوالي ڪري ڇڏيون، سواءِ هڪ جي جو هن جي زوربار هيٺ مهاراشٽر راجيه سنڌي اڪادمي وجود ۾ آئي.

گرمين جي موسم هئي. صبح جا يارهن ڪن ٿيا هئا. گوبندرام دڪان تي اچي ويو هو. شيام ساڙهين جو نئون بنڊل کولي ساڙهيون چانٽي رهيو هو. اوڏيءَ مهل ماسٽر ماڌو داس جو ننڍو پٽ اجيت سهڪندو سهڪندو اچي پهتو. هو سائيڪل تي آيو هو ۽ سڄو پگهرجي ويو هو. ڊنل پئي لڳو. گوبندرام کي پيرين پئي تڪڙ ۾ چيائين، ’ڪاڪا جلدي هلو. بابا توهان کي هاڻي جو هاڻي سڏايو آهي. ڪن ماڻهن پريس تي حملو ڪيو آهي. بورڊ به پٽي ڇڏيو اٿائون. پريس جي ورڪرن ڪم

پواني سا مل چوڻ سان پواني ديويءَ کي ياد ڪجي ٿو. شري ڪرشن مراري نالو رکڻ سان ڪرشن ڀڳوان جا ٻہ نالا اُچارجن ٿا. توهان کي خبر هوندي تہ پارٽي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ هڪ فاسٽ بولر جو نالو شو رام ڪرشن آهي. اهڙن نالن رکڻ پنيان شرڌا جي ڀاونا هوندي آهي. ڀڳت ڪنوررام ۽ شهيد هيمون ڪالاڻي نالا رکي اسين پنهنجن سورمن کي ياد رکندا آهيون. توهان کي انهن سنڌي سورمن جي گهٽي ڄاڻ نہ هوندي ڇو تہ اوهان کي اُنهن بابت ڪجهہ بہ پڙهايو ۽ ٻڌايو نہ ويو آهي. هيمون ڪالاڻيءَ انگريزن جي هڪ فوجي ٽرين ٽي ڪيرائي. پڪڙجي پيو. معافي وٺي ها تہ آزاد ٿي وڃي ها. پر هن ڦاسي قبول ڪئي، معافي وٺڻ منظور نہ ڪئي. خبر اٿو تہ ڦاسيءَ تي چڙهڻ وقت هن جي عمر ڪيتري هئي؟ صرف ارڙهن سال!'

چوڪري کي پگهر نڪري آيو هو. شرمساريءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. آخر هٻڪي هٻڪي چيائين، 'نقصان لاءِ اسين معافي ٿا وٺون، ليڪن نالو ضرور بدلائي ڇڏجو...!'

ماستر هفتي اندر نئون ڊڪلريشن وٺي، پريس جو نالو بدلائي، 'گيتا پريس' رکي ڇڏيو!...

پر هينئر ڳالھ کي وڌائڻو نہ هو، ناهڻو هو. اِهو سوچي گوبندرام مشکندو اُنهن ڇوڪرن جي سامهون وڃي بيٺو. اُنهن ۾ جيڪو سيني کان وڏو هو، جنهنکي ڪپڙا بہ صاف سٿرا پيل هئا، تنهن ڏانهن منهن ڪري چيائين، 'توهان جو اعتراض بلڪل جائز آهي. شيواجي مهراج جو نالو ڏنڊي يا دڪان لاءِ ڪم آڻڻ نہ کپرجي. پر جيئن تہ پريس جو سرڪاري ڊڪلريشن ان نالي سان ورتل آهي تہ اُهو تيستائين قائم رکڻو پوندو جيستائين ڪورٽ ٻئي نالي جو ڊڪلريشن منظور ڪري. بنا ڊڪلريشن جي پريس هلائڻ قانوني ڏوھ آهي. اسين نئين نالي سان پريس جو ڊڪلريشن ٺاڻي جي ڪورٽ ۾ ڏئي آيا آهيون. اُميد تہ اُهو هفتي کن ۾ ملي ويندو. اُن بعد اسين نئين نالي سان پريس هلائينداسين.'

اُن ئي وڏي ڇوڪري چيو، 'اِها ڳالھ اسان کي پهرين چونہ ٻڌائي وئي.'

'پريشانين ۽ ڪم جي پريشر سبب ماڻهو اڪثر ڪيترين ڳالهيون پلجي ويندو آهي. هونءَ مان توهان کي هڪ ڳالھ ٻڌايان. اسين سنڌي پڻ ڇترپتي شواجي مهراج جي عزت ڪندا آهيون. سنڌ ۾ اسڪولي ڪتابن ۾ شواجي ۽ پرتاپ تي سبق هوندا هئا. مون پاڻ اُهي پڙهيا آهن. ڇترپتي شواجي، مهاراڻا پرتاپ ۽ گرو گوبندسنگھ اسان جا سورما آهن جن تي اسين سڀ فخر ونندا آهيون. اُنهن کي ڪنهن هڪ جاتيءَ جي سڃاڻپ هيٺ آڻڻ درست نہ آهي. آهي سموري ڀارت جا سورما آهن، سيني ڀارتواسين جي دلين ۾ براجمان آهن.'

گوبندرام جي ان دليل جو اثر هنن ڇوڪرن تي ٿيو هو. هو سڀ سڌا ٿي بيٺا ۽ گوبندرام طرف نهارڻ لڳا.

وڏي ڇوڪري جي ڪلهي تي هٿ رکي گوبندرام چيو، 'پٽ، تون جڏهن پنهنجو ڏنڊو ڪندين تڏهن توکي ڄاڻ پوندي تہ ڏنڊي واپار وارا اِنهن سورمن ۽ ديوين ديوتائن پنيان دڪان وغيره جو نالو ڇو رکندا آهن! ڇاڪاڻ جو هو اُنهن جي عزت ڪندا آهن، پوڄا ڪندا آهن، اِنهن نالن ۾ برڪت ڏسندا آهن. شواجي پريس چوڻ سان شواجي مهراج جو نالو ڪٽجي ٿو. شنڪر ڪولڊ ڊرنڪ هائوس، شنڪر ڀڳوان جي ياد ٿو ڏياري.

لڇمڻ جي ٻهر ٻڌڻ جو هڪ ڪارڻ سندس ڏاڏو گوبندرام به هو. هو سوچيندو هو ته هيءَ وهي ٻارن جي گهمڻ ۽ کائڻ پيئڻ جي آهي. وڏي هوندي مٿن جوابداريون پونديون ته سنئين راهه تي اچي ويندا. ليڪن لڇمڻ جون شڪايتون ڏينهون ڏينهن وڌنديون ئي ويئون. ڏاڏنهس سمجهايس ته ٻيلي ائين نه ڪر، نالو تو خراب ڪرين!

ائين هڪ ڏينهن ڏاڏي پوٽي وچ ۾ بحث تيڻ لڳو. لڇمڻ آکيو، ’ بابا، ماڻهو ڪوڙيون شڪايتون ٿا ڪن. هو ڪيس سهن ئي ڪين ٿا. اسان جي شاهوڪاري ڏسي ڪين حسد تو ٿئي!‘

ڏاڏو ڪجهه چوي تنهن کان اڳ الائي ڪٿان ٻڌي پڙهي آيل گفتو ڏاڏي کي ٻڌائيندي لڇمڻ چيو، ’ماڻهو چڱو ڪائي پهري ته مصيبت ۽ جي بڪ مري ته به آزار!‘

گوبندرام سمجهائيندي چيس، ’ پٽ ايترو ڏيکاءُ ئي چو ڪجي جو ماڻهن جي نگاهن ۾ تي پئجي؟ صرف ڪاڏي پيتي يا خرچ پکي جي ڳالهه ڪانهي. ايترو ته هرڪو پيو ڪري. ڳالهه آهي سنجم جي. ماڻهو سنجم سان هلي ته جيڪر ڪير ڪجهه به نه چوي. سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته سوڙ آهر پير ڊگهيرجن. بلاشڪ ته سوڙ وڏي هجي، پر جي پنهنجا پير اُن کان ٻاهر ڪڍيا ته اُهي ماڻهن کي ضرور نظر ايندا. پوءِ جي اُهي پير صاف سٿرا آهن ته اُنهن جي نيڪي ڪندا ۽ جي اُهي ميرا گدلا هوندا ته لقب به اوهڙائي لڳائيندا.‘

گوبندرام پنهنجيءَ سمجهه ۽ تجربي موجب پوٽي کي صحيح سبق پڙهايو هو ليڪن سندس من ڪاميل هو. هن ڏسي ورتو هو ته ڪاٺ کي اُڏهي لڳي ويئي هئي.

گوبندرام چرڪ ڀري اُٿي ويٺو. اجا ڀنيرڪو هو. لڇمي سويل اُٿي هئي، باٿ روم ويئي هئي. پر ڪافي وقت ٿي ويو هو، هوءَ ٻاهر ڪانه آئي هئي.

پٽ کي سڏ ڪري هن ڪيس ننڊ مان جاڳايون. شيام اکيون مهٽيندو ٻاهر آيو ته گوبندرام چنتا وچان چيس، ’ماڻهين کي باٿ روم وئي ڪافي وقت ٿي ويو آهي. تون دروازو ڪڙڪائي

ڪوڙو سچ
باب سترهون

ماڻهوءَ تي سنگت جو اثر پوي ٿو. چڱن جي سنگت ڪبي ته چڱائي پرائبي. برن سان صحبت رکبي ته اُنهن جهڙا ئي لڇڻ گرهڻ ڪبا. چوٽي آهي ته سنگ تاري ڪسنگ بوڙي. اِها چوٽي ڪنهن سان به لاڳو ٿي سگهي ٿي.

لڇمڻ جي سنگت اسڪول تائين ته نيڪ هئي پر جڏهن ڪاليج پهتو ته ڪسنگ ۾ ڦاسي پيو. سگريٽ ڇڪڻ، انگريزي پڙهائيندڙ فلمون ڏسڻ ۽ دوستن سان گڏجي بيئر به پيئڻ لڳو.

لڇمڻ کي ملندڙ جيب خرچ پورو نه پئي پيو. هو وڌيڪ پئسا گهرڻ لڳو. نه ملندا هئس ته چوري ڪرڻ لڳو. ماءُ سمجهائيندي هئس ته ڪيس ڇڙٻون ڏيندو هو.

گوبندرام جو لنڊڙو ڪٽنب جڏهن ڪئمپ ۾ اچي ٽانئيڪو ٿيو هو تڏهن اڻ هوند هئي. سندن پلمانسائي هئي جو ڪنهنجي اڳيان هٿ نه ڊگهيريائون. جيڪي مليو اُن تي راضي رهيا. محنت ڪيائون ۽ اوُج تي رسيا. ليڪن سندن اولاد اهو سڀ نه ڏٺو هو. هنن اُهو ڏٺو جيڪو سندن سامهون هو. اُهو ڪيئن آيو، اُن تي هنن مغز نه کپايو. هو نئين زماني جا هئا جن تي نئين تعليم، آزاد ماحول ۽ شاهوڪاريءَ جو خمار هو.

اُن ئي شاهوڪاريءَ لڇمڻ کي غلط راهه تي آڻي ڇڏيو!

لڇمڻ جي پيٽ ۾ روپا بيحد سباجهي ڇوڪري هئي. سهڻي سيبتي هئي ليڪن مجال جو اسڪول ۾ ڪنهن ڏانهن اک کڻي نهاري. سڌو گهر ايندي ۽ ڪيڏانهن ٻاهر نه ويندي. سندس ساهڙيون محدود هيون جن سان ويهي پڙهندي ۽ هوم ورڪ ڪندي هئي.

روپا تي ڏاڏيءَ لڇميءَ جو اثر هو. لڇميءَ پوٽيءَ کي پنهنجن هٿن سان پالي نپائي وڏو ڪيو هو. تنهن ڪري هوءَ صورت ۾ ماءُ جهڙي ۽ سيرت ۾ ڏاڏيءَ وانگر هئي!

جو ڪلاڪ ۾ گول ميدان تي وچي پٽي راند ڏسندو هو. جيڏس راند گر مومبري راند ڪندي چرچو گهڻو ۾ پيا ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح گوبندرام جو شام وارو وقت گذري ويندو هو. پوءِ گهر اچي رات واريون خبرون ٻڌي، رسوئي ڪائي سمهي پوندو هو.

سنسار سماچار اخبار گهٽو اڳ بند ٿي ويئي هئي. اُن جي جاءِ تي گوبندرام هندستان اخبار گهرائيندو هو، جيڪا صبح جو چانهه پيئيندي پڙهي وٺندو هو. ليڪن آرتوار واري هندواسي ۾ ٿي ڏينهن پيو پڙهندو هو.

ٻار اڪثر وڏڙن سان ڪيتو ڪن. لڇمڻ ۾ ڏاڏي سان ڪيتو ڪندو هو. پئسا ڪپندا هئس ته ڏاڏي کي اچي پاسو ڏيندو هو. خوشامند ڪندي چوندس، 'بابا پنجاهه رپيا ته ڏيو. واپس ڏيندو سانوَ.'

گوبندرام پوٽي طرف نهاري کلي چوندو هو، 'واپس ڪٿان ڏيندين؟'

'خرچي ملندي، اُن مان ڏيندوسانوَ!'

'آڳي ڪڏهن واپس ڏنا اٿيئي جو هينئر ڏيندين؟'

'بابا، ڊئڊيءَ کي چئو ته منهنجي خرچي وڌائي.'

'پنج سؤ رپيا ٿورا آهن؟'

'تمام ٿورا آهن. مهانگائي ته ڏسو ڪيتري آهي.'

'اِهو ته توتي مدار ٿو رکي ته تون خرچ ڪيئن ٿو ڪرين.'

'اِهي ڳالهيون پوءِ ڪجو، هينئر مون کي پنجاهه رپيا ڏيو ته ڪاليج وڃان. دوست انتظار ڪندا هوندا.'

پئسا ڏيڻ کان سواءِ چوٽڪارو ممڪن نه هو. گوبندرام صدريءَ مان پنجاهه رپين جو نوٽ ڪڍي پوٽي کي ڏيندو هو.

نوٽ پاڪيٽ ۾ وجهي لڇمڻ بائيڪ تي ڪاليج هليو ويندو هو.

لڇمڻ جي پيٽ ۾ پوٽي روپا وڏيڪ سٻاجهي هئي. هو ڪيس پيءُ کان ملندڙ خرچيءَ کان سواءِ پاڻ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڏيندو رهندو هو. جڏهن پڇندو هوس ته ايترا پئسا ڇاتي خرچ ڪندي آهين ته روپا جواب ڏيندي هئس، 'بابا، مان سمورا پئسا مميءَ وٽ جمع ڪندي آهيان.'

سڏ نہ ڪرينس!'

شيام باٿروم جو دروازو کڙڪايو ليڪن اندران ڪو جواب نہ آيو. هن بيھر زور سان در کڙڪايو. هن دفعي بہ ڪا وراڻي نہ آئي. هو گھبرائجي ويو. دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳس. ٻہ ٽي زوردار ڌڪ هڻي، دروازي جو اندريون بولٽ ڀڃي، دروازو کوليائين. هيٺرن ڌڪن ۽ آوازن تي موهني، لڇمڻ ۽ روپا بہ ڪمرن مان ٻاهر نڪري آيا هئا. سڀ وائڙا بڻجي باٿ روم اندر نهارڻ لڳا. هنن ڏٺو تہ امان باٿ روم جي ديوار کي ٽيڪ ڏيئي، اچل ندرا ۾ سمهي پيئي هئي!

روپا ڪيڪراٽون ڪندي روئڻ لڳي. شيام، موهني ۽ لڇمڻ باٿ روم اندر وڃي، ماءُ جو مڙهہ ٻانهن ۾ کڻي ٻاهر آيا. گھر ۾ رودن مچي ويو. گوبندرام بہ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو.

لڇمي چوڏهن سالن جي هئي جڏهن هن جي ساڻس شادي ٿي هئي. هن وقت هوءَ چوهٺ سالن جي هئي. هن پورا ۵۰ سال ساڻس ناتو نڀايو هو. هڪ ئي سڪيلڌي پٽ جي نا چاڪائيءَ سبب قمبر مان لڏي لاڙڪاڻي اچي رهيا؛ لاڙڪاڻي مان لڏي، هن ڪلياڻ ڪئمپ ۾ آيا. هر مشڪلات ۽ ڏک سک ۾ سندس ساٿ ڏنائين. پڇاڙيءَ ۾ ويئي تہ ڪنهنکي ڪا تڪليف ئي نہ ڏنائين. چپ چاپ سمهي پيئي، موڪلاڻي بہ ڪانہ ڪيائين!

ڏاڏيءَ جو گھٽي ۾ گھٽو صدمو روپا کي پھتو هو. هوءَ جڻ اڪيلي ٿي پيئي. بنا سھاري ٿي پيئي. ٿي ويءَ مان موھ نڪري ويس. پيئي پڙهندي يا سمهي پيئي هوندي. ماڻس موهني دل وٺندي هئس. ليڪن ماءُ سان بلڪل ٿورو ۽ مختصر ڳالھائيندي هئي. هروقت گم سم. جڻ واڪ هيڻ ٿي ويئي هئي!

شيام کي جڏهن اِها سڌ پيئي تہ هو روپا ڏيءُ جو وڌيڪ خيال رکڻ لڳو. رات جو دڪان تان اچڻ بعد ڌيءُ سان ويھي ڳالھيون ڪندو هو. هن لاءِ فلمي مخزنون وٺي ايندو هو. روپا اُهي مخزنون بي دليو ڏسي رکي ڇڏيندي هئي.

گوبندرام گوڏن جي سور کان گھٽو ٻاھر نہ نڪرندو هو. شام

اهڙي نموني هن گراهڪي اچا به وڌائي ڇڏي. هڪ ڏينهن هن پيءُ کي صلاح ڏيندي چيو، 'ڊئڊي، توهين صرف صبح جو اچي دڪان کوليندا ڪريو. پوءِ مان اچي دڪان سنڀاليندس. توهان جي عمر هينئر آرام ڪرڻ جي آهي.'

شيام خوش ٿيو. پٽ لائقيءَ لڳي ته پيءُ خوش ئي ٿيندو. جڏهن هو پاڻ هن طرح لائق بڻيو هو تڏهن هن به پيءُ کي آرام ڪرڻ لاءِ چيو هو پٽس سندس ڳالهه مڃي هئي ۽ دڪان جون سموريون جوابداريون ڪيس سپرد ڪري ڇڏيون هيون. اڄ ساڳي صلاح سندس پٽ ڪيس ڏئي رهيو هو. هن لاءِ ان کان وڌ بي ڪهڙي خوشي هئي؟

ليڪن هوشيار ۽ چالاڪ لڇمڻ جي اِن صلاح پنيان بئي مراد هئي. هڪ ته هن سمورو ڪاروبار پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻ پئي چاهيو ۽ ٻيو ته هن جي هڪ ڇوڪريءَ ۾ اک هئي جيڪا سندن دڪان تان ڪپڙو ۽ ساڙهيون وغيره خريد ڪرڻ ايندي هئي. اُن ڇوڪريءَ سان رستو وڌائڻ لاءِ ڪيس اڪيلائي گهربي هئي. پيءُ جي هوندي هو اُن ڇوڪريءَ طرف وک وڌائي نه پئي سگهيو. ان ڪري هن پيءُ کي آرام ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي جيئن هو دڪان تي اڪيلو هجي!

ڇوڪري سهڻي به هئي، چتر به هئي. هن محسوس ڪيو هو ته هوءَ جڏهن به هن دڪان تي آئي هئي، دڪان جو هيءُ نوجوان مالڪ، ڪيس گهوري ڏسندو هو ۽ اجايو سجايو پيو مشڪندو هو. ڪيس ڪپڙي جون نيون نيون ڊزائنون ڏيکاري ساڻس ڳالهائڻ جا يتن پيو ڪندو هو. هن اِهو به مارڪ ڪيو هو ته هو پيءُ جي موجودگيءَ ۾ ساڻس گهٽو نه ڳالهائيندو هو، جيتوڻيڪ مرضي ڏاڍي هوندي هئس.

ڇوڪريون اِن معاملي ۾ ڏاڍيون هوشيار ٿين. سهڻيون ۽ آزاد خيال ڇوڪريون وڌيڪ هوشيار ٿين. کين پنهنجي سونهن ۽ فگر تي بانور هوندو آهي. هو ڇوڪرن جي نهار مان سمجهي ويندي يون آهن ته اڳلو مٿس مشتاق آهي!

سونو، پورو نالو سونل، سامتاڻي آکهه جي عامل ڇوڪري هئي. هن پروڙي ورتو هو ته سنڌ ڪلاٿ هائوس جو هيءُ ياوي نؤجوان

’اِهو تون چڱو تي ڪرين ڏيءُ. اهڙيءَ طرح پئسا بچائيندي ويندي ڪر. وقت نہ وقت جهڙو، پنهنجو پئسو هوندو تہ وقت تي ڪم ايندو. پنهنجي پاڻ کي ڏس، پٽس هيتري خرچي تو ڏئي تہ بہ مون کان الڳ ٿو ڦري وڃي!‘

’بابا، توهان نہ ڏيندا ڪريوس.پئسا ڏئي توهان کيس بگاڙي ڇڏيو آهي.‘

’بگڙجي نہ پوي، ان ڪري تہ ڏيانس ٿو. پنهنجا پئسا نہ هوندس تہ ڪنهن دوست کان اُڌارا وٺندو. ڪنهن وقت چوري چڪاري بہ ڪندو. انهن عادتن کان بچائڻ لاءِ ئي سندس گهرجون پوريون پيو ڪريان.‘

ايترو هوندي بہ لڇمڻ جون عادتون نہ بدليون. هو ڏينهون ڏينهن بريءَ سنگت ۾ ڦاسندو ويو. هڪ ڏينهن دوستن سان گڏجي ڪاليج جي بين چوڪرن سان ايترو جهيڙو ٿي پيس جو رتو رت ٿي اسپتال وڃي داخل ٿيو. ڇهہ ٽاڪا لڳس. ڏوهہ سندس دوستن جو هو. هنن هڪ ڪاليجي چوڪريءَ سان مستي ڪئي هئي. چوڪريءَ جا دوست وڏيڪ مظبوط هئا. اُنهن لڇمڻ ۽ سندس دوستن کي هاڪي اسٽڪ سان ايترو ماريو جو اُنهن مان لڇمڻ مٿو ڦاڙائي اسپتال وڃي داخل ٿيو. مٿان اِهو بہ ڊپ ڏنو ويس تہ هن بعد اهڙيءَ مستيءَ جو انجام سندس خون هوندو!

لڇمڻ مٿان خون جو ڊپ ايترو حاوي پئجي ويو جو دل ۾ پڪو فيصلو ڪيائين تہ ڪاليج ڇڏي، ڊئڊيءَ سان گڏ دڪان تي وڃي ويهندو. لڇمڻ پنهنجو اِهو فيصلو ڏاڏي معرفت پيءُ تائين پهچايو. پٽ جي اِن فيصلي تي شيام بيحد خوش ٿيو.

ليڪن هنن کي اِهو پتو نہ پيو تہ لڇمڻ کي آخر ڏڪ ڇو ۽ ڪيئن لڳا؟

لڇمڻ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان هو. هوشيار بہ هو. جلدئي ڌنڌي واپار جا سمورا طريقا سکي ويو. هڪ ڳالهہ ڏاڏي جي ڳنڍ ٻڌائين تہ گراهڪن سان هميشه سٺو هلجي، سٺو ٻولجي، جيئن هنن کي وشواس ٿي وڃي تہ کين شيءِ سني ۽ ڪفائتي اگهہ ۾ ملي آهي.

نڪري ويو. پيءُ طرف جهڪيو ۽ اُتاوليءَ مان پڇيائين، ’بابا، لوٿو ڪيئن ڪريو؟‘ هن پيءُ جو هٿ جهليو جيڪو صفا ڳڀرجي ويو هو.

گوبندرام پڙڪيو، ’مان لڇميءَ وٽ وڃان پيو. ٻارن کي ڪوٺي وٺ ته مان سندن سامهون هيءُ جهان ڇڏيان!‘

شيام سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. پيءُ کي ڀاڪر پائي چيائين، ’بابا‘ توهان اسان کي اڪيلو ڇڏي نه وڃو. اسين نڌڻڪا ٿي پونداسين!‘

شيام جي سڏڪن تي موهني به اچي پهتي. سمجهي ويئي ته سهرم جو آخري وقت اچي ويو هو. هوءَ ڊوڙندي ويئي ۽ گيتا آڻي اُن جو ارڙهون اڌياءُ پڙهڻ لڳي.

ٻئي ٻار به اُتي آيا. ٻنهي جا منهن لٿل هئا.

روپا اوچنگارن ۾ اچي پيئي. ڏاڏي کي چنبڙي ورلاپ ڪرڻ لڳي، ’بابا توهان مون کي ڇڏي ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ پهرين امان ويئي، هينئر توهان پيا وڃو! مون سان ويڊيو راند ڪير ڪيڏندو؟ توهان چيو هو ته منهنجي شادي ڏام ڌوم سان ڪرائيندا. جهمر وجهندا، لاڏا ڳائيندا. توهان نه هوندا ته مان شادي ڪانه ڪنديس. اصل ڪانه ڪندس!‘

گوبندرام جي اکين ۾ پاڻي ترڻ لڳو. پوٽيءَ جي پٺي ٿپريندي آهستي چيائين،’اسان جي ڪٽنب ۾ تون ئي ته هڪڙي نياڻي آهين. اسان جو سڀ ڪجهه تو مٿان قربان آهي!‘ پٽ کي اشاري سان پاڻ طرف سڏ ڪري چيائين، ’روپا جي شادي شان مان سان ڪرائج. ڪنجوسائي اصل نه ڪج. جيڪي گهري اُهو کيس ڏج. جيستائين شينهن ڪلهي چڙهي، تيستائين امانت سمجهي سندس پرگهور لهج!‘

پوٽي لڇمڻ کي پنهنجي پاسي کان ويهاري، بيحد ڌيرج سان گوبندرام کيس سمجهائيندي چيو، ’پٽ، تون هن گهر جو چراغ آهين، روشني آهين، ان روشنيءَ کي اوندهه ۾ نه بدلائج. دؤلت کان وڌيڪ عزت جو خيال رکج. پيءُ ماءُ ۽ ننڍيءَ ڀيڻ جو خيال رکج!‘

گوبندرام ٽڪجي پيو. تمام گهٽو ڳالهايو هئائين. ساهي پٽڻ لاءِ اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. موهني اڃا به ارڙهون اڌياءُ پڙهي رهي هئي.

مالڪ، منجهس چاھ وٺي رهيو آهي، تہ هن دڪان تي ريگولر اچڻ شروع ڪيو.

سونل کان اِها ڳالھ لڪل ڪانہ رهي, تہ هوءَ جڏهن بہ دڪان تي آئي هئي، تہ لڇمڻ جي نگاهن ۾ چمڪ اچي ويئي هئي. هن ڪيش ميمو تان لڇمڻ جو نالو پڙهي ورتو هو.

سونل کي بہ لڇمڻ وڻڻ لڳو. هو سهڻو هو، ٺاهوڪو هو، پئسي وارو هو، وڏي ڳالھ تہ هو منجهس چاھ وٺي رهيو هو. ٺيڪ آهي. پل تہ رستو وڏي...!

ٻنهي، لڇمڻ ۽ سونو، پنهنجي پنهنجي ليکي، اڪيلائي ۽ نويڪلائي پئي چاهي. ڪپڙي لٺي کان هٽي پنهنجي باري ۾ گفتگو ڪرڻ پئي چاهي. هڪ ٻئي جا ويچار ۽ ارادا ڄاڻڻ پئي چاهيا. گهٽ ۾ گهٽ لڇمڻ اِهو ئي پئي چاهيو.

اهڙو موقعو لڇمڻ کي جلدئي ملي ويو....

اُن رات گوبندرام کي ڇاتيءَ ۾ سور اچي پيو. هن پاڻ ئي پنهنجي ڇاتيءَ کي هلڪا هلڪا زور پئي ڏنا پر سور گهٽ نہ ٿيو. هن شيام کي بہ ٽي سڏ ڪيا. پر اُهي سڏ شيام جي ڪنن تائين نہ پهتا. شيام پنهنجي ڪمري ۾ سمهيو پيو هو. ٻئي ٻار بہ پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي هئا.

گوبندرام سمجهي ويو تہ سندس هلڻ جي ويلا اچي ويئي هئي. پر هن ائين ٻارن سان بنا ملڻ ۽ موڪلائڻ جي وڃڻ نہ پئي چاهيو. هن پنهنجي ڪٽنب جي سامهون پراڻ تياڳڻ پئي چاهيا.

هن وري سڏ ڪيا. اُهي وري بہ واپس موٽي آيا. اُهي سڏ ڪنهن نہ ٻڌا. ڪيس ٿورو ٿورو پگهر اچڻ لڳو. هو سمجهي ويو تہ هو ٿوري وقت جو مهمان هو. سندس ويجهو ٽپائيءَ تي پاڻيءَ سان ڀريل لوٽو رکيو هو. هن آهستي آهستي لوٽو کڻي فرش تي ڦٽو ڪيو. وڏو آواز ٿيو. منٽ بہ نہ گذريو تہ شيام اکيون مهٽيندو ٻاهر آيو. هن سوچيو پيءُ پاڻي پيئڻ لاءِ لوٽو کنيو هوندو، هٿان مان ڪري پيو هوندس.

گوبندرام پگهريل هٿ مٿي کڻي لوڏيو. شيام کان ڇرڪ

ڪنهنکي خبر هجي ته آزاديءَ جي تحرڪ ۾ سرگواسي گوبندرام هڪ هفتو جيل اُماٽيو ويو هو. وديشي مال خلاف هلچل هلائي ويئي هئي، جنهن ۾ گوبندرام سرگرم پاڳ ورتو هو. ڪيس پوليس پڪڙي ويئي هئي ۽ ڪورٽ مان ڪيس هڪ هفتو جيل جي سزا ملي هئي. سندس گهر وارن کي ٻڌايو ويو ته هو هڪ هفتو سنڌ جي گشت تي ويو آهي. هو آزاديءَ جو اُپاسڪ هو ليڪن اسان جا رستا الڳ الڳ هئا. هو مهاتما گانڌيءَ جو پوئلڳ هو ۽ اسين سڀاش چندر بوس کي پنهنجو آدرش مڃي سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ شامل هئاسين. ورهاڱي بعد پارٽ اڇي هو ٻه ڊاڪٽر چوئٿرام گدوانيءَ جيان سوشلسٽ ويچار ڌارا جو حامي بڻيو ۽ مون کي چاهي ڊاڪٽر گدوانيءَ کي اليڪشن ۾ مدد ڪيائين. وڏي سورهيائي اِها ڏيکاريائين جو پنهنجي چڏي آيل ملڪيت جو ڪليم نه وڌائين. تنهن سواءِ فريڊم فائيٽر واري پينشن وٺڻ ٻه قبول نه ڪيائين!...'

شيام لال جي مرضي هئي ته لڇمڻ هانيون ڪٽي هردوار وڃي. ليڪن لڇمڻ ناسڪ وڃڻ تي زور پريو. آخر اِهوئي فيصلو ٿيو. لڇمڻ هانيون ڪٽي ناسڪ ويو ۽ گوداوريءَ ۾ پرواهه ڪري آيو.

ٻارهئي جي پوڳه تي بمبئيءَ مان ڪامني ٻه آئي هئي ليڪن لڇمڻ کي اِها ڳالهه ڪانه وڻي. ڪامني وڏيءَ عمر سبب هلڻ چلڻ کان لاچار هئي ته ٻه پوڳه صاحب تي آئي هئي. لڇمڻ کي ڊپ هو ته ماڻهن کي ڪامنيءَ جي اصليت جي ڄاڻ پوندي ته جڳ هسائي ٿيندي. گهٽو خوار ته زالون ڪنديون جن کان اهڙيون ڳالهيون هضم ئي نه ٿينديون آهن. ليڪن شڪر جو اهڙي ڪابه ڳالهه نه ٿي: ٻارهون سک سان نبري ويو.

اُلهاسنگر جي بزارن ۾ ٻپهرن جو ماڻهن جي رش گهٽ هوندي آهي. زالون رڌ پچاءُ ۾ رڌل هونديون آهن، ٻار اسڪول يا ڪاليج ويل هوندا آهن ۽ مرد نوڪرين تي يا دڪانن تي.

اهڙيءَ ئي هڪ ٻپهريءَ جو سونل دڪان تي پهچي ويئي. سهڻي هوندي ٻه هلڪو ميڪ اپ ڪيو هئائين. لڇمڻ هڪ گراهڪ جو ڪيش ميمو وڃي ناهيو. سونوءَ کي ڏٺائين ته سندس

ڊاڪٽر کي فون ڪيو ويو هو. روپا ڏاڏي جي سيرانديءَ کان وېني هئي. لڇمڻ ڪنڌ جهڪائي بيٺو هو. شيام هرهر دروازي طرف پئي نهاريو. ڊاڪٽر اچا ڇونه پهتو هو؟...

ڊاڪٽر ماڪيجا گوبندرام کي چڱيءَ طرح تپاسيو. شيام کي پاسيرو وٺي وڃي چيائين، 'اسپتال کڻائي وڃڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. نبض ٻڏندي پيئي وڃي. دل جو وڏو دؤرو پيو اٿس. چند منٽن جوئي مهمان آهي. اهو عرصو گهر ۾ ئي هجي ته بهتر.'

هڪ انجيڪشن هڻي ڊاڪٽر هليو ويو...

ريل ڇٽڻ لاءِ پليٽ فارم تي تيار بيٺي آهي. جيئن ئي وقت ٿيندو، گارڊ سيٽي وڄائي سائي جهنڊي ڏيکاريندو...تيستائين ريل بيٺي رهندي. مسافر سيٽ تي ويٺو رهندو. سندس عزيز دريءَ ٻاهران بيهي، ريل ڇٽڻ جو انتظار ڪندا رهندا...!

ساڍي يارهين بجي گوبندرام پراڻ تياڳيا. کيس پلنگ تان لاهي فرش تي سمهاريو ويو. سواس رهندي کن شين ۽ پئسن تي سندس هٿ گهمايو ويو هو. اُهي شيون ۽ پئسا دان پڃ ۾ ڏنا ويندا...

واقفڪارن کي فون تي دکدائي سماچار ٻڌايو ويو. ڪريا ڪرم جون رسمون پوريون ڪرڻ لاءِ برهمڻ کي گهرايو ويو. شيام پنهنجا وار لهرائي پيءُ کي ڏنا. سندس مرضي هئي ته پٽس لڇمڻ به ائين ڪري پر هن صرف مڇون ڪوڙايون.

سڄَ ۾ شهر جا ڪافي دڪاندار، واقفڪار ۽ معزز نگرواسي شامل ٿيا. ليڪن مارڪي واري ڏينهن ڏري گهٽ سمورو شهر حاضر ٿيو جن ۾ پرچو وديارٿي، سيتل هرچنداڻي، سلامتراءِ پرسواڻي، پرسرام ڪالاڻي، دنيچند ڪالاڻي، ۽ ڪيترا ٻيا پرسڌ ويڪتي آيل هئا. دل کولي سرگواسيءَ جي ساراهه ڪئي ويئي. پرچي وديارٿيءَ شرڌانجلي ڏيندي چيو، 'توهان مان شايد ئي

’ٻڌدي آهي، ڏاڏو حيات نہ رهيو.‘
’اِهو مون بہ ٻڌو. تي ڏينهن دڪان بند هو. مان موٽي ويئي هئس.‘
لڇمڻ کي ڌڪ لڳو. سونو آئي هئي، دڪان بند ڏسي واپس موٽي ويئي.
’اوهان سان ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ ملي سگهان ٿو؟‘
’اڪيلائيءَ ۾ ڇو؟‘
’ڪي ڳالهيون اڪيلائيءَ ۾ ئي ڪري سگهجن ٿيون.‘
’مثلن؟‘
’مثلن توهان کي ۽ مون کي جيڪي گهرجي، اُن بابت ڳالهيون ڪرڻيون آهن. توهان صرف ها ڪريو ۽ وقت ٻڌايو.‘
’سچ پچ توهان کي ايتري تڪڙ آهي؟‘ سونل پنهنجيءَ مرڪ ۾ رس ملائيندي پڇيو.
’بلڪل تڪڙ آهي. اوهين صرف ها ڪريو ۽ وقت مقرر ڪريو. باقي مون تي ڇڏي ڏيو.‘
’واعدو ڪريو تہ پنتي نہ هٽندا!‘ سونوءَ پنهنجو سهڻو ملايم هٿ اڳتي وڌايو.
لڇمڻ اهڙي تڪڙي موٽ جو سوچيو بہ نہ هو. هن سوچيو هو تہ هن پريءَ جي ٻچي کي الائي تہ ڪيتريون سوڙهيون ڏيٺيون پونديون تڏهن وڃي هٿ ايندي! شايد هوءَ بہ اُهوئي چاهي رهي هئي جيڪو هو چاهي رهيو هو. تڏهن تہ هٿ اڳتي وڌائي واعدو وٺي رهي هئي. ٺيڪ آهي، سندس منشا ۽ مراد بہ تہ اِهائي هئي، هوءَ ڪيئن بہ سندس بڻجي!...
هن مشڪندي پنهنجو مظبوط هٿ سونوءَ جي هٿ سان ملايو. اُهو هٿ بيحد نرم هو. هن اُن نرم هٿ کي هلڪو زور ڏنو. سونوءَ کي اِهو وڻيو. اهو مرداني هٿ جو زور هو. هوءَ اهڙي ئي مظبوط هٿ جي خواهان هئي.
لڇمڻ شوڪيس کولي اُها ساڙهي، ڪڍي ورتي ۽ پئڪ ڪري، سونوءَ کي پيش ڪئي.
’هيءُ منهنجي طرفان اوهان لاءِ ناچيز طحفو آهي. قبول ڪيو وڃي!‘ لڇمڻ شاعر جيان مشڪندي طحفي وارو پئڪيٽ

اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. تڪڙ ۾ ڪيش ميمو ناهي، پئسا وٺي، گراهڪ کي روانو ڪري، اُتي بيٺو. تيستائين سونو شوڪيس اندر ٽنگيل ساڙهيون ڏسڻ لڳي.

لڇمڻ اڳيان وڌي سونوءَ جي ويجهو وڃي بيٺو. سونو هڪ ساڙهيءَ کي ڏيان سان ڏسي رهي هئي. 'گهڻن ڏينهن کانپوءِ درشن ڏنو اٿوا' لڇمڻ مرڪندي چيو،'پر پهرين ٻڌايو ته ڇا پيئندا، ٿڌو يا گرم؟'

لڇمڻ جي مرضي هئي ته ٿوري وقت لاءِ نوڪر کي دڪان کان ٻاهر موڪلي ڪجهه گهرائي وٺي. سندس اِها مراد سونل ٻه سمجهي ويئي ٽنهن ڪري چيائين، 'توهان جي مرضي، جيڪي ڪپيو گهرايو.'

لڇمڻ نوڪر طرف نهاري چيو، 'گهنشيام، مينگهي وٽان ٻه اسپيشل ٿاڌل جا گلاس ٺهرائي وٺي اچ. مٿان سڪو ميوو وجهائجانس. منهنجي نالي چئجانس ته مهمان کي ٿاڌل پيئارڻي آهي.'

لڇمڻ جاڻي واڻي مينگهي وٽان ٿاڌل گهرائي هئي. جنهن لاءِ گهنشيام کي سيرو چونڪ تائين وڃڻو پوي ها. اچڻ وڃڻ ۾ چڱو وقت لڳيس ها.

'ڏاڍا هوشيار آهيو. مان توهان جي مهمان ڪڏهن کان ٿيس؟' سونوءَ لڇمڻ طرف نهاري مرڪندي پڇيو.

'گراهڪ ته آهيو.' لڇمڻ جي اکين جي روشني وڌي ويئي.

'اڳ ته ڪڏهن چانهه ٻه ڪانه پياري اٿو.' سونو بدستور مرڪي چيو.

'اڳ ٻي ڳالهه هئي، اڄ ٻي ڳالهه آهي.'

'مون مطلب نه سمجهيو؟'

'هينئر مان مالڪ ۽ هرتا ڪرتا آهيان.'

'اڳ مالڪ نه هئا؟'

'ڊئڊيءَ جي هوندي مان اهڙي هام نه ٿي هڻي سگهيس.'

'ته ڇا هينئر اوهان جو ڊئڊي نه رهيو!؟' سونوءَ اچرج وچان پڇيو.

جو رشتو ڏاڏو طئہ ڪري ويو هو.‘

’پوءِ تہ وڏيڪ سٺو. پوءِ مڪمل آزادي رهندي.‘

’ها، پورڻ آزادي! پوءِ صرف ممي ڏئڊي ۽ تون مان هونداسين!‘

روپا جي شادي پيڪيدار نموني ڪرائي ويئي. جڏهن ڏيءُ جي وداعي ٿي ويئي ۽ هرڪو مهمان پنهنجي گهر هليو ويو تڏهن اڪيلائيءَ ۾ موهنيءَ جي نيڻن مان نير ڌارا وهي نڪتي. اِهو نير آتي خوشي ۽ پرسنتا سبب، پاڻ مرادو اکين مان وهي نڪتو هو جيئن جهرڻو جبل جي چِر وچمان اروڪ وهڻ لڳندو آهي. اِهي آنسون موهنيءَ جي سکي جيوت ۽ آتت جو سنديش هئا!

اونده ڪنهنکي بہ ڪانہ وڻي. ڏينهن جو ماٺهو دريون کولي ڇڏين ۽ رات جو زيرو بلب ٻاري سمهن. اونده کان اِهو جهيٽو پرڪاش بہ سٺو...!

موهٽي اِن پروسي بمبئيءَ آئي هئي تہ هن جهڙي سهٽي ۽ ڏولاٽتي ڇوڪريءَ کي فلمن ۾ ضرور چانس ملي ويندو. سندس ساهڙين جي پڻ اهائي راءِ هئي تہ هوءَ هڪ دفعو بمبئيءَ پهچي ويندي تہ کيس فورن فلمي جڳت ۾ کنيو ويندو. هن اُنهن تي وشواس ڪيو هو ۽ رات ڏينهن بمبئيءَ جا سپنا لهڻ لڳي هئي.

هوءَ انهن ئي دلاسن تي گهر مان ڀڄي نڪتي هئي. ليڪن هوءَ ٺڳجي ويئي. بمبئيءَ پهچي هوءَ هڪ اوباش جي ور چڙهي ويئي. پر هوءَ ڪجھ ڪري نہ پئي سگهي. کيس پڪيءَ جيان پنجري ۾ بند ڪيو ويو. ٻہ ڏينهن بکہ ماري ويئي. کيس ڌيڄاريو ۽ ڌمڪايو ويو. هوءَ پوريءَ طرح ڪوڙڪي ۾ ڦاسي ويئي هئي!

هن لاءِ هر طرف اونده ئي اونده هئي. اُن اونده ۾ اُمالڪ ڪامني روشنيءَ جو زيرو بلب ٻڙجي آئي. هن کيس اُن اونده مان ٻاهر ڪڍي روشنيءَ ۾ آندو ۽ سندس هٿ هڪ اهڙي جوان جي هٿ ۾ ڏنو جنهن کيس زندگيءَ جي پيچري تان وٺي وڃي شاهي سڙڪ تائين پهچايو!...

جيڪڏهين هيءُ نوجوان، سندس خاوند، هنجي بن ٻارن

اڳيان وڌايو.
سونوءَ ٽٽنڪيو ڇئي اُهو طحفو قبول ڪيو!...

لڇمڻ ۽ سونل جي ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿيو ته اُهو وڌندو ئي ويو.
هڪ ڏينهن هڪ سونو ڪنگڻ سونوءَ کي ڏيندي لڇمڻ چيو، 'هيءُ مان بمبئيءَ مان تنهنجي لاءِ وٺي آيو آهيان. تنهنجيءَ ڪرائيءَ ۾ ائين چمڪندو جيئن مٽڪ ۾ هيرو چمڪي!'
ڪنگڻ واقعي سهڻو هو. ڪنهن قابل ڪاريگر جي هٿن جو گهڙيل هو.
'هن ڪنگڻ جي قيمت ڪيتري هوندي؟'
'قيمت پڇي ڇا ڪندينءَ. تون پائيندينءَ ته هن جي قيمت اجا وڌي ويندي. منهنجي دل خوش ٿي ويندي!'
انهن ملاقاتن جي وچمان 'توهان' ۽ 'اوهان' جهڙا لفظ ٻاهر نڪري ڪسڪي ويا هئا. سندن جاءِ 'تو' ۽ 'تون' اچي والاري هئي.
'ٻن هزارن جو ته ضرور هوندو؟'
'تو ڪڏهن کان قيمتون ڪٿڻ شروع ڪيون آهن؟'
'اڄ نه ته سڀاڻ، ان بابت سوچڻو ته ضرور پوندو.'
'سڀاڻ ڇو، تون اڄ ئي رضامندي ڏي ته سڀاڻ کان توکي ان سوچ کان ڇوٽڪارو ڏياري ڇڏيان.'
'ايتري تڪڙ؟'
'تون رڳو ها ڪر!'
'پيءُ ماءُ کان پڇيو اٿئي؟'
'تون پنهنجيءَ مميءَ جي ڳالهه ڪر!'
'ممي مون کي پٽن جيان پائيندي آهي. مان سندس هڪ ئي سڪيلڌي ڌيءُ آهيان!'
'مان به مائٽن جو هڪ ئي سڪيلڌو پٽ آهيان! صرف هڪ مسئلو آهي جنهن کي دور ڪرڻو پوندو.'
'ڪهڙو مسئلو؟' سونوءَ فڪر وچان لڇمڻ ڏانهن نهاريو.
'مون کان اڳ نندڍيءَ پيڻ روپا جي شادي ڪرائيندا. روپا

شيام جو روپا ڏيءُ ۾ جنسي ساهه هو. ننڍڙي هئي تہ هنج ۾ کڻي گهمائيندو ڪڏائيندو هوس. هر مهني آشا فوٽو گرافر کان فوٽا ڪيرائي ايندو هوس. الائي تہ ڪيترا آلبم پري چڙيا هئائين سندس فوٽن سان!

شيام دڪان تي هليو ويندو تہ پنيان ڏاڏي ڏاڏيءَ سان ويني انگل ڪندي. هو خوش ٿي چوندا، 'گهڻي عرصي بعد اسان جي گهر لڪشمي پڌاري آهي'

روپا چوندي 'بابا امان جو نالو بہ تہ لڇمي آهي.'

بابا چوندو، 'لڇمي معني لڇڻن واري ۽ لڪشمي معنيٰ برڪت واري ديوي! تون اسان جي گهر ۾ برڪت واري ديوي بڻجي آئي آهين.'

رات جو شيام گهر موٽي تہ روپا ڏيءُ لاءِ ڪڏهن چاڪليٽ، ڪڏهن نوان فراڪ تہ ڪڏهن ڪو رانديڪو وٺي ايندو. هڪ ڏينهن ٽقيٽي سائيڪل وٺي آيو.

پوءِ ٻقيٽي ۽ جڏهن هاءِ اسڪول ويئي تہ بائيڪ وٺي ڏنائين. چي زماني سان گڏ هلجي. اهڙيءَ طرح ٻارن ۾ خود اعتمادي وڌندي. رڳو هڪ ڳالهہ جو خيال رکجي، خبرداري رکجي.

شيام کلي چوندو هو، 'اسان جي روپا ڏيءُ سمجهدار آهي، اِها مون کي ڄاڻ آهي!'

اڄ اُن ئي روپا ڏيءُ جي شادي ٿي هئي. ارڙهن سال ماءُ پيءُ جي گهر رهي، وڏي ٿي، هينئر گهوٽ جو گهر وڃي وسايو هئائين.

اِئين ئي ٿيندو آهي. ڌيءُ هميشه پرائو ڌن ٿيندو آهي. ماءُ پيءُ وٽ امانت هوندي آهي جيستائين ڪو راجڪمار اچي ۽ شهزاديءَ جو هٿ جهلي پنهنجي گهر وٺي وڃي.

ڪشور واقعي سهڻو ۽ ٺاهوڪو جوان هو. هو سچ پچ سندن ڌيءُ لائق ور هو. روپا ڌيءُ سندن گهر سکن جي سيج ماڻيندي.

ليڪن موهني پٽ جي باري ۾ شنڪالو هئي. الائي ڇو هوءَ لڇمڻ کي ڏسندي، هئي تہ من ئي من هلڪو ڊپ محسوس

جو ﭘيءُ، سندس هٿ نہ جهلي ها تہ ﭘڪ ئي ﭘڪ هوءَ اونده جو لقمو بڻجي وئي هجي ها!..

ڪيترو نہ ﭘيار ۽ عزت ڏني آهي هن ڪٽنب ڪيس. هڪ دفعو بہ ياد نہ ڏياريائون تہ هوءَ ڪير هئي ۽ ڪٿان آندي وئي هئي. ان ڪان وڌيڪ مهانتا ﭘي ڪهڙي ٿيندي!...

سندس هٿ سندس خاوند جي هٿ ۾ ڏيندي ديدي ڪامنيءَ چيو هو، 'ڇوڪري! تنهنجا نصيب زور آهن جو مون توکي ڏٺو ۽ وڏي دام ۾ خريد ڪري ورتو. مهرباني مڃ اُن نوجوان جي جنهن تنهنجو هٿ جهليو آهي. ڏسج، متان ڪڏهن ڪيس ڪو دک ڏين يا دوکو ڏين. هيءُ ماڻهو ﭘئسي جا نہ، عزت جا ڪانکي آهن. عزت خاطر ئي ﭘنهنجو وطن ڇڏي هتي آيا آهن!...'

ڪيئن ڏيندي هوءَ ڪين دک يا دوکو؟ دوکو ۽ دولاب تہ اُهي ڪن جن سان ڪير لڳائي ڪري؟ هنن تہ ساڻس هميشه ڇڱائي ﭘئي ڪئي. ڪيس اُهو سڀ ڪجھ ڏنو هئائون جيڪو ڪنهن وڏي ۽ سٺي گهر جي ڇوڪريءَ کي ساهرن ۾ ملڻ گهرجي. ليڪن هن ﭘاڻ طرفان ڪجھ گهريو ئي ڪٿي هو. ڪيس سڀ ڪجھ ﭘاڻ مرادو ملندو ويو هو. مڙس جو ﭘيار، سس سهري جو سنيه ۽ ﭘيٽ سروپ هيءُ بہ سندر ٻار! اِهي ڇڻ مُور متان وياج هئا. ٻنهي ٻارن کي ڏاڏي ڏاڏيءَ ﭘالي نپائي وڏو ڪيو. ڪيس ڪجھ بہ ڪرڻو نہ ﭘيو. ڪارايو بہ اُنهن، ﭘياريو بہ اُنهن تہ ﭘهرايو بہ اُنهن ئي. هن صرف ڄڻي ڏنا. بس، صرف ايتروئي ڪيو هن!

سسٽم روز رات جو رامايڻ ﭘڙهي ۽ آسيس ڪري. سهرم چوي تنهنجي هٿ ۾ جس آهي. تون لڇميءَ ڪان بہ سٺي ۽ سوادي ماني ٿي ٺاهين. گهوٽم رات جو تڪجي اچي، مان زور ڏيانس نہ چوي تون منهنجي دل جي راڻي آهين، منهنجي سيني سان اچي لڳ!

اِن ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجيم؟ ڪنهن بہ اِستريءَ کي ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا تو گهرجي؟...

تہ نندپڻ کان ئي پڌرا هئا. پيءُ کي سرمي سرائي هٽي ڳوڙهو کيائين. پاڙي اوڙي جي ٻارن سان اُچاپائين. اسڪول ۾ جهڙا کيائين ۽ ڪاليج ۾ پنهنجو مٿو پچاپائين. پڌري پٽ تہ هو. نہ تہ پڌرو ٻيو ڪنهنکي چوندا آهن؟

ڏاڏي جو گورو ڪٽي هردوار وڃي ها تہ چا تئيس ها؟ پيءُ جي دل بہ نہ رکيائين. چي گنگا ۽ گوداوريءَ ۾ ڪهڙو فرق! فرق نہ بہ هجي پر مڃتا تہ آهي. ماڻهو اياڻا تہ ناهن جو هردوار تا وڃن. بابا چوندو هو سندس صحت سالم هجي تہ جيڪر هردوار وڃي رهي. سنڌو نديءَ ۾ گنگانديءَ کان بہ وڌيڪ ساهہ هوس. چوندو هو سندس وس پڇي تہ هو وصيت ڪري وڃي تہ سندس مئي پڇاڻان هانيون سنڌوءَ ۾ پرواهہ ڪيون وڃن. ڪيترو نہ پيار هو بابا جو پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ سنڌ ۽ سنڌو نديءَ سان!

هڪ دفعي لڇوءَ پيءُ کيس ٻڌايو هو تہ بابا سنڌ ۾ ڇڏي آيل ملڪيت جو ڪليم بہ نہ وڌو هو. چي جيڪا چيز سنڌ ڌرتيءَ تي هئي، اُها چاهي اڌاوت جي روپ ۾ ئي چو نہ هئي، سنڌيوميءَ جو حصو هئي، اُن جو ڪليم ڪيئن وجهبو!

اُن لاءِ سنڌي شاعر جو هيءُ بيت ٻڌائيندو هو:

’جئداد سنڌ اتم، ڪليم سنڌ تي اتم!‘

بابا چوندو هو سنڌ تہ ملندي ڪانہ، ڪليم وٺڻ کان پوءِ سنڌ تي پنهنجو حق ختم تي ويندو. ۽ بابا اهو حق ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هوا...

ڪندي هئي. ساڳي ذرتي ساڳيو ٻج مگر اُپج جو هڪ ڦل مِنو نہ ٻيو ڪسو! ائين ڇو ٿيو، ائين ڇو ٿو ٿئي، موهني اِها پرولي سلي نہ سگهي!

هڪ جوتشيءَ ٻڌايس تہ اهو اڳين ڪرمن جو ڦل آهي. ڪرم ڪانڊ کي وڏو مهتو آهي. ماڻهو جهڙو ڪرم ڪندو تهڙو ئي ڦل پائيندو. اڳئين جنم ۾ لڇمڻ ضرور ڪي اهڙا ڪرم ڪيا هوندا جن جو ڦل هن جنم ۾ ملي رهيو آهي.

موهنيءَ سوچيو هيءُ ڦل ڪٿي، هيءُ تہ اَڪُ آهي!...

لڇمڻ سچ پچ اَڪ جهڙو هو...

موهنيءَ کي ياد آيو جڏهن هو اجا ننڍڙو هو، پيءُ جي هنج ۾ هو، تہ ننڍڙي پتڪڙي لڇمڻ هٿ واري سُرمي سرائي پيءُ جي نراڙ تي هڻي ڪڍي هئي. ٻار هو، خبر ڪانہ پيس ليڪن پيءُ جو نراڙ سجائي ڇڏيو هئائين!

هڪ دفعي، دسهڙي تي، ڦٽاڪن لاءِ ايترو ڪيتو ڪيائين ۽ رُنائين جو سڀ حيران پريشان ٿي ويا. سندس ضد تہ هينئر جو هينئر ڦٽاڪا گهرجن. پيءُ ڏاڏو دڪان تي، بزار ڪير وڃي؟

ماڻس سمجهائيندي چيس، ’لال، رات جو پڻهين ايندو تہ تنهنجي لاءِ ڪوڙ ڦٽاڪا وٺي ايندو. سڄي رات پيو ڦٽاڪا ٻارج، هينئر بس ڪر، ڏاهو ٻار آهين نہ!‘

پر هو ڏاهو ٻار اصل نہ مڙيو. ليٽڙيون پائي، روئڻ لڳو. ڏاڏيءَ لڏون آڻي ڏنس تہ اُهو پري ڦٽو ڪري ڇڏيائين. ٻونديءَ جو لڏون داڻو داڻو ٿي سڄي ڪمري ۾ ڦهلجي ويو. اُگهاڙو هو، روئندي روئندي ننڊ اچي ويس. موهنيءَ پنهنجو رئو لائي مٿان وجهي ڇڏيس.

رات جو پڻس اچي ننڊ مان اُٿاريس ۽ ڦٽاڪن جو پريل باڪس ڏنائينس. ويچاري روپا کي اُنهن ڦٽاڪن مان رڳو نانگڻ، ٿورا ڦٽاڪا ۽ ٿوريون چٽڪائي تيليون ڏنائين، باقي سمورا ڦٽاڪا پنهنجي قبضي ۾ رکيائين.

موهنيءَ ڪانِ دانهن نڪري ويئي هئي، باپ ڙي باپ! اهڙو ڪر هن جڻيو ہو!...

سسٽم چوندي هئي تہ ٻار پينگهي ۾ پڌرو. لڇمڻ جا لڇڻ

'اسين پائيبند آهيون. هن جي مائٽن کي اعتراض هجي ته؟'
'کيس صرف ماءُ آهي. پيءُ حيات ڪونه اٿس. ماءُ کي ڌيءَ جي پسند تي ڪو اعتراض ڪونهي. ڇوڪري پڙهيل لکيل ۽ آزاد خيال آهي. هوءَ انهن تفاوتن کي ڪانه ٿي مڃي.'
'پوءِ ته عقل واري ڇئبي.' شيام لال خوش ٿي چيو، 'توکي ڇوڪري پسند آهي ۽ ڇوڪريءَ کي تون پسند آهين ته اسان کي اعتراض ڇو ٿيندو؟'
'ڏئڏي، هوءَ نه صرف سهڻي آهي بلڪ سياڻي به آهي.'
شيام لال من ئي من دهرايو: سهڻي به، سياڻي به! پوءِ ته پڪ ئي پڪ هوءَ موهنيءَ جو ٻيو روپ هوندي!
اهو بلڪل سچ هو. موهني سهڻي به هئي ۽ سياڻي به هئي. اِهي ٻئي گڻ مشڪل سان هڪ جاءِ نظر ايندا آهن. سندن وواهت جيون ۾ مشڪل سان هڪ اڌ دفعو ترشي پيدا ٿي هوندي نه ته نديءَ جي وهڪري ۾ ڪڪ پن به وهندا ئي پئي ويا. پاڻي صاف ۽ شفاف هجي ته صحت کي ڪو جوکم ڪونه هو. هن جي صحت ڪڏهن خراب نه ٿي هئي. وڏي ڳالهه ته ٻنهي جو هڪ ٻئي ۾ وشواس هو. هڪ چيو، ٻئي مڃيو، ان اصول تي هميشه عمل ڪندا آيا هئا.
موهنيءَ ۾ جڻ ڪا ملاوٽ ئي ڪانه هئي. بلڪل کرو سون هئي. سس سهري کي ڪڏهن شڪايت جو موقعو نه ڏنائين. رات جو سس کي زور ڏيڻ ۽ رامائڻ پڙهي ٻڌائڻ جاري رکيائين. ٻن ٻهرن جو آرام ڪرڻ بجاءِ مشين ڪڍي ٻارن جا ڪپڙا ويهي سبيائين. استريءَ وارو نه آيو ته ڪپڙا به پاڻ ئي استري ڪري رکيائين.
سچ ته اِهو هو ته شيام سندس هٿ جهلي مٿس هڪ احسان ڪيو هو ۽ موٽ ۾ هن هزار احسان ڪيا هئا. اڻ گهريو سڀ ڪجهه ڏنو هو هن سيني کي. استري ڌرم جو پالن ڪندي، ٻارن جي پرورش ۽ گهرجي بزرگن جو سماءُ لهندي، هن پنهنجون سموريون خواهشون ۽ اڇائون هن گهر مٿان نشاور ڪري ڇڏيون هيون. اڃا به جيڪر ائين چئجي ته هن سمورن السڻن جو

ڪُوڙو سچ
باب ارڙھون

پيءُ جي ديھانت بعد شيام لال دڪان تي وڃڻ گھٽائي ڇڏيو ھو. پٽس لڇمڻ ڪاروبار سنڀالي ورتو ھو تنھن ڪري کيس دڪان جي چنتا ڪانہ ھئي. چنتا ھئي کيس لڇمڻ جي پرڻائڻ جي جنھن لاءِ سنو گھر ڳولھي رھيو ھو. موھني بہ مڙس جي اِن ويچار سان سھمت ھئي. ھن پنھنجي گھر ۾ ڪنوار ڏسڻ پئي چاھي. ڪنوار ايندي تہ پوٽا پوٽيون بہ ايندا. گھر ۾ رونق اچي ويندي. ھن عمر ۾ وڏڙن کي اھڙائي جيئرا جاڳندا راندڪا کپندا آھن جن سان ھو وندريا رھن.

اُن رات سيني تي وي تي خاص پروگرام ويني ڏٺو. پروگرام پورو ٿيو تہ شيام لال لڇمڻ جي شاديءَ بابت ڳالھ ڪڍي. پٽ طرف نھاري اُڪير وچان چيائينس، 'پٽ، دڪان جو ڪاروبار تہ تون بخوبيءَ سنڀالي ويو آھين، ھينئر گھر جون جوابداريون بہ پاڻ تي ھموار ڪر ۽ اسان کي اِن جھنجھٽ کان آجو ڪر.'

لڇمڻ ڪو جواب نہ ڏنو ماٺ ڪري ويٺو رھيو.

'تنھنجي شادي ٿي وڃي تہ گھر جون جوابداريون ڪنوار کي سونپي اسين بي اونا ٿي وڃون. توکي ڪا ڇوڪري نظر ۾ ھجي تہ ٻڌاءِ نہ تہ اسين ڳولھيون.'

ڳالھ لڇمڻ جي دل وڻان شروع ٿي ھئي. ھو پاڻ ئي اھڙو موقعو ڳولھي رھيو ھو. ٻاھريون ٻنو رکي چيائين، 'ايتري تکڙ ڇو ٿا ڪريو. اجا ايڏو وڏو تہ نہ ٿيو آھيان.'

'ٽيويھ ورھيہ عمر گھٽ ڪانھي. اِھا شاديءَ لائق عمر آھي.'

لڇمڻ سوچيو ھيءُ ئي صحيح موقعو آھي. ڊئڊيءَ ۽ ممي‌ءَ کي پنھنجي دل جي ڳالھ ٻڌائي تہ کيس فلاڻي ڇوڪري پسند آھي. ھو اُن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاھي. ليڪن ايترو ٻڌائڻ ۾ ھن ٿورو وقت لڳايو. آخر پنھنجي ڳالھ چيائين.

'ڊئڊي، مون ھڪ ڇوڪري پسند ڪئي آھي. ھن بہ مون کي پسند ڪيو آھي. عامل ڇوڪري آھي!'

ويئون. جنهن وقت روڊ لائيٽون ٻريون ته جرڪندڙ هيرن جو نيڪليس پئي لڳو. موٽرن جي هيڊ لائيٽس ائين پئي محسوس ٿي ڳويا روشنيءَ جو جهرڻو وهندو هجي.

آڪٽوبر جو مهنو، موسم بيحد خوشگوار هئي- نه ڳرمي نه سردي!

هئنگنگ ڳارڊن اندر هڪ اهڙي ڪنڊ آهي، جنهنکي 'لورس ڪارنر' چون. اُتي ڪيترا پريمي جوڙا نريئه 'پريم جا پيچ' پائيندا آهن. هرڪو جوڙو پنهنجيءَ مستيءَ ۾ پورو هوندو آهي. ڪين ٻين سان پريوجن ئي ڪين هوندو آهي. هرڪو جوڙو پتنگ ءُ ڏور ٻڻجي آڪاش ۾ پيو اُڏامندو آهي.

لڇمڻ ءُ سونل پهرين هبڪيا، پوءِ هڪ ڪنڊ ڪان وڃي وينا. ٻئي ايترو قريب ٿي وينا جو سندن ڳوڏا ٻه پاڻ ۾ ملي ويا. لڇمڻ سونوءَ جو هڪ هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي پنهنجيءَ ڳود ۾ رکي ڇڏيو. ڳالهين ۾ ايترو کوهجي ويا جو وقت جي سمک ئي ڪانه رهين. لڇمڻ ڳالهائي ته سونو ڏيان سان ٻڌي. سونو ڳالهائي ته لڇمڻ ٻڌڻ سان ڳڏ مڳڏ نگاهن سان ڪيس گهوريندو به رهي. قلوازيءَ اندر جيئن بند مکڙي ٽڙي گل ٻڻجي پوندو آهي، اهڙيءَ طرح هن لورس ڪارنر اندر وبهي سونو پڻ ٽڙي پيئي هئي. هلڪن جهونڪن تي سندس وار باربار منهن تي پکڙجي ٿي ويا جنهن کي هن هٿ سان پري پئي هٽايو. لڇمڻ سونوءَ جي هٿ کي هلڪو زور ڏيندي چيو، 'مون کي اجازت ملي چڪي آهي. تون جڏهن چاهين منهنجا پئرنس تنهنجي گهر اچن.'

'ايندڙ سنڊي ٺيک ٿيندو. اڄ ماسيءَ سان به ڳالهه ڪيندس. اُن ڏينهن هوبه اچن ته سٺو ٿيندو.'

'تون مون کي اُنهن ڪان نه پاس ڪراءِ.' لڇمڻ چرچو ڪندي چيو.

'توکي مون پسند ڪيو آهي، اِهو ڪافي آهي. هو صرف اُن پسندڳي تي رضا منديءَ جي مُهر هڻندا.'

'هنن ڪنهن سبب پسند نه ڪيو ته؟'

هار پوئي گهر جي دوار مٿان ٽنگي ڇڏيو هوا
شيام لال کي ياد آيا اُهي لفظ جيڪي ڪامني ديديءَ وداعيءَ وقت موھڻيءَ کي چيا هئا: ڇوڪري! مهربانيون مڃ هن نوجوان جون جنهن تنهنجو هٿ جهليو آهي. ڏسج متان تون ڪڏهن ڪيس دوکو ڏين!...

مائٽن وٽان خاطري ملڻ بعد لڇمڻ سونوءَ سان پڪ ڪرڻ خاطر ڪيس بمبئيءَ وٺي ويو. اُتي هن نويڪلائيءَ ۾ سڀ ڳالهيون طئہ ڪرڻ پئي چاهيون.
سونوءَ ماسيءَ وٽ وڃڻ جي موڪل ورتي هئي جيڪا ڪولابا ۾ رهندي هئي. بمبئيءَ پهچي هن ماسيءَ کي فون تي ٻڌايو تہ هوءَ هڪ ساهڙيءَ سان ميٽرو ۾ پڪچر ڏسڻ پئي وڃي. رات جو ڏهين بجي هوءَ سندن گهر پهچي ويندي. سونوءَ جي ماسات ريٽو هن جي همراز هئي.
ٽين ڪان ڇهين بجي تائين هنن ٻنهي ميٽرو ۾ فلم ڏٺي. اُتان ٽئڪسي ڪري سڌو هئنگنگ گارڊن پهتا. گارڊن ۾ هميشه جيان ڇهل پهل هئي.
سج لڙي سمنڊ ڪناري وڃي ويٺو هو. هو شايد سوچي رهيو هو تہ ڪپڙا لاهي ساگر اندر گهڙي يا ڪپڙن سميت ئي ٽپي پوي؟
سج جي ان ٻڏتر کي ڪناري وٽان ڪيترا ماڻهو ڏيان سان ڏسي رهيا هئا. ائين جيئن ڪا سهڻي عورت وهنجڻي پائي سمنڊ سنان ڪندي آهي ۽ ماڻهو هن کي گهوري ڏسندا آهن.
ملبار هل تي گارڊن ويجهوئي 'ناز' نالي واري ايرانيءَ جي ريسٽارنٽ آهي. اُن جي مٿئين فلور تي کليل آڪاش هيٺان هڪ ميز تي، ٻئي آمهون سامهون وڃي ويٺا. ڪرسيون چار پيل هيون پر هيءَ ٻئي اڪيلا ويٺا هئا. نظرن سامهون چوپاٽي ۽ وشال عربي سمنڊ هو، جنهن مٿان، پريان، ابڪڙ ٻيڪڙ ٻتيلا لڏندا لمندا نظر پئي آيا. سمنڊ جون لهرون سانت هيون. اُنهن کو شور نہ ٿي ڪيو. ماڻهو ڪناري تي ٽهليا پئي، هيٺرو مٿان اُهي ڇامڙا پئي نظر آيا. پڪي روڊ تان موٽرون ڊوڙنديون پئي

’ائين نہ ڪر، صرف هڪ چمي!‘...

’تون ڇا پيئنديئن؟‘
’تون ڇا ٿو گهرائين؟‘
’مان ڪنگ فشر بيئر ٿو گهرايان!‘
’منهنجي لاءِ ڪا بہ سافٽ ڊرنڪ گهراءِ.‘
’جيڪا تون چوين.‘
’ٿمس اپ هلندي.‘
بئرو آرڊر وٺي هليو ويو.
’هنيمون لاءِ ڪٿي هلبو؟‘
’ٽڪر کھڙي آهي، پوءِ سوچي وٺبو.‘
’ڀلا شاديءَ جي تاريخ؟‘
’اُها مائٽن کان پڇي طئہ ڪبي.‘
’منهنجي مرضي نومبر يا ڊسمبر ۾ شادي ڪرڻ تي آهي.‘
’انهن مهنن ۾ تہ هل اسٽيشن تي برف پوندي آهي.‘
’مسوريءَ ۾ گهٽ پوندي آهي. سيءُ پوندو آهي پر اُهو وڻندڙ هوندو آهي. مسوريءَ کي پهاڙن جي راڻي چوندا آهن. پهاڙن جي راڻي ۽ منهنجي راڻي، مان ٻنهي راڻين کي ماڻيندس!‘ لڇمڻ بود ۾ پرجي چوندو ويو.
’تنهنجو اِهو خيال برو تہ ڪونهي پر ٿڌ لڳي ويئي تہ؟‘
’منهنجا ڀاڪر ايترا گرم هوندا جو توکي ٿڌ جو احساس ئي نہ ٿيندو.‘
’اڄ تون ڏاڍو رومانٽڪ بڻجي پيو آهين!‘ سونوءَ کلندي آکيو.
’محبوبڙيءَ سان گڏ بيئر هجي تہ اهڙيون رومانٽڪ ڳالهيون ازخود منهن مان نڪرڻ لڳنديون.‘
’ليڪن مان تہ سافٽ ڊرنڪ ويٺي سپ ڪريان. هڪ طرفو رومانس ڪيئن هلندو؟‘
’تو مون کي چمي ڪانہ ڏني. چمي ڏين ها تہ مون کان

’تنهنجا پئرنس بہ تہ مون کي ڀيريون دفعو ڏسندا. هنن مون کي پسند نہ ڪيو تہ پوءِ تون ڇا ڪندين؟‘ سونوءَ پڻ ساڳئي انداز ۾ پڇيو.

’سوال ئي نٿو اُٿي. منهنجي پسندئي هنن جي پسندگي هوندي!‘

’ايترو يقين آهي تو کي پاڻ تي؟‘

’مون کي پاڻ تي ڀروسو آهي. تون صرف منهنجي آهين، اُن ڏينهن کان جنهن ڏينهن تون ڀيريون دفعو اسان جي دڪان تي آئي هئين ۽ مون توکي ڏٺو هو!‘

’مان بہ توکي ڏسڻ، توهان جي دڪان تي ايندي هئس!‘ سونوءَ مشڪندي چيو.

’تنهنجي معني تہ فلمن جيان اسان جي دلين ۾ بہ هڪ ئي وقت پريم پرويش ڪيو هو؟‘ ونودِ ٻٽجٽندي لڇمڻ چيو.

’اُهو پريم هينئر شاديءَ جي ٻنڌن ۾ ٻڌجي گره پرويش ڪندو!‘ سونوءَ وشواس ڀرئي نوع ۾ چيو.

’اُن ۾ هينئر دير نہ پوڻ نہ گهرجي.‘

’بلڪل نہ پوندي!‘

’بلڪل پڪ؟‘

لڇمڻ ٿورو هيٺ جهڪندي چيو، ’يلا پنهنجو منهن تہ مون طرف ڪر، توکي هڪ چمي ڏيئي پوري پڪ ڪريون!‘

’پري ٿيءُ، لوڪ وينا ڏسن!‘

’لوڪن جو فڪر نہ ڪر. جڏهن اسين ئي ڪين ڪونہ ٿا ڏسون تہ هو ڇو ڏسندا؟‘

’تڏهن بہ اِهو ٺيڪ نہ آهي. لوڪ ٻوڪ آهي، ڪجهہ بہ چوندو‘

’ڪير ڪجهہ بہ نہ چوندو. اڳي چوندا هئا تہ لوڪ آهي ٻوڪ. هيءُ نئون زمانو آهي، ڪير ڪجهہ نہ چوندو.‘

’تہ بہ پاڻ کي روڪ.‘

ڪوڙو سچ
باب اٺويهون

شاديءَ واري رات لڇمڻ ڏاڍو وياڪل هو. اُلهاسنگر ۾ بي هرڪا ترقي ٿي هئي، وڏيون وڏيون عمارتون ٺهيون هيون، وڏا رستا، وڏيون بازاريون هيون ليڪن وقت جي پرواهه ڪنهنکي بہ نہ هئي. شاديءَ جي رسيپشن اٺين بجي هوندي پر گهوٽ ڪنوار ڏهين بجي ايندا. مهمان اُن کان بہ پوءِ ايندا. اِئين رات جو هڪ وڄي ويندو. پوءِ گهر ۾ ساٿ سڳن ٿيندا. ائين پرڀات ٿي ويندي. مهمانن جي اکين ۾ ننڊ جا گهيرٽ هوندا ۽ گهوٽ ڪنوار سهاڳ رات جي سپنن ۾ ڪوهيل هوندا.

سهاڳ رات خاطر ئي تہ هيءُ سمورو ڪرڪسو هو، ايترو صبر هو. اِن رات خاطر ئي تہ هو ننڊن مان وڏا ٿيا هئا. جنهن سهاڳ رات خاطر شادي ڪيائون اُها نہ ملهايائون تہ باقي شادي ڇو ڪيائون؟ پوءِ صبح جو ناريل ڪيئن ڀڃبو؟ ناريل نہ ڀڳو تہ گهوٽ کي مهٺو ملندو. ڇو يائي ڇا ٿيو، ناريل ڇونہ ڀڳو. سڀ ٺيڪ تہ آهي نہ؟ گهوٽ ڪهڙو جواب ڏئي؟ جي سهاڳ رات نہ ملهائي هوندائين تہ پڪ ئي پڪ ڪنوار کي ايم سي وارا ڏينهن هوندا. ٿي سگهي ٿو گهوٽ ۾ ئي ڪا خامي هجي! هڪ ڳالهہ ۾ زال مُني، ٻيءَ ۾ مڙس! جڳ کي مڙيوئي ٽيو تماشو ڪرڻو. سڄي شهر ۾ ڊنڍورو گهمائي ايندا تہ فلاڻي سهاڳ رات ڪانہ ملهائي!

ليڪن لڇمڻ ۽ سونل لاءِ ڪو مسئلو ڪونہ هو. هو ٻئي هر وجهہ کان تندرست ۽ فٽ هئا. آل لائين ڪليئر هئي. ٽرين ٽنيل اندران وڃي ڇاهي جبل چڙهي، انجڻ مضبوط ۽ گرم هئي!

گهوٽ ڪنوار جي اکين ۾ سهاڳ رات جا مٺر سپنا هئا. ٻنهي ڇاهيو پئي تہ هيءُ ساٿ سڳڻ جلد پورا ٿين، مهمان

وڏيڪ رومانٽڪ هجين ها!‘

’مان ڪولڊ آهيان يا هاٽ، اِن جي خبر توکي پوءِ پوندي. فلحال هنان اُٿ تہ هلون، مون کي ڪولابا پهچڻو آهي.‘

’تون فڪر نہ ڪر جاني! تون چاهين تہ مان توکي ڪولابا تائين هنج ۾ کڻي پهچائي اچان.‘

سونوءَ کان منڙو ٺهڪڙو نڪري ويو. اُهو ٺهڪڙو بيئر کان بہ وڌيڪ خمارينڊڙ هو!...

شاديءَ جي ٽئين ڏينهن جڏهن روپا ڏيئُ ۽ ناني ڪشور پنهنجي گهر ويا ته شيام لال ڏيءَ کي جهجهو ئي لاڳ ڏنو. آخر ته هڪ ئي ڏيئُ هئي. هن جو به ته حق هو. ايستائين ته ٺيڪ هو مگر جڏهن شاديءَ ۾ مهمان ٻڌجي آيل ڪامنيءَ کي به شيام لال اهڙي نموني نوازيو ته لڇمڻ آپي مان نڪري ويو. پر جيئن ته هو هنيمون لاءِ مسوريءَ وڃي رهيو هو تنهن ڪري اُن وقت صبر ڪري ويو. پوءِ جيئن ئي هنيمون تان موٽيو ته پيئُ سان اُلجهي پيو.

’ڊئڊي، توهان ڪامنيءَ کي روپا جي شاديءَ ۾ به ڪوٽ ڏني هئي، منهنجي شاديءَ ۾ به گهرايو، اِهو سوچڻ بنا ته ڪٿي هوءَ ۽ ڪٿي اسين. منهنجن ساهرن مان ڪنهن پڇيو به ته اِها عورت ڪير هئي، توهان جي ڪير پئي لڳي جنهن جي اوهان ايتري خاطرداري پئي ڪئي؟ مان اُنهن کي ڪيئن ٻڌايان ته اِها عورت بمبئيءَ جي هڪ وئشيا هئي جنهن کي منهنجي پيئُ پنهنجي ڀيڻ ٺاهيو آهي! اُن مٿان اوهان ڪيس هيتريون سوکڙيون ۽ لاڳ ڏنو. آخر ڪهڙي حساب سان اوهان مٿس ايترو ڏن لٽايو؟‘

الائي ته ڪيئن شيام لال پٽ جا اِهي ويڻ برداشت ڪري ويو. سندس حالت اهڙي ٿي ويئي گويا هو قتل ڪيل مقتول هو! سندس پنهنجو پٽ ڪنهن ڏينهن ڪامني ديديءَ لاءِ اهڙي ڳالھ چوندو، اِهو هن سپني ۾ به ڪين سوچيو هو.

جڳ جهان کي خبر هئي ته ڪامني سندس ڌرم جي ڀيڻ هئي ۽ هن ڪامني ديديءَ جي حق ۾ پاءُ جا سمورا فرض نڀايا هئا. سندس پيئُ ۽ ماءُ به هن جو آدر ڪندا هئا. خود لڇمڻ به اِن ڳالھ کان واقف هو. ليڪن نئين ٽهيءَ جا هيءُ جوان ۽ سندس هيءُ نادان پٽ پوتر رشتي جي اهميت کان منڪر ٿيندي، آپي مان نڪري ڪجھ به چئي رهيو آهي!

هنن کي ڪهڙي خبر ته ورهاڱي وقت عورتن سان ڪهڙا ظلم ۽ اتياچار ٿيا هئا. هزارين بي گناهه استريون ڀڄايون ويئون جن مان تمام ٿوريون هٿ ڪيون ويئون هيون. اُنهن مان به

موڪلائي روانا ٿين، ۽ پوءِ هو پنهنجي سجايل ڪمري ۾ وڃي قابو ٿين. سندن ڪمرو نويڪلو هو جنهنکي تازن گلن سان سجايو ويو هو.

’اڄ مان بلڪل آزاد آهيان. اڄ تون مونکي ڪنهن بہ بهاني روڪي نہ سگهنديئن!‘ لڇمڻ سونل کي ڀاڪر پائيندي سندس گهوگهٽ هٽائي ڇڏيو.

سونل منهن مان ڪجھ نہ چيو. مرڪندي اکين رستي پڇيائين: ’ڇا جي آزادي؟‘

’اڄ مان توکي هنج ۾ کڻي ڇمندس. بلاشڪ تہ هيءُ چنڊ دريءَ مان ليئا پائي ڏسندو رهي، مان توکي ڇمندو ئي رهندس!‘

نووَرني ڪنوار، سونل، سهاڳ رات ويلي گهوٽ کي کهڙي وراٽي ڏئي؟ هن صرف نيڻ کڻي گهوٽ راجا طرف نهاريو ۽ چپن تي مشڪ آڻي، ڪيس ڇمڻ جي اجازت ڏنائين!

’توکي سڌ آهي تہ ڪرشن ڀڳوان راس ليلا ڪئي هئي، پنهنجي گوپين سان! اڄ مان پريم ليلا رچائيندس، پنهنجي پريتما سونل سان! ڏاڍو لطف ايندو. گهوٽ ڪنوار سهاڳ رات ملهائيندا ۽ صبح جو ناريل ڀڃندوا!‘

لڇمڻ منڙو ٺڪڙو ٻڌو.

’تنهنجي وات ۾ گهنگهرو پيل آهن جي هينئر وڳا!‘

سونوءَ وري کليو. وري گهنگهرو وڳا. هن پنهنجون ٻئي ٻانهون ور جي ڳلي ۾ وجهي ٻاڪ کي ڍلو ڇڏي ڏنو.

سهاڳ رات تمام ننڍي هئي. جلد پوري ٿي ويئي. ليڪن ٻيون راتيون ايتريون ننڍيون نہ گذريون. هنيمون واريون راتيون نہ اڃا بہ لنبيون هيون جيتوڻيڪ اُهي بلڪل سرد راتيون هيون!

شادي نہ ڌام ڌوم سان ٿي هئي، ڪنهن ڳالھ ۾ ڪنجوسائي ڪانہ ڪئي ويئي هئي، پوءِ بہ هڪ وڳهن پئجي ويو جنهن اڳتي هلي اُگرو روپ ڌارڻ ڪري ورتو.

آهي. بمبئيءَ ۾ فساد ٿيا، جنهن ۾ ڪشور جي لکن جي اوڌر ٻڏي ويئي. هن جا گراهڪ بيڪرين وارا مسلمان هئا جي راتو رات بمبئي ڇڏي ڀڄي ويا. وڏو نقصان پيس. مل وارن ٻيو مال تڏهن ڏنو ڪو جڏهن پهرين رقم چڪائي وڃي. پهريون رقمون ڪيئن چڪائجن جڏهن ته ڏيڻ وارائي لاپته هئا.

هڪ ڌڪ ٻيو لڳس جڏهن سندس هڪ مائٽ بزار مان اوڌر اُڳاڙي رقم کڻي رفو چڪر ٿي ويو. جيستائين ڪيس هٿ ڪيو وڃي تيستائين هن سموري اُڳاڙي ريس ۾ هارائي ڇڏي.

ڪشور ايماندار نوجوان هو. سوچيائين مل وارن جي اوڌر نه چڪائڻي ئي پوندي نه ته ڪارپٽ هلي ويندي. اِهو سوچي هو پريشان رهڻ لڳو. مڙس پريشان هجي ته زال سک سان ڪيئن سمهندي؟

روپا پنهنجا سمورا زيور لاهي مڙس جي حوالي ڪيا. لکن جي قرض سامهون اِهي زيور ڪجھ به نه هئا، ليڪن مڙس کي زال جي اِها قرباني وڻي!

ڪشور سوچيو اڄ ڪالھ جون زالون ڪٿي ٿيون هڪ منڊي به ڇيچ مان لاهي ڏين!...

ڏيڍ ء نانيءَ کي مشڪلاتن ۾ ڏسي شيام لال چنتا ۾ پئجي ويو. نانيءَ کي ٻئي ڪنهن ڏنڏي ڪرڻ جي صلاح ڏنائين جنهن ۾ موڙيءَ جي سيڙپ گهٽ هئي. اُن لاءِ هن ڪيس لک کن رپيا قرض طور به ڏنا.

ٻڏندڙ کي ڪک جو سهارو ٿي مليو مگر ڪشور کي اِهو سوهائيندو نه پئي لڳو ته سهري کان مدد وٺي نئون ڌنڌو شروع ڪري. جڏهن روپا سمجهايس ته ڏکئي وقت ۾ ننڍن تي هٿ رکڻ وڏن جو فرض هو تڏهن وڃي ڪشور همٿ ٻڌي ءِ سهري جي ڏنل رقم مان نئون ڪاروبار شروع ڪيائين. ڪيس نئون ڪاروبار جمائڻ ۾ ٿوري دقت ٿي ليڪن آهستي آهستي هو اُن ڌنڌي ۾ پير جمائيندو ويو.

هن وقت تائين اُلهاسنگر شهر ۾ ڪافي تبديليون اچي ويئون

ڪيترين کي سندن مائٽن قبول نہ ڪيو ڇو تہ اُنهن اڀلائن کي ڪوبہ پرش سويڪار ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو!

اِتهاس ۾ اهڙين نارين کي ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ياد ڪيو ويندو، اِهو اڃا ڏسڻو هو.

شيام لال سوچيو جيڪو پٽ ڪامني ديديءَ لاءِ اهڙا اڻ وڻندڙ لفظ چئي سگهيو هو، سڀاڻي اُهو پنهنجيءَ ماءُ لاءِ بہ ڪجھ چئي سگهي ٿو. تنهن وقت هو اِهو ٻڌي سگهندو؟ جوش وچان هو پاڻ ڀلائي نہ ويهندو؟ اُن حالت ۾ هو ڪجھ ڪري وجهي تہ؟

سر چڪرائڻ لڳس. سمجھ جون سموريون تاڪيون لاڪپ ٿي ويس. اُنهن تاڪين کي کولڻ جي منجهس طاقت ڪانہ رهي!

جيئن تيئن وقت ۽ ورهيہ گذرندا ويا. ليڪن شيام لال جي سيني وارو گهاءُ نہ ڀريو جيڪو پٽس لڇمڻ ڪيو هو.

اُن زخم تي مرهم رکيو سندس پوٽي راهول!

ڦهريائين پوٽي راهول جي ڇٺي انوکي نموني ملهائي ويئي. پاڙي اوڙي مان سؤ کان وڌيڪ ٻارن کي گهر گهرائي کين رانديڪا ڏنا ويا. ٿول ڪارايو ويو ۽ ٻوتلون پياريون ويئون.

ڦهريون ٻار پٽ ڄمي تہ مائٽن کي خوشي ٿيندي آهي. سونل ۽ لڇمڻ بيحد خوش هئا. ڏاڏو ۽ ڏاڏي اُنهن کان بہ وڌيڪ خوش ٿيا.

روپا گريوتي هئي. مڙس سان گڏ آئي هئي، سوبل ٿي هلي ويئي. موهنيءَ ڏيءُ کي منائيءَ ۽ ميوي سان گڏ هڪ هزار روڪ پڻ ڏنا.

راهول ڇئن سالن جو ٿيو تہ ڪيس ڪي جي ۾ داخلا ڪرايو ويو. روپا جي ڌيءُ پرينڪا راهول کان مهنو ننڍي هئي. اُها بہ ساڳي سال ڪي جي ۾ داخل ڪرائي ويئي.

وقت وڏي وِٿ آهي. ڪڏهن رخ بدلائيندو خبر ڪانہ پوندي

اڳتي هلي هن خاندان مان هنن ٻنهي وڏن سؤٽن کان ٻه وڏيڪ مشهور ٿيو. سندن ٿيون ۽ ننڍو سؤٽ سريش ڪالاڻي جيڪو پپو ڪالاڻي نالي سان سڃاتو ويو. هو وڏي جگر ۽ گردي وارو نوجوان هو. سندس همٿ ۽ دٻدٻي جو اِهو عالم هو جو ڪو ڳڙو ڳنجو چاهي ڳڙنگ بدمعاش نگر ۾ داداگيري ڪندو هو يا ڪنهنکي تنگ ڪندو هو ته وڃي ڳچڙ کان جهليندو هوس. ٺڻ مڻ ڪندو هو ته موڇڙن هيٺان ۾ ٻه ويرم نه وجهندو هو. ڪاليجي ڏينهن کان ئي هو اهڙو بي ڊپو ۽ بهادر هو.

ڪاليج ۾ پڙهندو هو ته ترڙا ۽ مغرور شاگرد سندس پاسي کان ٻه ڪين لنگهندا هئا. ڊپ هوندو هون ته متان ڳچڙ کان جهلي ٻه چماٽون نه هڻي ڪڍي. جيڪي چلوليون ڇوڪريون هونديون هيون ۽ ڇوڪرن جي پنيان لڙ لڙ پيئون ڪنديون هيون، اُنهن کي اهڙي ڪرڙي اک ڏيکاريندو هو جو ڏڪي سڌيون ٿي ويندون هيون. اِنهن ڏهڪاٽل ڇوڪرين ۾ ڪي اهڙيون ٻه هيون جي ساڻس رستو رکڻ چاهينديون هيون. ليڪن هو اهڙو نرموهي هو جو ڪنهن ڏانهن اک کڻي ٻه ڪين نهاريندو هو.

نگرواسي پپو ڪالاڻيءَ جي ساراهه مان ڍاپندائي نه هئا. مس مس ڪين هڪ مظبوط ۽ همٿ وارو نوجوان نظر آيو هو جيڪو چورن، ٺڳن ۽ داداگيرن لاءِ ڪال سمان هو.

جڏهن سيتل هرچنداڻي ايم ايل اي جو پهريون ٽرم پورو ڪيو ۽ ٻئي ٽرم لاءِ بيهڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو ته سندس سامهون پپو ڪالاڻي ميدان ۾ لٿو اسيمبليءَ لاءِ ٻه ته ميونسپل ميمبريءَ لاءِ پڻ!

اِها ٻئي لڙائي پپو ڪالاڻيءَ ڪٽي ورتي ڪانگريس پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي. اِها ڄڻ ته نگرواسين جي جيت هئي ڇو ته هنن پپو ڪالاڻيءَ کي چاهيو ٿي اِن ڪري ڪيس چونڊن ۾ تمام گهڻن ووٽن سان سوپارو ڪيائون!

اُلهاسنگرواسين هڪ دفعو تڏهن ايڪتا ڏيکاري هئي جڏهن ڀارت جو پهريون ۽ آخري گورنر جنرل شري راجگوپال آچاريه

هيون. واپار ايترو وڌي ويو جو ماڻهو لکاپتيءَ مان ڪروڙپتي بڻجي ويا. مشڪل سان ڪي بئرڪون بچيون هيون نہ تہ هر هنڌ، هرجاءِ بئرڪن جي جاءِ تي بلڊنگون کڙيون تي ويئون هيون. اڳ جيڪو مال بمبئيءَ مان گهرايو ويندو هو، اُن مال جا بڌا دڪان کلي ويا هئا. اڳ ايڪڙ ٻيڪڙ سونارا هئا، هينئر جواهري بزار هئي. فرنيچر بزار هئي. ڇپائي بزار هئي ۽ پريسن جي بہ بزار هئي. آس پاس جي ڳوٺن ۽ شهرن مان ماڻهو خريداري لاءِ اُلهاسنگر اچڻ لڳا هئا. موڪل واري ڏينهن تہ بزار ۾ هلڻ جي جاءِ ڪانہ هوندي هئي. هڪ بزار اهڙي هئي، گجانند مارڪيٽ، جتي ولائتي مال ملندو هو. اُن بزار ۾ ماڻهن جي پيهہ وڏيڪ هئي.

واپار وڌيو تہ ماڻهن وٽ پئسو بہ وڌيو. دڪانن ۽ زمينن جا اگهہ چوٽ چڙهي ويا. جن پلاٽ والاريا هئا اُهي لکاپتي بڻجي ويا. جتي ڳڙ تتي مکيون بہ ضرور مڙن. ماڻهن وٽ ڌن وڌيو تہ ڌاڙيلن جي بہ ٻيگهي متي. روز چوريون، روز ڌاڙا. تنهن سان گڏ نوان نوان ڏوهہ ۽ خونا ڪيترا پاتاربدار پيدا ٿي ويا جي شاهوڪارن ۽ بلڊرن ڪان هفتو وصول ڪرڻ لڳا. اِن لوٽ مار ۽ خونن سبب نگرواسي هيسيل ۽ گهبرايل هئا. پوليس چست هئي ليڪن چور وڏيڪ چالاڪ هئا!

اُلهاسنگر ۾ جن ماڻهن جو دبدبو هو اُنهن ۾ ڪالاڻي ڪٽنب مشهور هو. شهيد هيمون ڪالاڻي جا وارث هيءَ ساڪرو ٻين جي پيٽ ۾ البت دل ۽ جگر وارا هئا. پرسرام ڪالاڻي ۽ دنيچند ڪالاڻي پنهنجي نالي سان هئا. ميونسپل چونڊن ۾ کٽي ايندا هئا ۽ نگر جي بهبودي لاءِ ڪوششون ڪندا هئا.

ڪالاڻي ڪٽنب ڪانگريس جو سمرٿڪ هو. هو سمجهي ويا هئا تہ ملڪ تي ۽ بمبئي اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس جو راڄ هو تنهن ڪري اُنهن سان ٿي هلڻ ۾ ئي فائدو هو. ۽ هنن فائدو ورتو بہ. ٻئي سؤٽ لکر جا نرماتا هئا. سندن وسڪي، رم ۽ برانڊي سڄي مهاراشٽرا ۾ مشهور هئي.

جڏهن شريمتي اندرا گانڌي ڀارت جي پرڌان منتري هئي تہ هن جي رضامنديءَ سان سنڌي ٻوليءَ کي وڌان جي اٺين شيڊول ۾ درج ڪيو ويو هو جنهن لاءِ سنڌي ليکڪن ۽ ودوانن ڪافي سالن تائين سنگهرش ۽ بک هڙتالون ڪيون هيون!

شيام لال پنهنجي پتا جي متر ماڌو داس سان ملڻ گيتا پريس ۾ ويندو هو تہ سندس پٺيان ٽنگيل تصوير ۾ شريمتي اندرا گانڌي سنڌين سان گڏ بيٺل نظر ايندي هئي!

اُلهاسنگر جنهنکي سنڌين سنڌونگر ڪوٺڻ شروع ڪيو هو، ڪلچرل طور گهڻو اڳتي نہ وڌيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻالڪن جي ٻاريءَ وارا پروگرام ڪندا هئا تہ ماڻهو اُهو شوق سان ڏسڻ ويندا هئا. پوءِ ڪاليجن ۾ بہ ننڍا ننڍا ناٽڪ ۽ سنگيت پروگرام ٿيڻ لڳا. سنڌو يوٿ سرڪل جا نوجوان ڪاريہ ڪرتا سال ۾ هڪ دفعو ناٽڪ ڏيکارڻ سان گڏ ساليانو رسالو پڻ ڪڍڻ لڳا. مشاعرا، ادبي بئٺڪون ۽ سيمينار بہ ٿيڻ لڳا. ليڪن اِهو ائين هو جيئن اٽي ۾ لوڻ يا مٽ ۾ هڪ ٻہ بوند پاڻي پيل هجي!

ليڪن نگرواسين کي گهڻا سال اڳ ارجن شاد ۽ ڪن ٻين ليکڪن جي سهڪار سان ڪوٺايل سيمينار ۽ مشاعري سان گڏ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا وارن جي ڀڀڪدار سميلن جي اڃا يادگيري هئي جنهن ۾ سڄي ڀارت مان پنج هزار ڊيليگيٽ شامل ٿيا هئا. اُن سميلن جو پريزيڊنٽ ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ سيڪريٽري موهن ڪلپنا هو. سميلن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ اُلهاسنگر واسين جي هڪ آجيان ڪاميٽي ٺاهي وئي هئي جنهنجو صدر سلامتراءِ پرسواڻي کي بڻايو ويو هو. نائب صدر پرسرام ڪالاڻي، نوتنداس خوبچنداڻي ۽ دنيچند ڪالاڻي هئا.

پرسرام ڪالاڻي سميلن جي خرچ لاءِ هڪ ئي ٽڪ مان منو لک رپيا گڏ ڪيا هئا. ڪلچرل ڪاميٽيءَ جو صدر دنيچند ڪالاڻي هو جنهن پاڻ پتوڙي پروگرام کي ڪامياب بڻايو هو.

جيئن تہ سميلن جي ڪاميابيءَ سان نگر جو سؤمان جڙيل

ڪئمپ ۾ اُلهاسنگر نالي جو پٿر رکڻ آيو هو. سنڌين يڪمشت تي اعتراض ورتو هو ۽ ڊمانڊ ڪئي هئي تہ نگر جو نالو 'سنڌو نگر' رکيو وڃي. سنڌين مظاهرا ڪيا، پوليس جون لٺيون کاڌيون، پوءِ بہ سنڌونگر نالو منظور نہ ڪيو ويو.

سنڌين ہي ہڏي تڏهن ڏيکاري جڏهن اُلهاس ميونسپالٽيءَ کي ڪلياڻ ڪارپوريشن ۾ ملائڻ جي پڌرائي ڪئي ويئي. سنڌونگرواسين اُن جو سخت وروڌ ڪيو ۽ اُن ۾ سوڀ حاصل ڪيائون.

اُلهاسنگر ميونسپل جون پهريون چونڊون ١٩٦۴ع ۾ ٿيون هيون جنهن ۾ قومي پارٽيءَ ٢٢ جڳهيون کٽيون هيون جن ۾ ١٢ سيٽون جن سنگھ ۽ آزاد اُميدوار طور مزورن جي اڳوان سلامتراءِ پرسواڻيءَ کٽيو هو. هائوس جو پريزيڊنٽ جن سنگھ جو اُميدوار پرهلاد آڏواڻي بڻيو هو.

ميونسپل چونڊن ۾ ڪالاڻي سؤٽ بہ سوڀارا ٿيا هئا. اُن وقت جنتا پارٽيءَ جو راڄ هو جنهن ۾ ڪيتريون قومي پارٽيون شامل هيون. ڀارت سرڪار ۾ لال ڪرشن آڏواڻي پڻ شامل هئو.

١٩٨٦ع ۾ ميونسپل جيُ جنرل باڊيءَ جو ميڙ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ هائوس جي اڳوان سلامت پرسواڻيءَ اُلهاسنگر ميونسپل جو اڳيون وجود قائم رکڻ جي تجويز پيش ڪئي جنهنکي ڪانگريس ۽ ڀارتيہ جنتا پارٽيءَ جي ميمبرن ٽيڪو ڏيئي ڪلياڻ ڪارپوريشن جي گود ۾ وڃڻ کان بچائي ورتو.

اُن وقت سچ پچ تہ اُلهاسنگر تي سنڌين جو راڄ هو. اسيمبليءَ جو چونڊيل ميمبر بہ سنڌي هو تہ ميونسپل جو پريزيڊنٽ بہ سنڌي هو - پپو ڪالاڻي!

جڏهن پريزيڊنٽ جي چونڊ ٿي تہ پپو ڪالاڻيءَ کي ڪانگريس جي ميمبرن جا ٣٨ ئي ووٽ مليا هئا. وائيس پريزيڊنٽ گوپ ڀهراڻي ۽ ميونسپل اسڪول بورڊ جو چيئرمن دنيچند ڪالاڻي مقرر ٿيو هو. دنيچند ڪالاڻيءَ شخصي ڪوشش وٺي شريمتي اندرا گانڌيءَ ٻي پهريون دفعو اُلهاسنگر آندو هو جتي ڪيس شاندار آجياڻو ڏنو ويو هو.

ڪوڙو سچ

باب ويهون

لڇمڻ من ئي من فيصلو ڪيو تہ هو ڏڏيءَ کي صاف لفظن ۾ چوندو تہ هن نموني بنا هن کان پڇڻ يا صلاح ڪرڻ جي نانيءَ کي ايڏي وڏي رقم ڏيڻ جي هو خلاف هو. ڪشور کي اگر نقصان پيو آهي تہ اهو سندن ڏوهہ نہ آهي. ڏنڌي واپار ۾ اهڙا لاها چاڙها ايندائي رهندا آهن. اُن لاءِ هن کي ئي منهن ڏيڻو آهي. ٻئي جي مدد تي ڀاڙڻ خاص طور ساهرن تي اِهو مناسب نہ آهي.

ليڪن هو پيءُ کي ڪجهہ چئي نہ سگهيو. هن پنهنجي ليگل وڪيل سان صلاح ڪئي. راڄاڻي وڪيل ديواني معاملن ۾ ماهر هو. هن لڇمڻ کي صلاح ڏني تہ هو پيءُ کي اِها صلاح ڏئي تہ جيئن تہ سندس عمر وڌندي پئي وڃي تنهن ڪري هو پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي وصيعت لکي وڃي جيئن پوءِ ڪو بکيڙو کڙو نہ ٿئي. وڪيل جو اشارو سندن ناني ڪشور ڏيءُ طرف هو.

'دستاويز مان توکي تيار ڪري ڏيندس. مان ان ڳالهہ جو ڌيان رکندس تہ تنهنجي پيءُ کي ڪنهن بہ ڳالهہ تي اعتراض نہ ٿئي. مان اُن ۾ تنهنجيءَ ڀيڻ جو نالو ۽ حصو بہ درج ڪندس. تنهنجو پيءُ صحي ڪرڻ ۾ ڪابہ آناڪاني نہ ڪندو. اُن تي ماءُ جي صحي ضرور ڪرائج. پوءِ ڪم پڪو ٿي ويندو.'

شيام لال وڏي غلطي ڪئي جو بنا ڳڻ ڳوٿ، بنا ڪنهن سان صلاح مصلحت ڪرڻ جي اُن وصيعت نامي تي صحيون پاتائين. ليڪن صلاح ڪنهن سان ڪري؟ ڇا لاءِ ڪري؟ هيءُ سندن گهرو معاملو هو، اُن ۾ ٻئي ڪنهنجي صلاح ڇو وٺجي؟ هن ۾ هڪ هو پاڻ هو، هڪ سندس پٽ هو، هڪ سندس زال هئي ۽ ٻي سندس نونهن هئي، اِن ۾ سوچڻ جهڙي ڳالهہ ڪهڙي هئي؟ اِنهن ۾ ڪو ڌاريو تہ هوئي ڪين. سمورو هڪ ئي تہ ڪٽنب هو. هڪ سندن ڌيءُ روپا هئي، جنهنجو حق پڻ تسليم ڪيو ويو هو. ياءُ پنهنجيءَ ڀيڻ جو حق ٽوروئي

هو، ميونسپل پريزيڊنٽ پرهلاد آڏواڻيءَ پڻ وسان ڪين گهٽايو. هر طرح جو سهڪار ڏنائين. ڪلچرل پروگرام ڏسڻ جڻ تہ سڄو نگر اُٿلي پيو هو. جنهن وقت گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪار منڊل ڀاران ڪماري ڀڳونتي ناواڻيءَ ڪرشن راهيءَ جو مشهور 'سنڌ ۽ سنڌي' سوز سان ڳائڻ شروع ڪيو تہ اُها اک ڪانہ هئي جنهن وطن جي ياد ۾ هنجون نہ هاريون هجن! ۽ جڏهن موتي پرڪاش جو لکيل قومي گيت مٽيءَ کي سون بنائڻ وارا سنڌي ڳايو ويو تہ پنجاهہ هزار سنڌي درشڪن تاڙيون وڄائي جڻ تہ تصديق ڪئي تہ واقعي سنڌي مٽيءَ مان سون بنائڻ واري جاتي هئي!

طاقت جو نشو شراب جي نشي کان بہ وڌيڪ پنوائيون ڪارائيندو آهي. جڏهن اُها هڪ هنڌ گڏ ٿي وڃي ٿي، هڪ هٿ ۾ اچي وڃي ٿي، تڏهن بہ ڳالهيون اُٽتر بڻجي وڃن ٿيون. پهرين تہ اُهي هٿ ايترا طاقتور بڻجي پون ٿا جو ڪنهنجيءَ بہ گردن تائين پهچي وڃن ٿا. طاقت جو اهڙو استعمال جڏهن نامچين يا اُنهن جي چاڙتن مٿان ٿئي ٿو تہ اُهي اِسم دشمن بڻجي پون ٿا.

اِئين پپو ڪالاڻيءَ پڻ پنهنجا ڪيترا دشمن پيدا ڪري ڇڏيا جن مان ڪن جي پهچ مٿي تائين هئي.

پي اُڊونڊز ڳالهہ آهي طاقت جو بانور! اِهو بانور اندران ئي اندران اُڏهي لڳل ڪاٺ جيان پورو ڪرڻ شروع ڪندو آهي. اُن وقت اُن شخص کي اهو پتو نہ هوندو آهي، تہ ڪيس اندران ئي اندران ڪاٽ لڳي رهيو آهي، قلعو ڪمزور ٿي رهيو آهي!

پپو ڪالاڻيءَ سان بہ ائين ئي ٿيو. هن پنهنجي طاقت جو نماءُ ڪندي پنهنجون حدون اُلهاسنگر ڪان بمبئيءَ ۽ بمبئيءَ ڪان دهليءَ تائين وڌائيندي سمجهيو تہ دهلي فتح ٿي ويئي!

اِتي ئي ڪانئس غلطي ٿي ويئي. هو سياسي شطرنج جو ڪچو کيڏاري هو. اِن راند ۾ هو مات کائي ويو!

هندواسيءَ هفتيوار ڪي يا ڪنهن مخزن ڪي موڪليندو پر موڪلڻ ۾ سستي پئي ڪيائين.

موهنيءَ اُتساهه وڏائيندي چيس، 'توهان ڪي هينئر فرصت ئي فرصت آهي. لکڻ جو شوق به اٿو ته اوهان پنهنجي آپ بيتي ڪهاڻي لکو جنهن ۾ هن نگر جي صحيح تصوير چٽيو جيئن مان به اُها پڙهي سگهان.'

'منهنجي آپ بيتي پڙهي تون اُن مان ڇا حاصل ڪنديئن؟'

'گهڻو ڪجهه حاصل ٿيندو. پاڻ بابت ۽ مون بابت اوهان ڇا ڇا لکو، اُهو به ته معلوم ٿيندو.'

'زندگيءَ جي هن شام جڏهن پڪيءَ جا پر ئي ڪچي ويا آهن، جيڪو اُڏام نٿو پري سگهي، اُن بابت ڄاڻي تون ڇا وٺينديئن؟'

'اجا ته شام آهي، جڏهن رات ٿيندي تڏهن اُن بابت سوچبو ۽ اوهان جنهن پر ڪپيل پکيءَ جي ڳالهه ڪئي، اُن جو آکيرو سلامت آهي، هو پنهنجي آکيري ۾ محفوظ آهي!'

'موهني، مون سوچيو آهي ته جيستائين رات ٿئي تيستائين مان لکندو رهان، پڙهندو رهان.'

موهنيءَ پابوهه مان پٽيءَ جو هٿ جهلي چيو، 'مون کي به ڪجهه پڙهي ٻڌايو. مان اُهو چاهه سان ٻڌنديس!'

'مان اڄ ڪالهه اُهي ڪتاب پيو پڙهان جن ۾ ورهاڱي جون دل ڪانبارينديڙ ڳالهيون لکيل آهن. اُهي پڙهان ٿو ته اکين ۾ ڪڏهن جوش ته ڪڏهن پاڻي ڀرجي ٿو اچي.'

موهنيءَ جي اکين ۾ ٽانداٽا ٽمڪڻ لڳا. مڙس جي ويجهو ٿيندي چيائين، 'هيڏانهن، مون کي به اُهي وارتائون ٻڌايو. مون ڪيتري وقت کان چاهيو پئي ته اوهان جي وطن سنڌ ۽ ورهاڱي جي ماجرا ٻڌان... اوهان جهڙي ذهين ۽ محنتي قوم، جنهن هن پڙيانگ ڪئمپ کي شاهي نگر جي صورت ۾ بدلائي ڇڏيو آهي، اُن ضرور پنهنجيءَ سنڌ کي به اهڙي نموني وسايو ۽ وڌايو هوندو.'

'اِهو بلڪل صحيح آهي. سنڌي هندن لاءِ مشهور هو ته

ماريندوا
مگر جلد ئي شيام لال کي خبر پئجي ويئي تہ هن وصيعت نامي تي صحي ڪرڻ ۾ تڪڙ ڪئي هئي. صلاح مصلحت نہ ڪري وڏي ڀُل ڪئي هئي. هن پٽ تي وشواس ڪيو هو جيڪو سندس رت هو، جنهن رت ۾ سندس اِيماندار پتا جو رت پڻ مليل هوا
سڀ ڪجهہ سماپت ٿي ويو. وشواس، رشتو، رت، پٽ، ڪٽنب، سڀ غلط سڌ ٿيو. شيام لال کي هڪ خيال آيو. سوچيائين اِهو سڌانت غلط هو، مٺيا هو تہ سپ مان هميشه موتي ئي پيدا ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سپ جي گربھ مان ڪنڪر پٿر بہ پيدا ٿيندو آهي جنهنجو ڪوبہ ملھ نہ هوندو آهي. هن سوچيو سندس پٽ لڇمڻ بہ ڪنڪر پٿر هوا...

شيام لال ۽ موهني پنهنجي پراڻيءَ گهر، بئرڪ نمبر ٧٣٣ ۾ ٿانئيڪا ٿي وينا هئا. ڪين گهڻو ڪم ڪار تہ هئو ڪين، سڄو ڏينهن ٿي وي پيا ڏسندا هئا يا پاڻ ۾ اوياريون لهواريون پيا ڪندا هئا. ٻن جيون لاءِ ٻہ وقت رسوئي تيار ڪرڻ ۾ موهنيءَ کي گهڻو وقت نہ لڳندو هو. صبح واري چانھ شيام لال پنهنجن هٿن سان ٺاهيندو هو. هڪ ڪوپ پاڻ پيئندو هو ۽ ٻيو موهنيءَ لاءِ سمهڻ واري ڪمري ۾ کڻي ويندو هو. موهني ڪر موڙي اُٿندي هئي ۽ مڙس جي چهري ۾ نهاري سندس هٿ مان چانھ جو ڪوپ وٺندي هئي. وهنجي نيرن پاڻي ڪري شيام لال پنهنجي پلاٽ تي هليو ويندو هو. پاچين ڪان سواءِ هينئر هو باغات جا وڻ ٻوٽا پوکائي رهيو هو. اهڙيءَ طرح ٻہ ٽي ڪلاڪ پلاٽ تي گذاري هو گهر موٽندو هو. ٻنپهرن جي رسوئي کائي ڪلاڪ ٻہ آرام ڪندو هو.
شيام لال هڪ نئي مشغولي بہ شروع ڪئي هئي. لکڻ پڙهڻ جي مشغولي. پڙهڻ لاءِ سنڌي ڪتاب سنڌو يوٿ سرڪل جي لائبرريءَ مان وٺي ايندو هو. پڙهڻ سان گڏ لکڻ جو شوق بہ ٿيس تہ ٻہ ٽي ڪهاڻيون لکي ورتائين. سوچيائين اِهي ڪهاڻيون

هتان هليا وڃون؟ دل ڪاڏل هئي. منهن لڳائي هڪ ڏينهن مان به کسڪي ويس.
جئپور ۾ وندر هئي. محلاتن ۽ مندرن کي ڇاهه سان ڏٺم پر الائي ڇو من ۾ ڪو چئن نه هو. سڀ سک سهنج هوندي به اندر جي آڌمن ٻاري ڇڏيو هو. ڏينهن جو اُس ۾ ويني به بدن ۾ سيات پيو پوندو هو. حياتيءَ کي ڦلواڙي ڪرڻ ضروري سمجهيم. تنل دل کي وري توپو ڏيڻ ضروري سمجهيم. ٿورا ڪپڙا ڪٺي ماٺ ميٺ ۾ ملڪ موٽي ويس....سنڌ جي سار واپس ورايو هو. هرهر شاه جون هيءُ تڪون زبان تي پئي آيون.
واجهائي وطن کي ساري ساهه ڏيان
ٻُيائي جيان جي وڃي مڙه ملير ڏي.'
سسڪي ۽ سڏڪو شيام لال ٻئي ٻڌي ورتا. موهنيءَ کي ٻراتڙي پائي چيائين، 'منڙي، هيءَ نه اجا شروعات آهي، وڌيڪ ٻڌنديئن ته ڇُلڪي پونديئن!'
'دل پرجي آئي هئي، سڏڪي پيئي. وڌيڪ سياٽي ٻڌندس، ضرور ٻڌائجو!'

'سنڌيءَ جو بزرگ ليڪ گوبند مالهي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو ته: ڀهاري مسلمان پناهگير پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ ئي سنڌ ۾ پهچي ويا هئا. پاڪستان ٿيڻ بعد گجرات ۽ يوءِ يوپي مان به مهاجر سنڌ ۾ اچڻ لڳا. هندن جي لڏ پڏاڻ پهرين ڳوٺن مان شروع ٿي. نواب شاه جي ڪليڪٽر معصود هندن جي لڏ پڏاڻ ۾ مکيه ڀومڪا ادا ڪئي. هن ظلم ڪرڻ شروع ڪيو. لٽي پٽي حالتون بلڪل خراب هيون. مهاجرن جي نيت ۾ کوٽ هو. هڪ ڏينهن صبح جو ٩ بجي ڌاري مون پنهنجي آفيس کولي مس ته هڪ قداور ۽ ڏتو متو پنجابي مسلمان منهنجي پنيان اندر هليو آيو. مان ڪرسيءَ تي ويٺس مس ته هو به ميز ٿائين وڌي آيو. اردوءَ ۾ چيائين اي مسٽر هيءُ وٺ هڪ سؤ رپيا. آفيس جو قبضو هينئر جو هينئر مون کي ڏي. الائي ڪٿان مون ۾ همٿ ۽ دريٽا اچي ويئي. چيومانس:

هو ولائت مان ڏن ڪمائي وطن واپس ورندا هئا ته پنهنجي شهر ۾ ماڙيءَ مٿان ماڙي اڏائيندا هئا. سنڌ جي هڪ ڏاهي ليکڪ جمال ابڙي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته: هندو سنڌ جي سونهن هئا. ڇا صفائيءَ ۾ ڇا سنائيءَ ۾، ڇا سونهن ۾ ڇا فئشن ۾؛ ڇا محل ماڙيون ڇا ڪاڏو پيتو؛ ڇا نياز ۽ نوڙت ۽ ڇا دان پن.

’اسپتالن ۾ بيمارن لاءِ ميون جا ٽوڪرا پرائي موڪليندا هئا. اسڪول، اسپتالون ۽ لائبرريون به هلائيندا هئا. وڏيڪ لکيو اٿائين ته ڪنهن مسلمان جي گهر ماتا پير گهمائيندي هئي ته هندو زالون اچي اوراٽا ڳائينديون هيون: ٺار ماتا ٺار، پنهنجي ٻچڙن کي ٺار!‘

موهنيءَ ٺڏو شوڪارو پريندي چيو، ’پوءِ به هنن توهان کي سنڌ مان ڀڄايو!‘

’هڪ ته هو گهٽائيءَ ۾ هئا. ٻيو ته هنن سمجهيو ته هندو هليا ويندا ته سندن ملڪتيون کين ملي وينديون. پر هنن کي ڪجهه به نه مليو: نه جايون نه ٻنيون. ڪانئن سڀ ڪجهه ڪسي مهاجرن کي ڏنو ويو جيڪي هندستان مان لڏي اُتي ويا هئا.‘

’مون کي اِهو سڀ ضرور پڙهي ٻڌائجو. مان اِهي سڀ ڳالهيون ڄاڻڻ ٿي چاهيان.‘

’ڪيول ملڪاڻي مشهور پترڪار ۽ راڄيه سڀا جو ميمبر آهي. اُهو پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته: ١٥ آگسٽ جا ڏپ سچا ثابت ٿيا. پنجاب جي جيئي سنڌ جي شهرن کي ٻرڪائڻ لڳي. نواب شاه ۽ ڪراچيءَ ۾ موت جو ناچ جاري ٿي ويو. هر روز هزارين مهاجر هڪ هٿ ۾ حقو، ٻئي ۾ چيلو، مٿي تي گودڙي ۽ ٽڪر جا ٿيا رکي شهر جي محلاتي مڪانن ۾ منزل هٽي رهيا هئا. اهڙيءَ طرح چئني طرف، هر هنڌ، بزار، ڪان وٽي اسڪولن ۽ مندرن تائين، هيءُ غازي نظر ٿي آيا. دل ۾ ڏڙڪڻ. من ۾ مايوسي. ڪجهه دير تائين ڏسندو رهيس. هيءُ پلارو حيدرآباد شهر ڪيئن ڇڏي وڃبو؟ ڇا اسين سڀ

۾ گهرائي دادي هاسيءَ چيو: هاڻي هندستان مان هتي تمام گهڻا مسلمان مهاجر اچي ويا آهن. اُهي شايد اسانجن گهرن ۾ بہ اچن. اسان کي پنهنجي عزت پاڻ بچائڻي آهي. اِهو ٻڌي اسان جي منهن تي هٻڪ هارجي ويئي. محمد ڌوٻيءَ ڌوتل ڪپڙا اچي ڏنا تہ اسان کيس ٻيا ڪپڙا ڏنائي ڪين. اٿو پيهڻ واري رشيده آئي تہ اچڻ سان چيائين: ائي توهان ڪڏهن ٿا وڃو؟ وڃو، ٿرو هتان تہ اسين سک جو ساهہ کڻون.'

شيام لال ڪتاب بند ڪيو تہ موهنيءَ چيو، 'اصل ائين لاهي پاهي بيٺا هئا ڇا؟'

'حالتون ئي اهڙيون پيدا ڪيون ويئون هيون. نفرت جي چڻنگ کي هوا ڏيئي پنيت ٻڻايو ويو هو. اُن پنيت ۾ سواها ٿي رهيون هيون اسان جو لڇون، اسان جون نياڻيون ۽ اسان جون زالون! هڪ مهاجر جو بيان ڇپيو جيڪو لوڪ رام ڏوڏيجا جي ڪتاب ۾ درج ٿيل آهي تہ: اهڙيون سهڻيون عورتون هندستان وڃڻ نہ ڏبيون. اُهي اسان کي هندن جي ڇڏيل مال ملڪيت وانگر پاڪستان ۾ گهربيون!'

'ائي الا! اهڙو ناحق!' موهنيءَ کان دانهن نڪري ويئي.

'ڪالهہ تو جنهن ناحق تي دانهن ڪئي هئي، اڄ اُنهن مان ڪن جي نيڪيءَ تي خوشيءَ جو اظهار ڪندس!'

'اهڙا بہ ڪي مثال آهن ڇا؟'

'سمورا مسلمان اهڙا بي رحم ڪين هئا. ڪن جي اکين ۾ ديد هئي، شرم هو، لحاظ هو. اهڙن نيڪ مسلمانن لاءِ پروفيسر رام پنجواڻيءَ لکيو آهي:

٦ جنوري ١٩٤٨ع جو ڏينهن هو. مان يارهين بجي صبح جو ڪاليج مان گهر ٿي آيس. برنس روڊ لتاڙي آنلري ميدان تي پهتس هڪ گاڏي اچي منهنجي پرسان بيٺي. مٿي نهاريم تہ محمد کي ڏٺم. گنڀير آواز ۾ محمد چيو: چڙهہ گاڏيءَ ۾. اڄ ڪيئن تو پنڌ وڃين؟ مون حيرانيءَ مان پڇيو: ڇا ٿيو آهي؟ محمد عجب مان پڇيو: خبر ڪانہ اٿيئي؟ ديوان قتلام

مان آفيس جو قبضو نہ ڏيندس. ہن هزارن جو تہ فرنيچر ئي آهي! هو سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. خنڪيءَ سان چيائين: چڱو پنج سؤ وٺ ۽ نڪري ٻاهر تي! مون چيو: مان نہ نڪرندس. مان پاڪستاني ناگرڪ آهيان! هن چيو: راڄ پاڪستاني ناگرڪن جو نہ، مسلمانن جو آهي! اُمالڪ هو اُٿي بيٺو ۽ منهنجيءَ ئي ميز تان شيشي جو پيپر ويٽ کڻي مون ڪي اولاڙ لڳو. ڪڙي آواز ۾ چيائين: پرينهن ايندس همراهن سان گڏ ٽبضو وٺي ئي رهندس. ماري ڪٽي ٻاهر ڪڍندوسانءِ. پوءِ ڪاھ جتي ڪاھڻو هجيئي! اِهو پڙهي منهنجي اکين ۾ رت مڙي آيو هو. منيون پيڪوڙ جي ويئون هيون. سچ پڇ تہ هندن جي حالت قياس جوڳي هئي. جاٽي واٽي هنن لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويئون جيئن هو اُتان لڏي وڃن!'

'داد فرياد؟'

'ڪير ٻڌي؟'

'سرڪار!'

'محمد علي جناح تقرير ڪئي تہ هينئر سڀ وساريو. توهين هينئر هندستان جا نہ، پاڪستان جا نگرواسي آهيو. توهان سڀني جا هڪ جهڙا حق رهندا. پر ڪنهن بہ عملدار اِن تي عمل نہ ڪيو. اُٿلندو ڦر مار ۾ هنن بہ ساٿ ڏنو.'

'پوءِ؟'

'پوءِ تون پوپٽي هيرانندانيءَ جو داستان ٻڌ. پوپٽي هيرانندائي سنڌيءَ جي بي باڪ ۽ بي ڊپي ليکڪا آهي، جنهن لکيو آهي: شام جو راڌيءَ جو گهوٽ ڪوٽومل آيو. هن بابا کي چيو: موتيرام منهنجي صلاح اٿيئي تہ جاءِ وڪڻي ڇڏ. پوءِ اڳھ ئي ڪين ملندءِ. ٻئي ڏينهن اسان جي ڪلاس مان ڇهن ڇوڪرين پنهنجا ليونگہ سرٽيفڪيٽ ورتا. هيراباد جي مئن روڊ تي جتي شام جو ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي ٽولين جي ڇهل پهل هوندي هئي، اُتي ڪڪڙو ڪو لڳي ويئي. هونءَ گهرن جا دروازا کليا پيا هوندا هئا، هاڻ اسان بہ ٻہ ٻہ ڪڙا پائي ڇڏيا. ٽئين ڏينهن اسڪول ۾ صرف پندرهن ويھ ڇوڪريون آيون. سڀني کي هال

شهزادا هئا. دارا وڏو ۽ گاديءَ جو حقدار هو. هو پڪو صوفي هو. ليڪن سندس ننڍي ڀاءُ اورنگزيب کيس مارائي تخت تي ناجائز قبضو ڪري ورتو. جيڪڏهن دارا تخت نشين ٿئي ها ته هن اُپکنڊ يعني ڀارت ورش جون حالتون بلڪل علحديون هجن ها!'

شيام لال جي اِها پڙهڻي ٻڌي موهنيءَ ٿڌو ساهه ڀريو!...

رات ڪافي گذري ويئي هئي. سنڌ جا ۽ ورهاڱي جا داستان ٻڌائيندي شياملال گهيرٽ پئي ڪاڍا. هو اکيون ٻوٽي سمهي پيو ته موهنيءَ مٿانئس چادر وجهي پاڻ به سندس پير ۾ ليٽي پيئي...

تي ويو آهي. گوندن ڦر مار ڪئي آهي. تنهنجي گهر ويجهو ئي نہ خونريزي ٿي آهي! گهر پهتس تہ محمد چيو: ديوان اڃا ملٽري پهتي. تون ٻاهر نہ نڪرج. جيڪڏهن ڪرفيو لڳو تہ مان تو وٽ اچي رهندس ۽ تنهنجي درباني ڪندس. هئو مئو ٽري تہ وري پڇ پڇان شروع ٿي ويئي. هڪ ڏينهن ڳاڌيءَ ۾ وينو سانس تہ پڇيائين: ديوان تون بہ ويندين؟ مون چيو: تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟ هن يڪدم چيو: وڃڻوئي پونديءَ ديوان! ڏاريا آيا آهن، تن ۾ ديد ڪانهي، ليڪن ديوان جڏهن هندستان پهچين ۽ مسلمانن جا ظلم ياد ڪرين تڏهن محمد کي ياد ڪجانءِ. ديوان سڀ مسلمان هڪ جهڙا نہ آهن، سڀ مسلمان برا نہ آهن!'

'واهہ! اهڙا بہ ڪي هئا؟' موهنيءَ ٽڙندي پڇيو.

' ساڳي ڪيفيت پوپٽي هيرانداڻيءَ بہ بيان ڪئي آهي. لکي ٿي: ڪير واري لطيفہ تہ جڻ اسان جي امان هئي. ڪيس گهرائي اميءَ سندس نونهن لاءِ سبڻ جي مشين ڏني تہ روئڻ لڳي. چوڻ لڳي: هيءُ واڙا ۽ وٿاڻ توهان ڪانسواءِ پينگہ ٿي پوندا. سڄ پيئي واڪا ڪندي. آءُ آسر جو اچي ابا ڪير ونو! ڪنهنکي پڪاريندس؟ هيءُ مئا هندستان مان اچي لٿا آهن، اُنهن مان اسان کي ڪهڙو ساءُ ايندو؟ اُهي تہ ٿيا اوپرا. اسان جون نهرون ۽ ڏيئرون اوهان ڪان تہ پردو ڪنديون ئي ڪين هيون. هاڻي اُنهن کي مليو چئن ديوارن جو قيد!'

'ڪرشمو!' موهنيءَ خوشيءَ وچان چيو، 'منهنجي ليکي اِهو ڪرشمو هو، اِنسانيت هئي!'

'موهني مون اهڙا ڪرشما ڪيترائي پڙهيا آهن. اُهي پڙهي دل فوندجي پيئي هئي. سوچيم هرو پرو ايتري اوندهہ ڪانہ هئي. لڳن سان گڏ چڱا بہ هئا. اڄوڪي نئين ٽهي تہ لڳائيءَ وارا لڪَ ئي پار ڪري آئي آهي. سنڌ جو نوجوان ۽ ذهين اديب بدرابڙو لکي ٿو: ڀارت مان آيل مهاجرن ۽ اسان سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين ۾ هڪ فرق آهي. هو اورنگزيب جا حمايتي آهن ۽ اسين دارا شڪوه جا! اورنگزيب ۽ دارا شڪوه ٻئي مغل

’تون بہ اُهائي توڪ تي هٽين؟ تون پاڻ هن نگر جي ناهين ڇا؟‘
’بلڪل هن نگر جي آهيان، دليو جانيو آهيان، پڪي سنڌياڻي آهيان!‘
موهني ڏوهتي راجوءَ کي هنج ۾ ڪٽي ڪڏائڻ لڳي.

’تو هڪ ڏينهن چيو هو تہ مان توکي هن ڪئمپ جو بئڪ گرائونڊ ٻڌايان ۽ اِهو بہ ٻڌايان تہ اسين سنڌي هن ڪئمپ ۾ ڪيئن ڦهتاسين.‘
موهني ڏوهتي کي هيٺ لاهي پاڻ گهوٽ جي سامهون تي ويٺي. هن جي ڪيتري وقت کان خواهش هئي تہ جيئن گهوٽس ڪتابن مان سنڌ جون ۽ ورهاڱي جون ڳالهيون پڙهي ٻڌايس تيئن هن نگر بابت پڻ ڪجھ ٻڌائي. جيتوڻيڪ هيترن سالن ۾ هن پاڻ بہ گهڻو ڪجھ ڄاڻي ورتو هو، پوءِ بہ مرضي هئس تہ مڙس واتان ٻڌي تہ وڌيڪ سنو.
’هيءَ ڪئمپ انگريزن جي خالي ڪيل ڇانوڻي هئي. هتي جنگي قيدين کي رکيو ويندو هو. اُنهن ئي خالي پيل بئرڪن ۾ اسان کي رهايو ويو گويا اسين بہ قيدي هئاسين. رستا اهڙا جو هلڻ سان پير پٽون پٽون تي ٿيا. اڄ جيڪو هن نگر جو روپ ۽ رونق آهي، اُن جي پيڙه ۾ اسان سنڌين جو رت ست مليل آهي. اڄ هرطرف روشني ئي روشني پيئي ڏسجي ليڪن شروع ۾ هتي اونده ئي اونده هئي. پئخانہ بئرڪن کان ٻاهر، پاڻيءَ جا نلڪا ميدان ۾ جتي پاڻي ڀرڻ وارن جون قطارون لڳي وينديون هيون. فقط هڪ ئي ويجهي اسٽيشن هئي جيمس سائيڊنگہ جنهنکي هينئر وٺل واڙي ڪوٺيو ٿو وڃي. اُلهاسنگر ۽ شهد اسٽيشنون گهڻو پوءِ ٺهيون. سرڪاري اسپتال هئي پر اُتي شفاگهٽ موت، وڌيڪ ٿيندا هئا. نہ ڪو باغ ۽ نہ ڪا وندر جي جاءِ! ميونسپالٽي بہ پوءِ پيئي. صفائيءَ لاءِ پگهاردار هريجن هئا پر اُهو ڪم نگر جا رولو سوئر ڪندا هئا. رات جو سمھ تہ بکيون گسون پيرن جون ترِيون ڪائي وينديون. اونده ۾ گهر موٽ تہ پيرن مٿان نانگ لنگهي ويندو. اهو مليو هو اسان سنڌين کي آزاديءَ جو اُجورو! ۽ اُن مٿان هتان وارن جو اسان نرواسين سان وهنوار! جڻ اسان ري ڪونيا مهمان ٻڌجي هنن مٿان بار هئاسين!
’هن ئي ڪئمپ ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪ موهن ڪلپنا پنهنجي

ڪوڙو سچ

باب ايڪويهون

روپا ٻارن کي وٺي ٻه ڏينهن ماءُ پيءُ وٽ رهڻ آئي ته گهر ۾ ڄڻ رونق اچي ويئي. روپا جپاني بزار مان ڪجهه وٺڻ وڃي ته ڏوهٽو نانيءَ وٽ ۽ ڏوهٽي ناني جي ڪلهن تي. هوءَ انگل ڪري، نانو پورا ڪري. وقت ڪيئن گذري وڃي، سمڪ ئي ڪانه پوي.

موهني ڏوهٽي راڄوءَ کي ڪجهه به ڪارائيندي ته پوٽو راهول ياد ايندس. ڳوڙها تري ايندس پر اُنهن کي ڳڙڻ نه ڏيندي، پي ويندي.

شيام لال اِهو ڏسي وڻندو هو ۽ ڳالهه ڦيرائي چوندو هو، 'زالن جو ڪم آهي چنڊ ڦوڪ ڪري گهر صاف رکڻ. هيءُ ڏس ڪتابن تي ڪيتري مٽي چڙهي ويئي آهي.'

'مهڻا نه ڏيو. اڳي جڏهن هن بئرڪ ۾ رهندا هئاسين تڏهن صاف صاف سٿري هوندي هئي يا نه؟ هاڻي ٻه ته روز صفائي ڪندي آهيان. اوهان جا ڪتاب ڪليل دريءَ پرسان پيا هوندا ته مان ڪيترا دفعا صاف ڪنديس. هوا تي رستي جي مٽي اندر هلي ٿي اچي!'

'مون ته صرف اِئين ئي چيو هو. تو اُن کي وڌائي نوَ والي ساڙهي بڻائي ڇڏيو. پر تون مرهٽياڻي ٿوروئي آهين جو نو والي ساڙهي پائيندينءَ؟'

موهنيءَ خاوند طرف شوڪي نهاريو.

طعنو هڻي چيائين، 'آهيو نه آخر بجاجي! هروقت ڪپڙي ۽ ساڙهين جوئي ذڪر ڪندا. ٻي ڪا ڳالهه سجهندوَ ئي ڪانه'

'ٻڌ پوڙهي، سونارو سون جوئي ذڪر ڪندو. اهڙيءَ طرح بجاجي ڪپڙي ۽ ساڙهين جي ڳالهه نه ڪندو ته ڇا پاپڙن ۽ ڪيچڻ جي ڳالهه ڪندو؟'

'مان پوڙهي آهيان، توهان شايد اڃا جوان آهيو. ۽ توهان سوناري ۽ بجاجيءَ جا مثال ڏيئي اوچتو پاپڙن ۽ ڪيچڻ جو مثال ڪيئن ڏنو؟ ماڻهو برابر چوندا آهن ته هيتري ترقي ڪرڻ کان پوءِ به نگرواسي ڪلياٽي آهن!'

فريم ۾ مڙهيل فوٽي اندر مهاتما گانڌي آهي، تيئن هن ڪئمپ ۾ رهندڙ هر شخص رفيوجي آهي.'

'نانسينس!' ڪلارڪ گجگوڙ ڪئي، ' تون هڪ خسيس رفيوجي پنهنجي پيٽ مهاتما گانڌيءَ سان ڀيٽ ڪرين؟'

موهن آهستي چيو، ' مون توکي اِهو سمجهائڻ ٿي چاهيو ته ڇاتل سڃاتل چيزن کي ثبوت جي ضرورت نه ٿيندي آهي. مهجي جڏهن سمنڊ مان پنهنجو سِسُ ٻاهر ڪيندي آهي ته اسين اُن کي انڪري مڇي سمجهڻ کان انڪار نه ڪندا آهيون ڇاڪاڻ جو هن کي سرڪاري سرٽيفڪيٽ نه هوندو آهي! دوست منهنجي موجودگي اِن حقيقت جو ثبوت آهي ته مان پناهگير آهيان ۽ پناهه وٺڻ لاءِ سرڪاري دفتر ۾ آيو آهيان...'

موهنيءَ اُمالڪ وچم ئي چيو،'ڇا ته لڪٽي آهي! مهاتما گانڌي ۽ مڇيءَ واري تمثيل لاجواب آهي!'

'اهڙي ليکڪ جو به نگر ۾ پورو قدر نه ٿيو. سنڌ بعد هن سنڌونگر کي ئي پنهنجو هوم ٽائون سمجهيو هو.'

'توهان جو مطلب آهي ته نگرواسي پنهنجن ليکڪن ۽ ڪلاڪارن جو قدر نه ڪندا آهن؟'

'ائين به نه آهي. ڪن جو قدر ڪيو به ويو آهي. منهنجي ڳوٺائي نارائڻ جو، جيڪو هينئر ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ طور پرسڌ آهي، ٻهرين ماسٽر هو، پوءِ پروفيسر بڻيو ۽ آخر بمبئي يونيورسٽي جو ريڊر مقرر ٿيو. اهو وڏو عهدو آهي. هن جي هڪ ٻي به دين آهي - سنڌي پبلشنگ، جنهن هيٺ نه صرف سنا سنڌي ڪتاب ڇپائيندو آهي بلڪ هڪ هفتيبوار اخبار به ڪيندو آهي جنهن ۾ نگر جي مکيه ۽ اهم مسئلن تي روشني وجهندو آهي. جڏهن نوڪريءَ مان رٽائر ٿيو ته نگرواسين سندس سنمان ڪيو ۽ هڪ ٿيلهي پيٽ ڪئي!'

'رپين جي ٿيلهي؟'

'ٻيو نه ته ڇا نڪرين جي!'

ٻنهي کان ڪل نڪري ويئي.

'هن نگر ۾ هڪ برک شاعر به رهندو آهي، جناب ايم ڪمل جيڪو هند سنڌ ۾ غزل گو شاعر طور مشهور آهي. سندس هڪ طنزي

هڪ ناول جلاوطنيءَ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي: واسطيدار ڪڙڪيءَ سان واسطو رکندڙ ڪلارڪ مقرر وقت کان دير سان آيو. حاضريءَ جي رجسٽر تي ٻه دفعا قلم چنڊي صحي ڪرڻ بعد هو ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. نرڙ تي کابي هٿ جو آڱوٺو رکي هڪ اک سان ميز تي رکيل ڪاغذن ڏانهن ۽ ٻيءَ ڳهڙيءَ ٻيءَ اک سان قطار ۾ بيٺل ماڻهن جو عدد ڳڻي کيسي مان سگريٽ ۽ ماچيس ڪڍي ٽائلٽ ڏانهن هليو ويو.'

'مئوا!' موهنيءَ جي وات مان اِهوئي اکر نڪتو.

'اجا اڳتي ته ٻڌ. اڌ ڪلاڪ بعد نڪ ۾ سونب چاڙهي هو نونئيون لوڏيندو واپس آيو ۽ هڪ ڪرڙي نگاهه سان آفيس ۾ چؤطرف ائين نهاريو ڄڻ آفيس جي ڪاروبار جو مدار هن جي لياقتن تي منحصر هو. پاڳوٽ جي اُن ڳانءِ جيان ڏند ڪڻا موجب جنهنجي هڪ سنڱ تي هيءَ ڌرتي بيٺل آهي ۽ اُها جڏهن ٿڪجي سنڱ بدلائيندي آهي تڏهن ڌرتيءَ تي جبل ڦاٽندا آهن، زلزلا ٿيندا آهن.'

'واهه خوب! چا ته نقاشي ڪئي اٿائين!'

'سنڌيءَ جو بهترين ليکڪ هو. گوئا مڪتي مورچي ۾ به ويو هو. بابا مون کي موڪل نه ڏني هئي. شريمتي اندرا گانڌيءَ سان گڏ سندس فوٽو نڪتل آهي.'

'هاڻي ڪئمپ جو وڌيڪ احوال ٻڌ: نائڪ موهن مدت کان قطار ۾ بيٺو آهي. رات واري ڀينڪر طوفان ۾ سندس جاءِ ڪري پيئي آهي. ماءُ جي سِر تي ڪمان لڳي آهي. جنهن سبب هوءَ اسپتال داخل آهي. کيس نئي جاءِ کپي، جنهن لاءِ کيس فارم ڀري ڏيڻو آهي.

'موهن مان ۾ ڪڙڪيءَ ٻاهران بيٺو هو. ڪلارڪ دستوري بي پرواهيءَ مان پڇيو: رفيوجي سرٽيفڪيٽ ڪٿي آيو آهين؟

پنجويهن سالن جي نوجوان ۽ ادب ۾ گرئجوئيٽ موهن جواب ڏنو 'رفيوجي سرٽيفڪيٽ لاءِ پاسي واري ڪڙڪيءَ ۾ درخواست ڏني هئم...'

'ته پوءِ اُن ڪڙڪيءَ وٽ وڃ'، ڪلارڪ کيس وچم ڪٽيندي چيو، 'اسان کي ڪهڙو ثبوت آهي ته تون رفيوجي آهين؟'

موهن سامهون ٽنگيل فوٽي ڏانهن اشارو ڪري چيو، 'جيئن هن


سائينم سدائين ڪرين
مٿي سنڌ سڪار
دوست
تون دلدار
عالم سڀ
آباد ڪرين
شاه عبدلط

شعر جون ٻہ سٽون آهن:

انٽينا تي ڪانءُ لنوي ٿو

اڄ ڪو ليڊر تقرير ڪندو.

ڪيئن نہ دليريءَ سان ليڊر کي هڪ ڪانوَ سان ڀيٽيو اٿائين. ڪيس گوَرو انعام ۾ هڪ لک رپيا مليو آهي. تنهن ڪري هرويرو ايتري اوندهہ ڪانهي، پر جتي وڏا وڏا فانوس روشن هجن اُتي ڏيئي جي لاٽ جي ڪهڙي اهميت؟

’ٿيو ائين تہ ڏن ۽ ڪلا جي ڀيٽ ۾ اسان ڏن کي وڌيڪ اهميت ڏني. ان ڪري هتي اسڪول، ڪاليج، بئنڪون، فئڪٽريون ۽ ٽڪاٽا تہ گهڻا آهن پر ڪلچرل سينٽر هڪ اڌ مس آهي جيئن سنڌو يوٿ سرڪل، جتي سال ۾ هڪ ٻہ دفعو پروگرام ٿيندو آهي،‘ اڌ گلاس ڪن پاڻي پي ، چيائين، ’هن ئي نگر ۾ هڪ جنوني چترڪار چيتن رهندو هو. نگرواسي کيس چريٽ چئي چيڙائيندا هئا. بمبئيءَ جون آرٽ گئلريون ڏسي سڏون ڪندو هو تہ هڪ ڏينهن هو بہ وڏو چترڪار بڻجندو ۽ پڳوان ڪپور جيان ولائت وڃي وسائيندو. پر هن جي آس پوري ڪانہ ٿي. کيس جي جي اسڪول آف آرٽ ۾ داخلا ڪانہ ملي. ان صدمي وچان هو دماغي توازن کوهي ويٺو.

’ ماڻهو ڏسندا هئا تہ اُهو چريٽ چيتن پٿين تي عجيب غريب چتر پيو چٽيندو هو. هڪ دفعي هڪ مندر جي ديوار تي راڌاڪرشن جو هڪ اهڙو عمدو رنگين چتر ناهيائين جو هڪ قدر شناس اُتي جو اُتي هڪ سؤ رپيا خرچي ڏنس.

’هڪ ڏينهن اُن چريٽ جي ناموس بمبئيءَ جي هڪ اخبار ۾ فوٽن سان گڏ ڇپجي ظاهر ٿي. هڪ پترڪار نگر ۾ آيو هو. هن چيتن جا ڪڍيل چتر ڏٺا تہ عجب ۾ پئجي ويو. هو ساڻس مليو ۽ نہ صرف سندس فوٽا ڪڍيائين بلڪ ديوار تي چٽيل چترن جا فوٽا بہ ڪڍيائين.

چيتن کي ڏاڍي خوشي ٿي. سندس ڪلا جو قدر ٿيو هو!

’ هڪ دفعي موهن ڪلپنا نگر جي هڪ گهٽيءَ جو نالو ’شاهہ لطيف‘ رکڻ جو اعلان ڪيو تہ چيتن رنگ ۽ برش کڻي اُتي پهچي ويو. ٻہ ڪلاڪ ساندهہ محنت ڪري هن شاهہ لطيف جو هڪ پورٽرين ۽

سندس هڪ مشهور بيت ديوار تي پينٽ ڪيو جنهن ۾ چيل هو:

سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سرڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!

’ ڪافي ماڻهو ڪنا تي ويا هئا. اُنهن مان هڪ جٽي رڙ ڪئي: اُلهاسنگر ۾ ڪنهن مسلمان جو نالو گهڻيءَ تي برداشت نہ ڪيو ويندو!

هڪ ٻئي ساٿيءَ طرح چيو: هيءُ مسلمان تہ پاڪستاني آهي. هن کي اسين پنهنجي نگر ۾ اچڻ نہ ڏينداسين!

هڪ ٽئين پريان ئي رنڀ ڪئي: اڙي او چريٽ! ڏاهہ اهو مسلمان جو فوٽو ۽ اکر. اسان کي نہ گهرجي شاهہ ٻاهہ هتي!

’چيتن ۾ الائي ڪيئن همٿ ۽ ساڃاهہ اچي ويئي. ماڻهن ڏانهن نهاري چيائين: هيءُ تہ تمام وڏو سنڌي شاعر هو، دنيا وارن بہ هن کي عظيم شاعر مڃيو آهي. اوهان کي خوش ٿيڻ گهرجي تہ اڍائي سؤ سال اڳ هيءُ شاعر سنڌ ۾ پيدا ٿيو ۽ سڄي جهان لاءِ دعا گهريائين!

’پر هن جي ڳالهہ ڪنهن نہ ٻڌي. هڪ اناڙيءَ هٿ ۾ اري لٺ سندس مٿي تي وهائي ڪڍي. پوءِ ٻئي بہ ائين ئي ڪيو. چيتن جي هٿن مان رنگ جو ڊبو ۽ برش هيٺ پٽ تي وڃي پيا، تنهن سان گڏ هو پاڻ بہ زمين تي وڃي ڪريو!‘

’ماري ڇڏيائونس؟‘ موهنيءَ عجب مان اکيون ڦاڙي مڙس کان پڇيو.

’بہ ڏينهن زنده هو. ٽئين ڏينهن سينٽرل اسپتال ۾ ئي مري ويو!...‘

اهڙي درديلي وارتا ٻڌڻ کان پوءِ موهني اُتي ويهي نہ سگهي...

اهڙي نموني پڙهندي ٻڌائيندي ۽ اوپاريون لهواريون ڪندي، زال مڙس زندگيءَ جو باقي رهيل سفر پورو ڪري رهيا هئا. کين ڪنهن لاءِ بہ ڪا شڪايت ڪانہ هئي. هنن ڏٺو ويئي تہ زمانو بدلجي رهيو هو، ساڃهہ گهٽجي رهي هئي ۽ تفاوت وڌي رهيا هئا.

ڏسندي ڏسندي ڪيترا ڪٽنب ٽٽا ۽ تتر بتر ٿي ويا. مالها ٽٽي تہ داڻو داڻو ٿي پکڙجي ويئي. اهڙين حالتن ۾ سوڳ ڪرڻ بجاءِ شڪر ڪرڻ بهتر هو. شيام لال ۽ موهنيءَ اُئين ئي ڪيو...



رهيا آهيون!' اِهو شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي خاندان جو رت هو...

شيام لال جهڙي سنتوکي ماڻهوءَ مٿان به هڪ سنڪٽ ٻري آيو. امرناٿ روڊ تي جيڪو سندن پلاٽ هو، جيڪو سندس پتا گوبندرام خريد ڪيو هو، جتي پاڇيون ۽ باغات پوکائيندو هو، جنهنجي ديکڀال ۾ چڱو وقت سڦلو ڪندو هو، اُن تي هڪ داداگير جي نظر پئجي ويئي. هيترو وڏو ۽ قيمتي پلاٽ جنهن تي جيڪر هڪ وڏو ڪارخانو نه ته ڪا انڊسٽري پئجي سگهي، هيئن پاڇين جي پوکيءَ حوالي هجي، اِها ڳالھ اُن داداگير کي ڪانه جڃي. هھڙو شاندار پلاٽ ۽ پاڇيون! سوچيائين پنهنجن ماڻهن جي مدد سان وڃي ٿو پلاٽ تي قبضو ڪريان. مالڪ جاڳيو ته ڪجھ ڏئي وٺي ڪانئس پلاٽ پنهنجي نالي لکائي وٺندو. پئسن تي نه ٿيو ته دم داٻي ڏيئي پلاٽ ڦٻائي ويندو. وڏ ۾ وڏ پوليس کي ٿورو وڌيڪ خوش ڪرڻو پوندو ليڪن پلاٽ ڪنهن به صورت ۾ نه ڇڏيندو.

اُهو داداگير پنهنجي نالي سان هو. هرڪو ڪانئس ڪن هٽندو هو، ڪانئس دور رهندو هو...!

جيئن ئي شيام لال کي نياپو پهتو، هو پريشان ٿي ويو. سوچيائين اهڙي نامچين جو منجهس کھڙو ڪم هوندو؟

ٻئي ڏينهن صبح جو يارهين بجي هو سندس اوطاق تي وڃي پهتو. اِهو ئي ٽائيم هن چوائي موڪليو هو. اوطاق تي ڪچهري لڳي پيئي هئي. اُهي ماڻهو اهڙا هئا جن ڪان جيڪر پري رهجي ته بهتر هو. هو پاڻ هڪ آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هو. آڱرين وچ ۾ هڪ دکيل سگريٽ هوس جنهن مان رکي رکي سوٽو پئي هنيائين. ٻنهي هٿن جي آڱرين ۾ سونيون منڊيون پيل هئس.

شيام لال کي ڏسي هو سڌو ٿي ويٺو. ڇپن تي مشڪ آڻي ڪيڪار ڪندي چيائين، 'اچو ڪاڪا، اچو. هتي منهنجي پرسان اچي ويهو. توهان کي هتي گهرائي تڪليف ڏني اٿم.'

شيام لال ڪا وراڻي نه ڏني. چپ چاپ هن جي سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو.

هن وڌيڪ پوڪا نه ٻڌي. سنئون سڌو مطلب جي ڳالھ تي آيو.

ڪوڙو سچ

باب ٻاويهون

سنڌونگر جي نگرواسين ۾ دهشت ڦهلجي ويئي جڏهن ٻڌائون ته ڪالاڻي خاندان جي مشهور شخصيت ۽ اُلهاس ڪانگريس جي پريزيڊنٽ دنيچند ڪالاڻيءَ کي ڏينهن ڏٺي جو قتل ڪيو ويو آهي. اِها منحوص خبر ٻڌڻ شرط اسڪول، ڪاليج ۽ دڪان بند ٿي ويا. ماڻهن ۾ سخت تاءُ هو. ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ اخبار نويس جو خون ٿيو هو. هڪ جوان جماڻ ڇوڪريءَ کي اسڪول جي ڪلاس ۾ جلائي ماريو ويو. ان خبيثي خون جو سماچار صرف بمبئي ۽ ڀارت جي اخبارن ئي نه، دنيا ڀر جي اخبارن ۾ فوٽن سميت ڇپيو. راتو رات اُلهاسنگر بدنام نگر بڻجي ويو. اڳ ۾ ائين چئي بدنام ڪيو ويندو هو ته اُلهاسنگر ۾ نقلي مال ٺهندو آهي ۽ هينئر ڪليو ڪلايو چوڻ لڳا ته اُلهاسنگر خوني نگر آهي!

اِهي خون ڪنهن ٿي ڪرايا؟ ڇو ٿي ڪرايا؟ اِن جو پتو لڳائڻ پوليس جو ڪم هو، ليڪن پوليس کي مشڪل سان ڪنهن ڪيس ۾ سڦلتا ٿي ملي، نه ته سمورا ڪيس لٽڪ متي ٿي ٿئي ويا! ڏوهاري روءِ پوش پئي ٿي ويا ڇو ته اُهي ڀاڙيتو مجرم هئا، پيشيور سوپاري وٺندڙ قاتل هئا!

دنيچند ڪالاڻي معمولي شخص نه هو. هو پرسڌ ڪارخانيدار ۽ ڪانگريس پارٽيءَ جو هيڊ هو. پوليس تي جڏهن زوربار پيو تڏهن هنن ڪڙي تپائي ۽ تورا سگ هٽ ڪري، اُنهن جي آڌار تي ڪن ڏوهارين کي گرفتار ڪيو.

ليڪن پپو ڪالاڻي چپ ڪري نه ويٺو. سندس دشمنن دنيچند ڪالاڻيءَ جو خون ڪري جڻ ته کيس چيتاوني ڏني هئي ته هو ڪائنس وڌيڪ طاقتور هئا. پر هن اهڙيءَ چيتاونيءَ جي پرواهه نه ڪئي. هن پوليس جي مدد سان نگر جي نامي گرامي هاڪن ۽ ڪاڪن کي تڙي ڪيڻ جي مهم تيز ڪري ڇڏي.

دنيچند ڪالاڻيءَ جو پٽ پرديپ هئو ته اجا ننڍو پر نهايت ذهين ۽ جوشيلو جوان هو. هڪ ميڙ ۾ چيائين، 'اڄ خبر پيم ته اسان جا پير هن ڌرتيءَ تي پختا ناهن. اسين اجا تائين هوا ۾ لٽڪي

هتي ئي رهان ٿو. منهنجو مٽو نه تپاءِ، ويهه نه ته ٽيهه وٺ. نه مڃيندين ته پوءِ هٿ هٽندين. اِنهن کان به ويندين.'

شيام جي رڳن ۾ گوبندرام جو خون هو. اُهو گوبندرام سنڌ ۾ آزاديءَ جي لڙائي لڙيو ۽ جيل ويو! هن جي رڳن ۾ ٻوڙندڙ خون جوش کاڌو ۽ ٻي ڏڙڪ ڇڏي ڏنائين،' سنڌ ۾ سڀ ڪجهه ڇڏي آياسون، پوءِ به ڪين پڇتايو سون. باقي هن زمين ٽڪري لاءِ پڇتائينداسون؟ وڪڻندس ته مور ڪين!' ايترو چئي هو اُٿي بينو ۽ بنا موڪلائڻ جي دروازي طرف وڌيو.

شيام لال پنيان ٻڌو، هو گجندي چئي رهيو هو، 'پوڙها خبر اٿيئي ڪنهن سان هٿ اٽڪائي رهيو آهين. هڏ گڏ پڃائي ڇڏيندوسانءِ!'

شيام لال کي سڄي رات ننڊ ڪانه آئي. موهنيءَ گهڻوئي اُٿلايس پٿلايس پر اصل ڳالهه تائين پهچي نه سگهي. هن سوچيو زال ذات کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائڻ مان ڪو فائدو نه هو. اجايو هوءَ چنتا ۾ پئجي ويندي. تنهن ڪري هو پاسو ورائي سمهي پيو.

شيام لال سوچيو هو نه ان پلاٽ تي ٻاڄيون ۽ ميوو پوکائيندي سندس وقت سنو گذري ويندو. اُنهن مان ڪيس ٿوري گهڻي آمدني به هئي، جيڪا هنن ٻن لاءِ ڪافي هئي. ليڪن هيءُ داداگير ڪيس ڌمڪائي اُهو پلاٽ قبائڻ ٿو چاهي. ڇي ويهه هزار وٺ، ٽيهه وٺ. جڻ ٻاڄي تي خريد ڪيائين. پئسن جي ڪهڙي اهميت آهي؟ اهميت اُن زمين جي آهي جنهن سان هن جا سپنا ۽ اُن سنا اُٽيل آهن. ڇا هو پنهنجا سپنا ۽ انسنا وڪڻي ڇڏي؟ زمين ڪيڙي جو ٿانءُ ترڪين آهي جنهنجو اگهه طئه ٿيو ۽ ڪيڙو ڦاڙي ڏنو! نه، هو اِهو پلاٽ هرگز نه وڪڻندو، ناجائز قبضو ڪرڻ به نه ڏيندو، بلاشڪ ته اُن پنيان هن جو ڪيترو به ڌن خرچ ڇو نه ٿي وڃي!

نگر سيوڪ پپو ڪلاڻي نه صرف اُلهاسنگر ميونسپل جو پريزيڊنٽ هو، بلڪ مهاراشٽرا اسيمبليءَ جو چونڊيل ميمبر پڻ هو. هو اُلهاسنگر جي جنتا جو عيوضي هو، لوڪ پريه عيوضي. جيئن ته هو هن ئي نگر ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو هو ته سندس منشا هئي ته هن نگر جو ايترو وڪاس ٿئي جو پري پري جا ماڻهو اُلهاسنگر ڏسڻ اچن. ميونسپل

چيائين، ’هو جيڪو امرناٿ روڊ تي اوهان جو پلاٽ ائين ئي بيڪار پيو آهي، اُن جا اوهان کي گهڻا پئسا گهرجن؟‘

’اهو پلاٽ اِئين ئي بيڪار ڪٿي پيو آهي. اُن ۾ ڀاڄيون ۽ ميوو پوکائيندو آهيان.‘ شيام لال نهر سان چيو.

’اهڙو موقعي جو پلاٽ اهڙين بيڪار چيزن لاءِ ڪونهي. ان پلاٽ تي هڪ وڏي انڊسٽري پئجي سگهي ٿي. توهان پنهنجا پئسا وٺو ۽ پلاٽ مون کي لکي ڏيو.‘

’اِهو پلاٽ منهنجي سرڳواسي پتا خريد ڪيو هو. پلاٽ وڪڻي مان سندس آتما کي دک نہ پهچائيندس.‘

اُهو داداگير ٽپ ڏيئي ڪرسيءَ تان اُٿي بيٺو. آپي مان نڪري پنهنجو اصلي روپ ڏيکاريندي چيائين، ’پيٽسان اشرافت جو زمانو ئي نہ رهيو آهي. مان چوان اجائي زور زبردستي نہ ڪريان ۽ هتي هيءُ پريو مڙس ترڪ تال لڳائي ويٺو آهي. ويٺو آهي سرڳواسي پيءُ جون ڳالهيون ڪندو. چي هن جي آتما دکي ٿيندي. پڇوس تہ ڪهڙيون آتمائون، ڪٿان جون آتمائون؟‘ ڪن ترسي شيام لال طرف گهوريندي چيائين، ’تنهنجي پيءُ پلاٽ خريد ڪيو هو تہ ڇا ٿي پيو. اهو ڇا وڪڻي نٿو سگهجي؟ ٻين جا پلاٽ نٿا وڪامن؟ جايون ۽ دڪان نٿا وڪڻن؟ پلا جي ائين ئي قبضو ڪري ويهان تہ تون ڇا ڪندين؟ ڪيس ڪندين تہ فيصلي ٿيڻ تائين تون پاڻ ئي جيئرو نہ هوندين. تيستائين اُتي ڪارخانو بہ ٺهي ويندو. ڪير ڊاهيندو اُن کي؟ تنهن ڪري منهنجي صلاح مڃ، ويهہ هزار وٺ ۽ پلاٽ تان هٿ کڻ!‘

ايترو چئي هو جڏهن تہ ٽڪجي پيو ۽ ڏڙام ڪري آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. آرام ڪرسي لڏي لڏي بيهي رهي. هن نئون سگريٽ دکائي بہ ٽي وڏا ڪش هنيا ۽ چوڪري کان پاڻيءَ جو گلاس گهريو.

پاڻيءَ جو گلاس خالي ڪري فرش تي ڦٽو ڪيائين.

شايد لال کي لڳو تہ هن فيصلو بہ اُئين ئي ڪيو هو. فيصلي ڪُن ڳالهہ چيائين ۽ اُتي ئي اُجلائي ڇڏيائين!

’ٻن لکن جو پلاٽ ويهن هزارن ۾ ڏئي ڇڏيان؟‘

هو وري پاڻيءَ مان نڪري ويو.

’پڙهين ڪيتري ۾ ورتو هو؟ مون کي سڀ خبر آهي، مان بہ

پپوءَ جي اهڙي نمرتا ڏسي شيام لال جي من کي آٿت آيو. ڳلو صاف ڪندي چيائين، ’پٽ، تنهنجي ناموس ٻڌي هڪ ضروري ڪم سان تو وٽ آيو آهيان. ليڪن اُها ڳالهہ هتي سيني جي روبرو چئي نٿو سگهان. پنج منٽ اڪيلائيءَ ۾ ٻڌين تہ تنهنجي وڏي مهرباني!‘

پپو اُٿي بيٺو. پاسي واري ڪمري طرف وک وڌائيندي چيائين، اچو، منهنجي پنيان اچو.‘

اِهو پپو ڪالاٽيءَ جو نجي ڪمرو هو جتي خاص ملاقين سان ملندو ۽ صلاح مصلحت ڪندو هو. اُتي هڪ الڳہ فون بہ رکيو هو. ڪمرو ننڍو ليڪن صاف سٿرو هو. ديوار صرف هڪ ئي تصوير ٽنگيل هئي، سري ڪرشن جي!

پپو پاڻ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي، ٻيءَ تي شيام لال کي ويهڻ لاءِ چيو.

پپوءَ جو وقت بيحد قيمتي هو. اجا ڪيترا ملاقي ٻاهر انتظار ۾ ويٺا هئا. اهو سوچي شيام لال مختصر ۾ پنهنجو قصو ڪيس ٻڌايو. پپو گهڙيءَ سوچ ۾ پئجي ويو. هيءُ ڪو اهڙو معاملو ڪين هو جيڪو آفيس جي ليٽر پئڊ تي لکائي واسطيدار عملدار ڏانهن موڪلجي. هن معاملي ۾ هڪ اهڙي ذر واسطيدار هئي جيڪا تمام ڳري ۽ ڏکي ذر هئي. وڏي ڳالهہ تہ ساڻس هن جا پنهنجا بہ اختلاف هئا. ٻي ڳالهہ تہ هن جي پهچ مٿي تائين هئي. هن قصي ۾ ٿوري بہ تڪڙ يا غفلت جوکم جو باعث بڻجي سگهي ٿي. اِهو سڀ سوچي هن بيحد ڌيرج سان چيو،’هن معاملي جو نبيرو اڄ نہ ٿي سگهندو. سوچڻو پوندو. توهان سڀاڻي شام جو ستين بجي مون سان چئمبر ۾ ڳڌجو. تيستائين مان سوچي ڪو رستو ڳولهي ٿو وٺان. ليڪن توهان چنتا اصل نہ ڪجو. جيستائين مان هن نگر ۾ آهيان، ڪير اوهان جو وار بہ ونگو نہ ڪندو. مان هن نگر ۾ ڪنهنجي داداگيري هلڻ نہ ڏيندس.‘

شيام لال جو من هلڪو هو. ڪيس خاطري هئي تہ پپو ڪالاٽي هن جو اِهو اهنج ضرور دور ڪندو. اُن رات هو گهري ننڊ سمهيو ۽ سج اُيرڻ تائين سمهيو ئي رهيو.

اوچتو سندس اک کلي پيئي. ڪو ڪيس زور زور سان ڏونڌاڙي

جو پريزيڊنٽ هوندي هن نگر لاءِ ڪيترائي پراجيڪٽ شروع ڪرايا هئا...

پپو ڪالاڻي هر منگلوار تي جنتا دربار لڳائيندو هو. اُن دربار ۾ جنتا جا اهنج ۽ تڪليفون روبرو ٻڌندو هو ۽ اُنهن جو بلو پيٽي ترت ڪندو هو. اُن ڏينهن آفيس ۾ سمورو عملو موجود رهندو هو. واسطيدار ڪلارڪ کي هدايتون ڏيئي خط يا درخواست لکائي، صحي ڪري، شڪايت ڪندڙ جي حوالي ڪندو هو.

اُن جنتا دربار ۾ ڪنهن سان بہ پيدي ورتاءُ نہ ڪيو ويندو هو. هر ڪنهنکي ٻڌو ۽ سندن سماڌان ڪيو ويندو هو...

شيام لال پپو ڪالاڻيءَ جي دربار ۾ وڃي پهتو. ڪيس ڪلاڪ کن انتظار ڪرڻو پيو. جڏهن سندس وارو آيو تہ هو منجهي پيو. پپوءَ جي سامهون ٻيا ڪيترا ماڻهو ويٺا هئا. هو پنهنجو مسئلو سڀني جي سامهون ٻڌائي نہ پئي سگهيو. ڪهڙي خبر انهن مان ڪو اُن داداگير جو ماڻهو هجي؟ پوءِ ڏاڍي ڳڙ ٻڙ تي پوندي. هو ڪاوڙ ۾ ڪجهہ بہ ڪري ويهندو. تنهن ڪري هن پپوءَ کي وينتي ڪرڻ پئي چاهي تہ هو سندس مسئلو اڪيلائيءَ ۾ ٻڌي تہ وڏي مهرباني!

پپوءَ کي اڇو چوڙيدار پئجامو ۽ ڪرتو پيل هو. وات ۾ پان هوس جيڪو آهستي آهستي چٻائين پئي. وڏي شاهي دربار هال ۾ بہ ٻڏن کن ڪرسيون پيئون هيون. سندس ميز جي اِرد گرد پڻ ڪرسيون رکيون هيون جن تي ملاقي ويٺا هئا. نگر سيوڪ هئڻ سبب هو اڪثر شهر جي مکيہ ويڪتين ۽ هستين کان واقف هو. هن کي اِها خبر هئي تہ سندس سامهون جيڪو شخص ويٺو هو، اُهو نگر جو ناليرو ڪپڙي جو واپاري هو. اِها بہ ڄاڻ هئس تہ هينئر هو ڌنڌي کان فارغ هو ۽ آرام جي زندگي گذاري رهيو هو. ڪيس اِها بہ ڄاڻ هئي تہ سندس پتا ستنتر سئناني ۽ سنڌ ۾ ڪانگريس پارٽي جو سمرٿڪ هو. هو اِهو بہ ڄاڻندو هو تہ پرچي وديارٿيءَ کي سندس چاچي دنيچند ۽ گوبندرام چونڊن ۾ ڪافي مدد ڪئي هئي. تنهن ڪري هن دستوري نمرتا ڏيکاريندي چيو، 'ڪاڪا، اڄ ڪيئن هن پاسي پلجي پيا آهيو؟ مون کي چوائي موڪليو ها تہ مان توهان سان اُتي اچي ملان ها.'

پپو ڪالاڻيءَ بيحد ڌيرج سان چيو، ’مون توهان جي معاملي تي ڪافي غور ڪيو آهي. بيحد منجهيل ۽ ڏکيو معاملو آهي. سامهون واري ڌر بيحد ڏکي آهي. هڪ ئي رستو آهي اگر اُهو توهان کي قبول هجي تہ...‘ پپو ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽي، چئمبر ۾ پسار ڪرڻ لڳو.

شيام لال ماٺ ڪري پپوءَ جي پوري ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو.

پپوءَ شيام لال جي سامهون اچي چيو، ’توهان اِهو پلاٽ منهنجي نالي لکي ڏيو. مالڪي توهان جي هوندي، نگهباني منهنجي هوندي! اهڙيءَ طرح ٻي ڌر مون سان هٿ اٽڪائڻ جي همٿ نہ ڪندي. اِهوئي هڪ رستو آهي.‘

شيام لال ٻڌتر ۾ پئجي ويو. جيڪڏهن پلاٽ پپوءَ جي نالي نٿو لکي ڏي تہ هو اڳلو ڪانئس زوريءَ پلاٽ کسي وٺندو. هو پنهنجو پلاٽ وڪڻندو تہ مورکين. وڪڻڻ چاهي تہ پپو بہ وٺي سگهي ٿو، ٻيو ڪير بہ وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويندو، پر هو اِهو پلاٽ وڪڻندو ڪين. اِهو هن جو فيصلو آهي!

’ٺيڪ آهي. پپو پٽ، تون ڪاغذ پٽ تيار ڪرائي وٺ، مان اُنهن تي صحي پائي ٿو ڏيانءِ!‘

ٻن ڏينهن اندر سمورو ڪم پورو ڪيو ويو. ميونسپل اندر رڪارڊ بہ بدلايو ويو. اُن لاءِ گهٽي هڻ پٽ ڪرڻي ڪانہ پيئي. پپو پاڻ ميونسپل جو پريزيڊنٽ هو...

اڄ جنماشٽمي هئي. ڪرشن ڀڳت پپو ڪالاڻي پوجا پاٺ ڪري پنهنجي ڪمري مان ٻاهر آيو تہ جيوتيءَ نيرن آڻي ميز تي رکي. بلڪل سادي نيرن هئي. مصالحو پيل ڇهري ڪوڪي ۽ ڏهي. پپوءَ منٽ کن اکيون ٻوٽي ڇپن ۾ ڪجهہ پڙهيو. پوءِ نيرن کائڻ شروع ڪيائين.

جيوتيءَ ٻيني ٻيني پڇيس، ’بامبي ضرور وڃڻو اٿو؟‘

ڏهيءَ جو چمچو وات ۾ وجهندي، ڪن ترسي پپوءَ چيو، ’منسٽر صاحب سان ميٽنگ آهي. خاص نياپو موڪليو اٿائين!‘

’پر جلدئي موٽجو. شام جو سوامي جيءَ جو خاص پروچن آهي.‘

’ڪوشش ڪندس. نہ اچان تہ تون هلي وڃج.‘

جاڳائي رهيو هو. ’بابا بابا، اُٿو!‘ شيام لال سمجهيو هو ڪو سپنو ڏسي رهيو هو. ليڪن اِهو سپنو نہ هو. سندس پوٽو راهول کيس ڌونڌاڙي جاڳائي رهيو هو. هو حيرت وچان اکيون مهٽيندو اُٿي وينو. سندس پوٽو راهول پلنگ مٿان چڙهي وينو هو. دروازي وٽ موهني بيٺي مرڪي رهي هئي.

شيام لال اڃا حيرت ۾ هو. پورن ٻن سالن بعد هن جو پوٽو هن جي سامهون وينو هو.

’بابا مان هتي سائيڪل تي آيو آهيان. ڪالهہ ڊيڊي منهنجي لاءِ نئي سائيڪل وٺي آيو هو. مان توهان کي اُها سائيڪل ڏيکارڻ آيو آهيان!‘

ڇا هيءُ سندس پٽ لڇمڻ جو پٽ هو؟ سندن پوٽو راهول نئي سائيڪل تي سوار ٿي پنهنجي ڏاڏي ڏاڏيءَ سان ملڻ آيو هو؟ موهني ڪيترو نہ خوش پيئي نظر اچي. ها هيءُ سندن پوٽو هو، سندن پنهنجو رت هو! اڄ اُن رت کي ڇڪ آئي هئي. اُهو رت پنهنجي رت ڏاڏي ڏاڏيءَ سان ملڻ آيو هو!

ڪير ٿو چوي تہ رت کي ڇڪ ڪانہ ايندي آهي؟ رت جا رشتا نہ هجن تہ دنيا ۾ ڪجهہ بہ نہ هجي! اِهي رشتا ئي تہ مانوتا جا مول آڌار هوندا هن!

انسان ٽنگيو ئي اِنهن خون جي رشتن تي ٿو. سنسار ۾ بہ ئي رشتا اَجر ۽ اَمر آهن. هڪ ڌرتيءَ جو رشتو ۽ ٻيو رت جو رشتو. ڌرتي اسان کان کسجي ويئي آهي. ليڪن اُن جي ياد هميشه اسان جي سيني اندر محفوظ آهي. رت جو رشتو قائم آهي تڏهن ئي تہ سندن پوٽو راهول وٽن آهي، ساڻن ملڻ آيو آهي!

خوشيءَ جي ڪا سيما، ڪا مياد ڪانهي. اُها ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ روپ ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي. اُها جيڪڏهن حاصل ٿيندي رهي تہ جيون ۾ ٻيءَ ڪنهن چيز جي جيڪر درڪار ئي نہ رهي. هن عمر ۾ ٻيو گهرجي بہ ڇا ٿو؟ ٿوري عزت، ٿورو پيار ۽ بس!...ها بس، صرف ايترو ئي گهرجي ٿو ۽ موت ۾ وڏڙن طرفان ننڍڙن کي آسيس هجي ٿي، آرادنا هجي ٿي تہ کين ڪوسو واءُ نہ لڳي!...

۾ منسٽر طرف نهارڻ لڳو.

’تون ته نگر جو چونڊيل ميمبر آهين. ميونسپلٽي به تنهنجي هٿ هيٺ آهي. تون ڪجهه ڪرين ڇو نٿو؟‘

پپو گنڀير ٿي ويو. هو سمجهي ويو ته منسٽر صاحب اڻ سڌيءَ طرح کيس چتائي رهيو هو ته هو طاقتور نه هو ۽ ڪانئس نگر جون حالتون سنڀاليون نه ٿئي ويئون.

پپوءَ ميز طرف جهڪندي، سنجيدگيءَ سان چيو، ’امن امان رکڻ پوليس ڊپارٽمينٽ جو ڪم آهي. پر هو سخت مشڪلات ۾ آهن. بمبئيءَ مان ٽڙي پار ڪيل ڏوهاري پهرين ڪلياڻ ۾ پوءِ الهاسنگر ۾ اچي گناهه ڪري پٺي ٿا وڃن!‘

منسٽر صاحب منٽ به چپ رهيو ۽ ڪجهه سوچيندو رهيو. پوءِ پپوءَ طرف نهاري، سمجهائڻ واري نوع ۾ چوڻ لڳو، ’اوهان نگرواسين جي به ته پاڻ ۾ ٻڌي ڪانهي. ننڍن فائدن لاءِ پاڻ ۾ الجهندا رهو ٿا.‘

پپوءَ منسٽر جي ان ڳالهه جو مطلب نه سمجهيو. هو سندس منهن طرف نهارڻ لڳو. منسٽر پنهنجي ڳالهه جو مطلب واضع ڪندي چيو، ’مون کي رات فون آيو هو. ڪنهن پلاٽ جي ڳالهه تان تنهنجو ۽ گهنشيام جو پاڻ ۾ ٽنٽو ٿي پيو آهي. اهي لڦڙائي بد امنيءَ جو باعث بڻجندا آهن. منهنجي صلاح مڃين ته اهو لڦڙو جلد مٽائي ڇڏ. نگر ۾ ٻيا به ته پلاٽ پيا آهن!‘

پپوءَ جو منهن ٽامڙي هڻي ويو. سندس رت جو داب وڌي ويو. هو سمجهي ويو ته نگر جو نامي گرامي داداگير گهنشيام، منسٽر معرفت کيس هيسائي، امرناٿ روڊ وارو پلاٽ هٿ ڪرڻ ٿو چاهي!

پپو ڪرسيءَ تي سڌو ٿي ويٺو. منسٽر کي مخاطب ٿي چيائين، ’مان نگر جو چونڊيل عيوضي آهيان. جنتا جا اهنج دور ڪرڻ منهنجو فرض آهي. اهو پلاٽ وارو معاملو به مون فرض سمجهي دور ڪيو آهي.‘

پپوءَ جي ڳالهه ٻڌي منسٽر جي چپن تي مشڪ نچڻ لڳي. پپو سمجهي نه سگهيو ته ان مشڪ پٺيان اصل ڳالهه ڪهڙي هئي. پر جلد ئي کيس ان مشڪ جو مرم ۽ مطلب سمجهه ۾ اچي ويو.

منسٽر سامهون ميز تي پيل پيپر ويٽ گول ڦيرائيندي چيو، ’مان ان لڦڙي کي جلد مٽائڻ ٿو چاهيان. هڪ جهنگ ۾ به شينهن رهندا

پان وات ۾ وجهي، پپوءَ بريف ڪيس هٿ ۾ ڪنيو تہ سندس پرسنل فون جي گهنٽي وڳي. ڪمري ۾ وڃي هن رسيور ڪن اڳيان جهلي چيو، 'هيلو، ڪير؟'

'بڌ پپوا تو اهو چڱو ڪم نہ ڪيو. امرناٿ روڊ وارو اهو پلاٽ مون کي گهربو هو. مون اُن جي قيمت بہ ڏني پئي!'

'تون بہ بڌ گهنشا! اهو پلاٽ هينئر منهنجو آهي. مون پارٽيءَ سان واعدو ڪيو آهي تہ اتي بڌا آشرم ٺهندو!' پپوءَ بلڪل ڌيرج سان چيو.

'تون مون کي بيوقوف نٿو بڻائي سگهين! مون کي خبر آهي تہ تون اُن کي پنهنجي ڌنڌي لاءِ استعمال ڪندين.'

'گهنشيام، منهنجو ڌنڌو ڪهڙو بہ آهي پر اُهو ناجائز نہ آهي. اُن لاءِ سرڪاري پروانو مليل اٿم!'

'توکي خبر آهي پپو تہ ضد ۾ اچي مان ڪجهہ بہ ڪري سگهڻ جي طاقت رکان ٿو.'

پپو سنجيده ٿي ويو، سمجهي ويو تہ اڳلي ڌر ڪيس دڙڪو ڏيئي رهي هئي. هن اُن جي پرواهہ نہ ڪندي چيو، 'ڌمڪيون تہ تون هميشہ ڏيندو رهندو آهين!'

ٻئي پاسي کان تيز ءِ کهرو آواز آيو، 'پر هيءَ ڌمڪي نہ سمجهج...'

آواز اڃا بہ تيز ءِ کهرو ٿي ويو، 'هن ڳالهہ جو نتيجو تمام اُگرو نڪري سگهي ٿو!'...

هيءُ گهنشيام اُهو ئي هو جنهن شيام لال کي ڌمڪائي سندس پلاٽ خريد ڪرڻ پئي چاهيو، پگڙن جي بها ۾!...

پپو ڪالاڻي منسٽر واري چئمبر ۾ داخل ٿيو تہ منسٽر ڪلي ڪيڪاريس ءِ کيس پنهنجي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو.

پپو ڪرسيءَ تي ويهي، بريف ڪيس هيٺ رکي ڇڏيو.

منسٽر سڌو ويهندي، پپوءَ طرف نهاري چيو، 'مسٽر ڪالاڻي، ڪهڙو سبب آهي جو روز اُلهاسنگر مان بد امنيءَ جون شڪايتون پيئون اچن؟'

پپوءَ کي اهڙي سوال جي اُميد ڪانہ هئي. هو بہ سڌو ٿي ويٺو

With Best Compliments from

SIRUMAL M. BABANI

Chairman

SONA SYSTEMS & HOME APPLIANCES PVT. LTD.

•

WHOLESALE & RETAIL
ELECTRONICS DEALERS

•

R. O. 1-2-166/4, Sarojini Devi Road,
Secunderabad - 500 003.
web. : www.sonasystems.com
E-mail www.sonasystems@kishore.com
PHONE : 7813472 - 7849531

TERMINALS AT :

7-1-23/1, Fly Over - Greenland Turn, Ameerpet	Ph. : 3736302
6-3-340/28/214, Road No. 1, Banjara Hills	Ph. : 3358998
3-5-926, Near SBH, Himayatnagar.	Ph. : 3227693
4-1-826/40/B, Victoria Chambers, J.N. Road,Abids.	Ph. : 4741344
5-1-743/5 & 6, Bank Street, Kothi.	Ph. : 4617455
37, Sai Krupa Mkt, Mahaboob Mansion, Malakpet.	Ph. : 4553644

تہ نتيجو هرگز سٺو نہ نڪرندو، ان جو اثر نگر توڙي راڄ، ٻنهي تي پوندو. تنهن ڪري مان چاهيان ٿو تہ تون ڪجھ وقت لاءِ پنهنجون پبلڪ مشغوليون بند ڪري ڇڏين! مان تنهنجي اِن معاملي ۾ مدد ڪري سگهان ٿو، اگر تون چاهين تہ...؟'

پپوءَ جا وار ڪڙا ٿي ويا. من ۾ آيس تہ اهو پيپر ويٽ ڪٽي منسٽر جو ميڄالو پچي ڇڏي، جنهن ڪيس ڪانئرتا جو درس ٿي ڏنو. پر هو غصو پي ويو. درڍتاسان چيائين، 'منسٽر صاحب! اوهان جي صلاح ۽ مدد جي آڇ لاءِ ڌنيواد! پر اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ مان ڪالاڻي خاندان جو اُهو فرد آهيان، جنهن خاندان جي هڪ نوجوان ديش صدقي شهيدي قبول ڪئي هئي!'

ايترو چئي پپو ڪالاڻي اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ بريف ڪيس کڻي منسٽر جي چيمبر مان ٻاهر نڪري آيو!

ٻئي ڏينهن صبح جو اخبارن ۾ ٻن اهم گهٽنائن جون خبرون ڇپيون -سرخين سان!

پهرين اهم خبر هئي تہ: اُلهاسنگر مان چونڊيل اسيمبلي ميمبر ۽ ميونسپل پريزيڊنٽ شري سريش ڪالاڻي جيڪو پپو ڪالاڻي نالي سان مشهور آهي، تنهن کي دادر جي پبلڪ ٽيليفون بوٿ وٽان گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس مان پتو پيو آهي تہ ڪنهن زمين جي معاملي جي جاچ جي سلسلي ۾ کيس گرفتار ڪيو ويو آهي. معاملي جي جاچ چالو آهي. اُلهاسنگر واسين ۾ ڪاوڙ آهي.

۽ ٻي خبر هئي تہ: اُلهاسنگر جو رهواسي شيام لال هميشھ جيان شام جو پنڌ ڪرڻ نڪتو هو. ڏيئن ٻرڻ مهل جيئن ئي هو آرتي ٻڌڻ لاءِ جتي لاهي مندر ۾ داخل ٿيڻ لڳو تہ اُمالڪ ٻہ گوليون پنيان اچي لڳس. هو اُتي ئي مندر جي چائنٽ وٽ ڪري پيو. ماڻهن ۾ ٿا ڪوڙو پئجي ويو. پڇن ڪيرتن اوچتو بند ٿي ويو. شيام لال ٿوري دير ڦٿڪيو پر جلد ئي سندس پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويو! چائنٽ وٽ ئي رت جو هڪ ڏُٻو ٺهي ويو هو...

ماڻهو اُن ڳاڙهي رنگ جي ماروتي ڪار پوئتان ڊوڙيا، جنهن مان ئي گوليون ڇوڙيون ويئون هيون، ليڪن منهن اونداهيءَ سبب اُها سندن اکين کان اوجهل ٿي ويئي...

Fine Gold & Diamond Jewellery

Dwarkadas Chandumal

JEWELLERS

Where Purity Is First Principle

We Accept

CITIBANK CARDS

Exporters & Importers & Bullion Merchants

Govt. Approved Valuers

دوارکاداس چاندومل جویلرس

Proprietor : Dwarkadas C. Tulsiani

Check in for the original collection from
Dubai, Italy & Singapore only at

184/186, Zaveri Bazar, Opp. Bullion Exchange, Mumbai - 400 002.
Tel. : Showroom: 241 3935, 240 5498 Fax : (022) 240 8222
E-mail : dcjwell@bom5.vsnl.net.in www : dwarkadas chandumal.com

تہ نتيجو هرگز سٺو نہ نڪرندو، ان جو اثر نگر توڙي راڄ، ٻنهي تي پوندو. تنهن ڪري مان چاهيان ٿو تہ تون ڪجهہ وقت لاءِ پنهنجون پبلڪ مشغوليون بند ڪري ڇڏين! مان تنهنجي اِن معاملي ۾ مدد ڪري سگهان ٿو، اگر تون چاهين تہ...؟'

پپوءَ جا وار ڪڙا ٿي ويا. من ۾ آيس تہ اهو پيپر ويٽ ڪٽي منسٽر جو ميڄالو ٻيڇي ڇڏي، جنهن ڪيس ڪانئرتا جو درس ٿي ڏنو. پر هو غصو پي ويو. درڍتاسان چيائين، ’منسٽر صاحب! اوهان جي صلاح ۽ مدد جي آڇ لاءِ ڌنيواد! پر اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ مان ڪالاڻي خاندان جو اُهو فرد آهيان، جنهن خاندان جي هڪ نوجوان ديش صدقي شهيدي قبول ڪئي هئي!'

ايترو چئي پپو ڪالاڻي اُٿي کڙو ٿيو ۽ بريف ڪيس کڻي منسٽر جي چيمبر مان ٻاهر نڪري آيو!

ٻئي ڏينهن صبح جو اخبارن ۾ ٻن اهم گهٽنائن جون خبرون ڇپيون -سرخين سان!

پهرين اهم خبر هئي تہ: اُلهاسنگر مان چونڊيل اسيمبلي ميمبر ۽ ميونسپل پريزيڊنٽ شري سريش ڪالاڻي جيڪو پپو ڪالاڻي نالي سان مشهور آهي، تنهن کي دادر جي پبلڪ ٽيليفون بوٿ وٽان گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس مان پتو پيو آهي تہ ڪنهن زمين جي معاملي جي جاچ جي سلسلي ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو آهي. معاملي جي جاچ چالو آهي. اُلهاسنگر واسين ۾ ڪاوڙ آهي.

۽ ٻي خبر هئي تہ: اُلهاسنگر جو رهواسي شيام لال هميشہ جيان شام جو پنڌ ڪرڻ نڪتو هو. ڏيئڻ ٻرڻ مهل جيئن ئي هو آرتي ٻڌڻ لاءِ جتي لاهي مندر ۾ داخل ٿيڻ لڳو تہ اُماڪ ہ گوليون پٺيان اچي لڳس. هو اُتي ئي مندر جي چائنٽ وٽ ڪري پيو. ماڻهن ۾ ٿا ڪوڙو پئجي ويو. پڇن ڪيرتن اوچتو بند ٿي ويو. شيام لال ٿوري دير ڦٿڪيو پر جلد ئي سندس پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويو! چائنٽ وٽ ئي رت جو هڪ ڏٻو ٺهي ويو هو...

ماڻهو اُن ڳاڙهي رنگ جي ماروتي ڪار پوئتان ڊوڙيا، جنهن مان ئي گوليون ڇوڙيون ويئون هيون، ليڪن منهن اونداهيءَ سبب اُها سندن اکين کان اوجهل ٿي ويئي...

With Best Compliments from

SIRUMAL M. BABANI

Chairman

SONA SYSTEMS & HOME APPLIANCES PVT. LTD.

•

WHOLESALE & RETAIL
ELECTRONICS DEALERS

•

R. O. 1-2-166/4, Sarojini Devi Road,
Secunderabad - 500 003.
web. : www.sonasystems.com
E-mail www.sonasystems@kishore.com
PHONE : 7813472 - 7849531

TERMINALS AT :

7-1-23/1, Fly Over - Greenland Turn, Ameerpet	Ph. : 3736302
6-3-340/28/214, Road No. 1, Banjara Hills	Ph. : 3358998
3-5-926, Near SBH, Himayatnagar.	Ph. : 3227693
4-1-826/40/B, Victoria Chambers, J.N. Road,Abids.	Ph. : 4741344
5-1-743/5 & 6, Bank Street, Kothi.	Ph. : 4617455
37, Sai Krupa Mkt, Mahaboob Mansion, Malakpet.	Ph. : 4553644.

With Best Compliments From :



Jiwat Paryani

OF

INDIA CARPETS

601, Prahlad, Opp Arya Samaj, Linking Road,
Santacruz, Mumbai 400 054. Res. 649 0264

ماڻهو مرڻئي نہ ماڻهو - پکي مرڻئي نہ ڪنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ - اچي بوءِ بهار جي.

يگ پرش

'دادا رام بي. مونواڻي'

سيني جي دلين تي اڪريل آهي.

شيوا ۾

موهن ڪيسواڻي



Mohan Keswani : Proprietor - SAM INTERNATIONAL,
Block No. 14/108, Anand Nagar, Santacruz (E),
Mumbai - 400 055. © 6183078 - Fax : 91 - 22 - 6103734

With Best Compliments from :

UDHAWDAS & SONS

Wholesale Distributors : **TATA** Svadeshi

etacol

Associate Concerns :

- TALRAJA TRADING CO.
- S. LAL ENTERPRISES
- GEETA TEXTILES

286, Kalbadevi Road, P. B. No. 2849, MUMBAI - 2.
© Off. : 203 93 08, 205 09 30, 206 47 57
Res. : 218 65 75, 218 55 90, 218 77 67

DON'T WORRY

Advance Tickets for CENTRAL & WESTERN Railway

☆ ☆ ☆

Please Contact

Phone : Office 2065518 ★ 2084015 ★ 2054901 ★ 2054904

HARISONS TRAVELS

Authorised by Govt. of India (Ministry of Railway) Member of Travellers Service Agents Association of Bombay (Regd.)

353, Mani Mahal, Kalbadevi Road,

Mumbai - 400 002.

DO YOU WANT HOUSE

LIFE PARTNER, EMPLOYMENT OR

MAID-SERVANT

Meet : 11 a.m. to 5.00 p.m. Daily

Write : **Mohan Chainani**

MARRIAGE GUIDE

B-3, Meera Mansion, 1st Floor,

Near Bank of India, Sion Circle,

Mumbai - 400 022.

Phone ✆ : 407 54 40

With Best Compliments From :



KUMAR & RAMESH TAURANI

Tips Cassettes & Records Co.

Cassettes ■ Records ■ CD's

Tips Industries Pvt. Ltd.

Plot No. A-18, Opp. Laxmi Industrial Estate,
Off New Link Road, Andheri (W)
MUMBAI - 400 058
Tel : 632 0839, 632 0854, 632 1042
Fax : 91-22-632 0612 Cable : "TAURANIS"

With Best Compliments From :

G. R. Karamchandani

SONE CONSTRUCTION COMPANY

**ULUBARI, MANIRAM DEWAN LANE,
GUWAHATI (ASSAM).**

Jeikee hujeyee kare chhd yaar je hawale
Hunhinjoon mirya-ee khushiyoon
Gam paan piyo sanbhale

Surrender everything you have to God,
Be it happiness or sadness he will take care.
-Hundraj 'Dukhyal'

Deewali Greetings From

ARJUN TOLANI

M/s. Geeta Exports

1st floor, Link Palace,
Opp. Kamat Club,
Lokhandwala Complex, Andheri (E), Mumbai – 400 093

Tel.: 634 4005 – 632 6501

सही कपडे सही दाम सही सोच

सूट रु. 2000 से लेकर
वेइस्ट कोट अलग.

शर्ट्स, प्लेन, स्ट्राईप्स, चेक्स 145 रुपये
और अधिक ट्राऊजर्स रुपये 295 और अधिक.

टी-शर्ट्स रुपये 150 और अधिक,
जीन्स रुपये 375 और अधिक.

Cambridge

समझदार लोंगों की सही पसंद

® कैम्ब्रिज क्लोदियर्स का रजिस्टर्ड ट्रेडमार्क

कुलाबा :- 1) कॅब्रिज टेक्स्टोरियम फोन : 2841410 2) सोना क्लोदियर्स, फोन:- 2841575
लिकिंग रोड :- कॅम्बटेक्स, फोन:-6452530 **अंधेरी(प)** कॅब्रिज अपॅरल्स फोन:- 6288409
दादर टी.टी.: कलानिधी फोन:- 4127751 **कालबादेवी** :- ब्रिटिश सायकल कं. फोन:-2094650
बोरिवली (प) पॅन्जो फोन:-8985175 **लॅमिंग्टन रोड** :- रॉयल कलेक्शन्स फोन:-3894986
विरार (प) :- मेहता एटरप्रायझेस फोन:-502931 **भिवंडी** :- महावीर ट्रेडर्स, फोन:- 40883
नेरुल :- श्रीजी फोन:-7701950 **उल्हासनगर** :- राजगिरी कलेक्शन फोन:-546420
कोपर खैराणे :- प्रिन्स फोन:-7547168

Cover Designed & Printed at SAI PACK (911)581346/581982

KOONJ DECEMBER 2000 REGD. No. MH/SOUTH/194
Registered as a Newspaper Indian R. N. 11551/61

Rs. 5M

BITTER TRUTH

A TALE OF SINDH TO SINDHUNAGAR

By: Hari Motwani Sindhi